ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
68 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) جمعو 24 جولاءِ 2026 ع 09 صفرالمظفر 1448هه صفحا 06 - ملهه 30 ويهه شمارو (338)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
Friday 24th July 2026

ٽرمپ پاران سعودي عرب سان جوهري معاهدو ابراهيمي معاهدي ۾ شموليت سان مشروط، ايران وڏي قيمت چڪائيندو: آمريڪا

آمريڪي توانائي کاتي ۽ سعودي عرب وچ ۾ طئي ٿيل سول جوهري معاهدي تحت ڪنهن بہ قسم جي يورينيم رچائڻ جي اجازت نہ هوندي، اهو پروگرام رڳو پرامن ۽ غير فوجي مقصدن لاءِ هوندو

معاهدي جي منظوري ضرور ڏني ويندي، پر ان جي بنيادي شرط اها هوندي تہ سعودي عرب عزت ۽ احترام سان ابراهيمي معاهدي ۾ شامل ٿئي، معاهدو جو مدو 30 سال هج رکڻ جو امڪان

ٽرمپ جي پاليسي "اک جي بدلي سر" آهي، هو گلمرنڊڙ رلت سان ايران کي وڏي قيمت چڪائڻي پوندي، هن وقت نئين معاهدي لاءِ تيار ناهي، امڪان آهي تہ ايندڙ ڪجهہ ڏينهن ۾ پنهنجو موقف تبديل ڪري

ان جنگ ۾ تمام گهڻي رتوڇاڻ ٿي آهي ۽ آمريڪا جنگ جي خاتمي لاءِ تعميري ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ تيار آهي، آمريڪا چين سان سٺا لاڳاپا قائم رکڻ چاهي ٿو: آمريڪي اختيارين

واشنگٽن (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ سعودي عرب سان ٿيندڙ سول جوهري معاهدي کي ابراهيمي معاهدي ۾ سعودي عرب جي شموليت سان مشروط ڪري ڇڏيو. ٽروٿ سوشل تي جاري ڪيل بيان ۾ ٽرمپ چيو تہ آمريڪي توانائي کاتي ۽ سعودي عرب وچ ۾ طئي ٿيل سول جوهري معاهدي تحت ڪنهن بہ قسم جي يورينيم رچائڻ جي اجازت نہ هوندي. هن

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

ڀوڻ کي هٿيار طور استعمال ڪرڻ ڀارت جي آبي جارحيت جو واضح ثبوت آهي: شيري رحمان

ڀارت ڀوڻ جو پاڻي پاڪستان ڏانهن ڇڏي لکين ماڻهن کي خطري ۾ وجهي رهيو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينيٽر شيري رحمان ڀارت جي بجي آبي رويي تي سخت تنقيد ڪندي چيو

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم پاران سعودي ولي عهد کي عالمي برادري سان ويجهو تعاون جاري رکڻ جي خاطري

وزيراعظم شهباز شريف سعودي عرب جي ولي عهد ۽ وزيراعظم شهزاده محمد بن سلمان بن عبدالعزيز آل سعود سان ٽيليفون تي ڳالهہ ٻولهہ ڪئي

ڳالهہ ٻولهہ دوران وزيراعظم بحيره احمر ۾ سعودي آئل ٽينڪرز تي حوثي مليشيا جي بزدلاڻي حملن جي شديد ترين لفظن ۾ مذمت ڪئي

ولي عهد شهزاده محمد بن سلمان پاڪستان جي مستقل حمايت ۽ ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ ويجهي پائيدار لاڳاپن کي ساراهيو

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف سعودي عرب جي ولي عهد شهزاده محمد بن سلمان کي يقين ڏياريو آهي تہ پاڪستان امن، سلامتي، استحڪام ۽ بحيره احمر ابنائي هرمز ۽ وسيع ترخطي

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم شهباز شريف سان چيني فرم ايف اي ايم ايس يو اين جو وفد ملاقات ڪندي

سڄي ملڪ ۾ سون جي قيمت ۾ 1800 رپين جي گهٽتائي رڪارڊ

اسلام آباد (اي پي پي) سڄي ملڪ ۾

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم پاران مستونگ ويجهو سيشن جج عبدالحڪيم ڪاڪڙ ۽ جوڊيشل مئجسٽريٽ طارق لاشاري تي فائرنگ جي واقعي جي مذمت

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

ملڪ ۾ "فتنہ الخوارج" ۽ "فتنہ الهندستان" خلاف آپريشنز دهشتگردي جي مڪمل خاتمي تائين جاري رهندا: فيلڊ مارشل

سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي مسلسل ڪوششن سان گڏوگڏ عوام جي غير متزلزل حمايت، بلوچستان ۾ پائيدار امن جي قيام کي يقيني بڻائيندي

پاڪستان جي قومي سلامتي لاءِ خطرو بڻجندڙ دهشتگردن جي ڍانچي کي ختم ڪرڻ لاءِ پختو عزم موجود آهي، مختلف چئلينجز کي منهن ڏيڻ پهرين ترجيح آهي

پرڏيهي سرپرستي هيٺ ڪم ڪندڙ پراڪسي (proxy) عنصر مسلسل بلوچستان ۾ بدامني ۽ غيريقيني صورتحال پيدا ڪرڻ ۽ امن کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن

بلوچستان بي پناهہ قدرتي وسيلن ۽ محب وطن، باصلاحيت توڙي بهادر عوام سان مالامال آهي، جيڪا ئي ان جي اصل طاقت آهن، اجتماعي ڪوششون ضروري آهن

وفاقي ۽ صوبائي حڪومتون بلوچستان جي سماجي ۽ معاشي ترقيءَ لاءِ عوام دوست ۽ جامع منصوبن تي عمل ڪري رهيون آهن، جن جو مقصد صوبي جي تقدير بدلائڻ آهي

راولپنڊي (م ر) پاڪستان فوج جي ميڊيا ونگ (ISPR) پاران جاري ڪيل بيان موجب، فيلڊ مارشل عاصم منير راولپنڊي ۾ جنرل هيڊ ڪوارٽرز (GHQ) ۾ "20 هين نيشنل ورڪشاپ بلوچستان" جي شرڪت ڪندڙن کي خطاب ڪندي چيو تہ دهشتگردي جي مڪمل خاتمي تائين "فتنہ الخوارج" ۽ "فتنہ الهند" خلاف آپريشن جاري رهندا. هن ان عزم جو اظهار ڪيو تہ

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

راولپنڊي: فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جنرل هيڊ ڪوارٽر ۾ 20 هين نيشنل ورڪشاپ بلوچستان جي شرڪت ڪندڙن کي خطاب ڪندي

افغانستان ۾ پاڪستاني فوجي ڪارروايون بابت لڳايل الزام رد ڪريون ٿا: پرڏيهي آفيس

پاڪستان پاران ڪئي ويندڙ هر فوجي ڪارروائي عالمي قانون موجب پنهنجي دفاع جي حق جي استعمال تحت ڪئي وڃي

ايمنسٽي خطي ۾ عدم استحڪام جي اصل سبب جو نوٽيس وٺي، ايمنسٽي انٽرنيشنل کان مطالبو ڪيو تہ اها افغان طالبان پاران دهشتگرد گروهن جي مسلسل سرپرستي جو بہ جائزو وٺي

پاڪستان ۾ رهڻ جي لاءِ افغان شهرين وٽ قانوني دستاويز هجڻ ضروري آهن ۽ غيرقانوني طور تي رهندڙ ماڻهو ملڪي قانونن موجب بي دخلي جي عمل سان مشروط هوندا

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان ايمنسٽي انٽرنيشنل جي تازي رپورٽ ۾ افغانستان ۾ پاڪستاني فوجي ڪارروايون بابت لڳايل الزامن کي رد ڪندي چيو آهي تہ اها دعويٰ ڪنهن معتبر ثبوت کانسواءِ ڪئي وئي آهي ۽ ان ۾ افغان سرزمين تان جنم وٺندڙ دهشتگردي جي بنيادي سبب کي نظرانداز ڪيو ويو آهي. خميس ڏينهن هفتيوار پريس بريفنگ کي خطاب ڪندي پرڏيهي آفيس جي ترجمان طاهر حسين اندرابي چيو تہ

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

سنڌ صوبي ۾ اڄ کان برسات ۽ تيز هوائن جي اڳڪٿي، هاءِ الرٽ رهڻ جي هدايت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي ڊيزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي (پي ڊي ايم اي) سنڌ صوبي ۾ متوقع مون سون برسات ۽ تيز

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت ماحولياتي تحفظ لاءِ اليڪٽرڪ بسون متعارف ڪرائي انقلابي قدم کنيو آهي: شرجيل ميمڻ

برطانوي هاءِ ڪميشن جي اعليٰ سطحي وفد سينيئر صوبائي وزير سان سندس رهائشگاهہ تي ملاقات ڪئي

ملاقات دوران پاڪستان کي درپيش چئلينجز، خطي جي مجموعي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

سنڌ ۾ سيڙپڪاريءَ، نوجوانن جي فني مهارتن، عورتن کي بااختيار بڻائڻ، ماحولياتي تحفظ ۾ سهڪار تي اتفاق

ڪراچي (بيورو رپورٽ) برطانوي هاءِ ڪميشن جي اعليٰ سطحي وفد سنڌ حڪومت جي سينيئر وزير، صوبائي وزير اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ شرجيل انعام ميمڻ سان سندس رهائشگاهہ تي

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

شهيدن جون قربانيون رائيگان نہ وينديون: صدر آصف زرداري

جج عبدالحڪيم ڪاڪڙ ۽ جوڊيشل مئجسٽريٽ طارق لاشاري تي فائرنگ جي مذمت

ٻاهرين سرپرستي ۾ سرگرم ملڪ دشمن عنصرن جا ڪڌا ارادا بہ ڪامياب نہ ٿيندا

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري مستونگ ويجهو سيشن جج عبدالحڪيم ڪاڪڙ ۽ جوڊيشل

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم پاران تيزي سان وڌندڙ آبادي ملڪ لاءِ سڀ کان وڏو چئلينج قرار

وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت ۾ ملڪ ۾ آبادي جي پلاننگ جي حوالي سان اهم اجلاس ٿيو

وڌندڙ آبادي تي ضابطو آڻڻ جي لاءِ قدم ۽ آبادي جي پلاننگ کي قومي فرض سمجهيو وڃي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف تيزي سان وڌندڙ آبادي کي ملڪ لاءِ سڀ کان وڏو چئلينج قرار ڏيندي

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

بلوچستان ۾ سيڪيورٽي فورسز جي ڪارروائي، فتنہ الهندستان جا 6 دهشتگرد مارجي ويا

ڳجهي اطلاع جي بنياد تي آپريشن ڪاميابيءَ سان جاري، سيڪيورٽي فورسز جون مؤثر ڪارروايون تيز

ڪارروائيءَ دوران ڪيترن ئي دهشتگردن کي پڻ گرفتار ڪيو ويو، سهولتڪار سميت مرد ۽ عورت اپگهاتي بمبار بہ شامل

دهشتگرديءَ جي خاتمي ۽ خطي ۾ امن امان جي قيام تائين سيڪيورٽي فورسز جون ڪارروايون مسلسل جاري رهنديون: سيڪيورٽي عملدار

راولپنڊي (اي پي پي) سيڪيورٽي فورسز بلوچستان جي صوبي مستونگ جي علائقي ڪڏ ڪوچ ۾ وقت سر ڪارروائيءَ دوران فتنہ الهندستان جي 6 دهشتگردن کي ماري ڇڏيو جڏهن تہ سهولتڪار سميت مرد ۽

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

پيرو ۾ گهر ۾ باهہ لڳڻ سبب پنجن ٻارن سميت ڏهہ ماڻهو سڙي فوت

ليما (اي پي پي) پيرو جي گادي واري شهر ليما ۾ هڪ گهر ۾ باهہ لڳڻ سبب پنجن

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

آئل ٽينڪرز ۽ ڪنٽريڪٽرز اڳواڻن پاران حڪومت کي 72 ڪلاڪن جو الٽيميٽم

اڳواڻن پاران مطالبن جي منظوري لاءِ ملڪ گير ڦيٿا جام هڙتال جو اعلان ڪيو ويو

ٽن سالن کان آئل ٽينڪرز جي ڀاڙن ۾ ڪو بہ اضافو نہ ڪيو ويو آهي، ڀاڙا وڌايا وڃن: مطالبو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان آئل

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

سنڌ ڪابينا جو اجلاس، پاليسي، گورننس ۽ ترقياتي قدمن بابت وسيع پيڪيج جي منظوري

سرڪاري ملازمن لاءِ رليف جا اوزار، صوبائي هيلٿ انشورنس اسڪيم ۾ واڌ، چار اسٽريٽجڪ ٽاسڪ فورسز جو قيام شامل

اجلاس ۾ تعليمي شعبي ۾ سڌارن سميت صحت ۽ انفراسٽرڪچر بابت اهم فيصلا ڪيا ويا

وڏي وزير پاران منافعي خورن خلاف ڪارروايون وڌيڪ تيز ڪري ڪڻڪ جا لڪايل ذخيرو هٽ ڪرڻ جي هدايت

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ صوبائي ڪابينا جي اجلاس جي صدارت ڪندي پاليسي، گورننس ۽ ترقياتي قدمن جي هڪ وسيع پيڪيج جي منظوري ڏني جنهن ۾ سرڪاري ملازمن لاءِ رليف جا اوزار، صوبائي

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وڏو وزير مراد علي شاهہ اجلاس جي صدارت ڪندي

ڪشمير مسئلو ۽ سنڌ طاس معاهدي جي هڪطرفي معطلي ڏکڻ ايشيا ۾ عدم استحڪام جا سبب آهن: پاڪستان

عالمي برادري ۽ آسيان ريجنل فورم (اي آر ايف) تي زور ڀريو آهي تہ اهي خطي جي بنيادي تڪرارن جي پرامن حل جي حمايت ڪن: نائب وزيراعظم سينيٽر اسحاق ڊار

پراڻي تڪرارن خاص طور تي ڀارت ۽ پاڪستان جي وچ ۾ جموں ۽ ڪشمير جي مسئلي کي حل نہ ڪرڻ سان علائقائي استحڪام کي سنگين خطرا آهن

پاڻي کي بطور هٿيار استعمال ڪرڻ جي ڪوشش عالمي ذميوارين جي خلاف ورزي آهي ۽ ان سان پاڪستان جي 25 ڪروڙ عوام جي زندگي ۽ روزگار کي خطرو آهي

آسيان ريجنل فورم کي ڳالهہ ٻولهہ، عملي تعاون ۽ علائقائي ۽ عالمي سلامتي کي درپيش بدلجندڙ چئلينجن کي منهن ڏيڻ جي پنهنجي صلاحيت کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي لاءِ پنهنجو ڪردار جاري رکڻ گهرجي

منيلا (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار عالمي برادري ۽ آسيان ريجنل فورم (اي آر ايف) تي زور ڀريو آهي تہ اهي خطي جي بنيادي تڪرارن جي پرامن حل جي حمايت

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سينيئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ ميڊيا سان ڳالهائيندي

ڊاڪٽر آڪاش قتل ڪيس ۾ گرفتار ٿيل ٽيئي جوابدار مبينا پوليس مقابلي ۾ مارجي ويا

گلشن معمار ويجهو جوابدار سريش، رام چند ۽ انيل کي پوليس سندن ساٿين جي نشاندهي لاءِ وٺي وئي

ڏوهارين جي فائرنگ ۾ پوليس حراست هيٺ ٽيئي جوابدار ۽ هڪ پوليس اهلڪار زخمي ٿي پيا

زخمين کي جناح اسپتال منتقل ڪيو پئي ويو، پر ٽيئي جوابدار رستي ۾ فوت ٿي ويا: پوليس

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اسپيشل انويسٽيگيشن يونٽ (ايس آءِ يو) / سي آءِ اي ڪراچي جي ٽيم مليرپرسان ٽائون گلشن معمار جي حد احمد بروهي ڳوٺ ناردرن بائي پاس ڪول پلازا ويجهو ڪارروائي دوران پوليس مقابلي ۾ ڊاڪٽر آڪاش قتل ڪيس ۾ گهربل ۽ جاچ هيٺ ٽن جوابدارن کي مارڻ جي دعويٰ ڪئي آهي جڏهن تہ

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: مبينا پوليس مقابلي ۾ مارجي ويلن جا لاش

گهرو وزير پاران ڪراچي ۾ معصوم نينگري جي اغوا ۽ قتل ۾ ملوث فرار جوابدار مقابلي ۾ مارجڻ تي پوليس جي ساراهہ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گهرو وزير ضياءَ الحسن لنجار ٿاڻي جيڪسن جي حدن ۾ ڇهن ورهين جي معصوم نينگري

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

مستونگ ۾ سيشن جج تي دهشتگردن جي حملي ۾ ملوث ڌرين کي منطقي انجام تائين پهچايو ويندو: وفاقي حڪومت

واقعي ۾ ملوث هر ڪردار کي منطقي انجام تائين پهچايو ويندو ۽ ڪنهن بہ قسم جي رعايت نہ ڏني ويندي: وفاقي وزير قانون

حڪومت واقعي کان مڪمل طور آگاهہ آهي ۽ پنهنجون آئيني ۽ قانوني ذميواريون هر صورت ۾ پوريون ڪندي: اعظم نذير تارڙ

دهشتگرديءَ خلاف رياست جي عزم ۾ ڪا ڪمزوري ناهي ۽ امن دشمن ڌرين کي عبرتناڪ انجام تائين پهچايو ويندو

اسلام آباد (اي پي پي) قانون ۽ انصاف واري وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ بلوچستان جي ضلعي مستونگ ۾ سيشن جج عبدالحڪيم ڪاڪڙ تي ٿيل دهشتگرد حملي جي شديد مذمت ڪندي چيو آهي تہ

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

ايم پي اي شام سندر اڏواڻي جي صوبائي وزير ناصر شاهہ سان ملاقات، گلدستو پيش

وڏي وزير سنڌ جي خاص مددگار پنهنجي ڀاءُ لڇمن داس اڏواڻي سان گڏجي خيريت معلوم ڪئي

پ پ اڳواڻن پاران صوبائي وزير ناصر شاهہ مڪمل صحتيابي لاءِ دعا پڻ ڪئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبر ۽ وڏي وزير سنڌ جي خاص مددگار براءِ اقليتي معاملا ڊاڪٽر شام سندر

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: ايم پي اي شام سندر اڏواڻي صوبائي وزير ناصر شاهہ کي گلدستو ڏيندي

اسلام آباد: نيب چيئرمين، ليفٽيننٽ جنرل (ر) نذير احمد، نيب هيڊ ڪوارٽر ۾ سنڌ صوبائي سروس جي ڏهين سينئر مئنيجمينٽ ڪورس جي شرڪت ڪندڙن کي خطاب ڪندي

وڏي وزير پاران بلوچستان ۾ مسافر بس تي ٿيل دهشتگرد حملي جي سخت لفظن ۾ مذمت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ بلوچستان جي ضلعي مستونگ ۾ مسافر بس تي ٿيل دهشتگرد حملي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو جي اجلاس کي خطاب ڪري رهيو آهي

سنڌ کي آئيني ۽ قانوني حصي جو پاڻي نہ مليو تہ زمينون بنجر ٿي وينديون: صدرالدين شاهہ

صوبو ڏڪار جو شڪار بڻجي ويندو ۽ ان جا سنگين اثر ايندڙ نسلن کي ڀوڳڻا پوندا

ٻيرلوءِ ۾ احتجاجي ڪئمپ تي پوليس چڙهائي ۽ گرفتارين جي مذمت ڪريون ٿا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جي صدر سيد صدرالدين شاهہ راشدي چيو آهي تہ جيڪڏهن

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي بنجر ۽ متاثر زرعي زمينن جي بحالي لاءِ بايوچار ٽيڪنالاجي استعمال ڪرڻ تي غور

فصلن جي باقيات، ڪاٺيءَ جي ڇيس ۽ مال جي ڇيڻي مان تيار ٿيندڙ ڪاربين استعمال ڪيو ويندو

منصوبي کي بينظير هاري ڪارڊ تحت رجسٽرڊ ساڍا ٽي لک هارين ذريعي متعارف ڪرايو ويندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت پاران موسمياتي تبديليءَ کي منهن ڏيڻ ۽ بنجر زرعي زمينن جي بحاليءَ لاءِ فصلن جي باقيات، ڪاٺيءَ جي ڇيس ۽ مال جي ڇيڻي جهڙي نامياتي فضلي مان تيار ٿيندڙ

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

مهراڻ يونيورسٽي جي استاد ڪاشف ابڙو مئٿميٽڪس سائنسدان جو اعزاز ماڻي ورتو

ڪراچي ۾ هڪ شاندار تقريب ۾ گورنر نهال هاشمي ۽ صوبائي وزير اسماعيل راهو اعزاز ڏنو

اعزاز منهنجي محنت، استقامت ۽ الله پاڪ جي بي پناهہ مهرباني جو ثمر آهي: ڊاڪٽر ڪاشف

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) مهراڻ يونيورسٽي جي انسٽيٽيوٽ آف مئٿميٽڪس جي استاد پروفيسر ڊاڪٽر ڪاشف علي ابڙو اپلائيڊ مئٿميٽڪس جي سائنسدان طور اعزاز سان نوازيو ويو آهي. ان حوالي سان ڪراچي ۾

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

Higher Education Commission of Pakis

حيدرآباد: مهراڻ يونيورسٽي جو استاد ڪاشف ابڙو کي سائنسدان جو اعزاز ڏنو پيو وڃي

آمريڪي حملن جي جواب ۾ ايران پاران اردن ۽ ڪويت ۾ آمريڪي هدفن کي نشانو بڻائڻ جي دعويٰ

ايران اردن ۾ آمريڪي فوجي ساز و سامان تي حملو ڪري ان کي تباهہ ڪري ڇڏيو: پاسداران انقلاب

هدفن ۾ آمريڪي ٿاڊ ميزائل دفاعي نظام سان تعلق رکندڙ ريڊار، پيٽرياٽ سسٽم، هڪ سي ريم ريڊار ۽ هڪ هيليڪاپٽر هينگر شامل

ڪويت ۾ پاڻيءَ کي صاف ڪندڙ ۽ بجلي پيدا ڪندڙ اهم تنصيبات سان گڏوگڏ ڪويت، بحرين ۽ اردن ۾ آمريڪي فوجي ماڳن کي نشانو بڻايو

تهران (اي پي پي) ايران آمريڪي حملن جي جواب ۾ خميس ڏينهن اردن ۽ ڪويت ۾ آمريڪي هدفن کي نشانو بڻائڻ جي دعويٰ ڪئي آهي. پرڏيهي ميڊيا موجب ايران جي پاسداران انقلاب خميس ڏينهن اعلان ڪيو تہ ايران اردن ۾ آمريڪي فوجي ساز و سامان تي حملو ڪري ان کي تباهہ ڪري ڇڏيو آهي پاسداران انقلاب طرفان جاري ڪيل ۽ سرڪاري ٽي وي تي نشر ٿيل هڪ بيان موجب هدفن ۾ آمريڪي ٿاڊ ميزائل

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

جيلن جو مقصد صرف سزا ڏيڻ نہ پر حقيقي اصلاحي مرڪز بڻائڻ آهي: علي حسن زرداري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير ورڪس اينڊ سروسز ۽ جيل سنڌ علي حسن زرداري ڪراچي سينٽرل جيل جو تفصيلي

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

گوسڙو ۽ رٽائرڊ ملازمن جي پگهارن جي نالي تي اربين رپيا هڙپ، حيسڪو جا 4 آفيسر برطرف

حيسڪو ۾ گوسڙو ۽ رٽائرڊ ملازمن جي نالي تي پگهارن جي مد ۾ هڪ ارب 6 ڪروڙ رپين جي مالي گهوٽالي جو انڪشاف

حيسڪو جي ڊي ڊي او ايگزيڪيوٽو انجنيئر (ايڪسئين) ۽ چيف فنانشل آفيسر (سي ايف او) آفيس جي ڳٺ جوڙ سان سرڪاري رقم ۾ ڦيرڦار ڪئي وئي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي (پي اي سي) جي اجلاس دوران حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪمپني (حيسڪو) ۾ گوسڙو ۽ رٽائرڊ ملازمن جي نالي تي پگهارن جي مد ۾ هڪ ارب 6 ڪروڙ رپين جي مالي گهوٽالي جو انڪشاف ٿيو آهي. آڊٽ رپورٽ موجب حيسڪو جي ڊي ڊي او ايگزيڪيوٽو انجنيئر (ايڪسئين) ۽ چيف فنانشل آفيسر

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

ايس ايس يو اي ٽي جي بايوميڊيڪل انجنيئرنگ شعبي ۾ پهرين پي ايڇ ڊي مڪمل

اي پي اين ايس جي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر ڊاڪٽر تنوير احمد طاهر جي نياڻي انجنيئر ثانيا اعزاز ماڻيو

تحقيقي ڪم چيئرپرسن پروفيسر ڊاڪٽر سدره عابد سيد جي نگراني هيٺ مڪمل ٿيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سر سيد يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي جي بايوميڊيڪل انجنيئرنگ شعبي هڪ اهم تاريخي سنگ ميل عبور ڪندي پنهنجي پهرين پي ايڇ ڊي جي ڪامياب تڪميل

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

ڪراچي بايوميڊيڪل انجنيئرنگ شعبي ۾ پهرين پي ايڇ ڊي مڪمل ڪندڙ ثانيہ تنوير

ڪراچي: سافا بورڊ جو سيڪريٽري ضياءُ المصطفيٰ (فائيل فوٽو)

گڏاپ ۾ جاپاني حڪومت جي سهڪار سان ايليمينٽري اسڪول جو افتتاح

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جاپاني حڪومت جي سهڪار سان گڏاپ جي راڌو جوکيو ڳوٺ ۾ تعمير ڪيل ايليمينٽري اسڪول

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

سينيٽ ڪميٽي جو فلم "ٻلها" تي اعتراض، نالو تبديل نہ ٿيڻ تي رليز روڪڻ جي سفارش

پيڪا، اين سي سي آءِ اي، صحافين جي پلاٽن، ريڊيو پاڪستان جي پينشنرن جا معاملا بہ غور هيٺ

ڪميٽي بابا بلهي شاهہ جي تعليمات جي ميڊيا غلط پيشڪش تي ڳڻتي ظاهر ڪندي نالي ۾ تبديليون آڻڻ جو مطالبو ڪيو

پي آءِ ڊي کي مقامي اخبارن لاءِ 25 سيڪڙو اشتهار ڪوٽا تي عمل، صحافين جي هاؤسنگ ۽ پينشنن جا مسئلا جلد حل ڪرڻ جون هدايتون

اسلام آباد (پ ر) سينيٽ جي قائمه ڪميٽي براءِ اطلاعات ۽ نشريات جو اجلاس قائمه ڪميٽي جي چيئرمين سينيٽر سرمد علي جي صدارت

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

سافا بورڊ عوامي ادارن لاءِ اي ايس جي فريم ورڪ جي منظوري ڏئي ڇڏي

ڪولمبو اجلاس ۾ پاڪستان سميت ڏکڻ ايشيا جي ماهرن تيار ڪيل فريم ورڪ منظور

اي ايس جي فريم ورڪ سان شفافيت، جوابدهي، پائيداري ۽ بهتر عوامي حڪمراني کي هٿي ملندي

فريم ورڪ پاڪستان جي عوامي ادارن کي عالمي معيارن مان هم آهنگ بڻائڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو: ضياءُ المصطفيٰ اعوان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سافا بورڊ ڏکڻ ايشيا جي عوامي انتظامي ادارن لاءِ اي ايس جي فريم ورڪ (ورزن 1) جي اختيار ڏئي ڇڏي ساؤٿ ايشين فيڊريشن آف اڪائونٽنس (SAFA) جي پبليڪيشن سيڪريٽري

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

ارسا صوبن وچ ۾ پاڻي جي شفاف ورڇ ڪرائڻ ۾ ناڪام ٿي آهي، اڄ سڄي سنڌ ۾ مظاهرا ٿيندا: نثار کهڙو

پاڻي قومي اثاثو آهي جنهن جي تحفظ لاءِ پاڪستان پيپلز پارٽي جدوجهد جي ميدان ۾ آهي

ڀارت هڪ طرفو سنڌ طاس معاهدي کي معطل ڪري سنڌو درياهہ جو پاڻي روڪڻ جي ڪوشش ڪري پيو

ڪي ٽي پي ۽ چشمہ جهلم لنڪ ڪئنال کي وهائي سنڌو جي پاڻي تي ڌاڙو هنيو پيو وڃي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر نثار احمد کهڙو سنڌ کي پنهنجي حصي جو پاڻي نہ ملڻ، جالاپور ڪئنال، ٽي پي ۽ چشمہ جهلم لنڪ ڪئنالن ۾ پاڻي وهائڻ واري عمل کي غير آئيني، غير قانوني ۽ 1991ع جي پاڻي ٺاهہ جي ڀڃڪڙي ۽ گڏيل مفادن واري ڪائونسل (سي سي آءِ) جي آئيني حيثيت

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

ٻيرلوءِ ٻاءِ پاس تي جاري احتجاجي ڌرڻي تي پوليس چڙهائي، 25 کان وڌيڪ اڳواڻ گرفتار

پوليس اتان ڌرڻي ۾ شريڪ ٻريا ايڪشن ڪميٽي جي اڳواڻن سهڻي پارس، لياقت جلباڻي ۽ ٻين کي گرفتار ڪيو

ڌرڻي ۾ موجود عورتن، نوجوانن ۽ ٻين شرڪت ڪندڙن خلاف بہ طاقت استعمال ڪيو ويو

پوليس اهلڪارن صحافي حيدر مستوئي، سلطان رند ۽ ٻين کان موبائيل فون کسي ورتا

سکر (بيورو رپورٽ) ٻريا ايڪشن ڪميٽي جي سڏ تي معصوم نياڻي ٻريا ڪماري سميت سنڌ جي مختلف علائقن مان گم ۽ اغوا ٿيل 27 معصوم ٻارڙن جي بازيابي لاءِ ٻيرلوءِ ٻاءِ پاس تي جاري احتجاجي ڌرڻي

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

ڪارروائي خلاف صحافتي تنظيمن، سول سوسائٽي جي تنظيمن ۾ ڳڻتي جي لهر

گرفتار ڪيل سمورن ماڻهن، صحافين کان ورتل موبائيل فون واپس ڪيا وڃن: اڳواڻ

واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي ذميوارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي

سکر: ٻئي طرف پوليس ڪارروائي خلاف صحافتي تنظيمن سول سوسائٽي ۽ انساني حقن جي تنظيمن ۾ سخت ڳڻتي جي لهر

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

ٻيرلوءِ ۾ پوليس گردي، بدترين آمريت ۽ انساني حقن جي ڀڃڪڙي آهي: جماعت اسلامي

پرامن احتجاج ڪندڙ وارثن، وڪيلن، صحافين، سياسي ۽ سماجي ڪارڪنن تي تشدد مذمت جوڳو آهي

گم ٿيل معصوم ٻارڙن جي بازيابي لاءِ اثرائتا اپاءَ وٺي پرامن مظاهرين کي آزاد ڪيو وڃي: مطالبو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جماعت اسلامي

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

واقعي ڪانپوءِ بہ ٻيرلوءِ ٻاءِ پاس تي پوليس جي وڏي نفري مقرر

سکر: واقعي ڪانپوءِ بہ ٻيرلوءِ ٻاءِ پاس تي

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

صحافي ساحل جوڳي کي آزاد نہ ڪيو تہ پوري سنڌ ۾ آر يو جي احتجاج ڪيو ويندو: غلام عباس پنهور

سکر: ريجنل يونين آف جرنلسٽس

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

سنڌ بار ڪائونسل پاران ٻريا ڪماري ۽ ٻين گم ٿيل ٻارن جي بازيابي لاءِ اڄ عدالتي بائيڪاٽ جو اعلان

گم ٿيل ٻارن جي بازيابي نہ ٿيڻ انتهائي افسوسناڪ ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي ناڪامي آهي: اڳواڻ

ٻيرلوءِ بائي پاس تي جاري پرامن ڌرڻي تي رات دير سان پوليس ڪارروائي جي سخت مذمت ڪريون ٿا

اڄ سڄي سنڌ ۾ وڪيل برادري احتجاج ڪندي، عدالتي ڪارروائين جو بائيڪاٽ ڪيو ويندو: اعلان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ بار ڪائونسل پاران اڄ سڄي سنڌ ۾ عدالتي بائيڪاٽ جو اعلان، سنڌ بار ڪائونسل جي وائيس چيئرمين بئريسٽر اشتياق احمد ميمڻ ۽ ايگزيڪيوٽو ڪميٽيءَ جي قائم مقام

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ نينگري جي اغوا ۽ قتل ڪيس ۾ ڇاپي دوران مقابلو، هڪ ڄڻو مارجي ويو

جيڪسن پوليس اسٽريٽ مبارڪ مسجد سي سائيڊ ۾ پهتي تہ مقابلو ٿي پيو

فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ شڪي جوابدار زخمي ٿيو جيڪو بعد ۾ فوت ٿي ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جيڪسن ٿاڻي جي

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ جهنگ مان 7 سالن جي نينگري جو لاش هٿ آيو، اسپتال منتقل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ماڙيپور ٿاڻي جي حد منوڙا ڪچهي لائن جي ويجهو جهنگ

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: برطانوي هاءِ ڪمشنر جين ميريٽ وفاقي وزير واپار جام ڪمال خان سان اسلام آباد جي واپار واري وزارت ۾ ملاقات ڪندي

سال (18) جمعو 24 جولاءِ 2026 ع 09 صفرالمظفر 1448هه صفحا 06 - ملهه 30 ويهه شمارو (301)
Daily Ibrat Karachi

بقايا 1 روزاني عبرت

سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي مسلسل ڪوششن سان گڏوگڏ عوام جي غير متزلزل حمايت، بلوچستان ۾ پائيدار امن جي قيام کي يقيني بڻائيندي فيلڊ مارشل ان عزم جو ورجاءُ ڪيو ته "فتنه الخوارج" ۽ "فتنه هندوستان" خلاف آپريشن دهشتگردي ۽ ان جي سهولتڪارن جي مڪمل خاتمي تائين پوري طاقت سان جاري رهندا، پاڪستان جي قومي سلامتي لاءِ خطرو بڻجندڙ دهشتگردن جي ڍانچي کي ختم ڪرڻ لاءِ پختو عزم موجود آهي هن چيو ته پرڏيهي سرپرستي هيٺ ڪم ڪندڙ پراڪسي (proxy) عنصر مسلسل بلوچستان ۾ بدامني ۽ غير يقيني صورتحال پيدا ڪرڻ ۽ امن کي سبوتاڙ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن.

بقايا 2 روزاني عبرت

آهي ۽ ان ۾ افغان سرزمين تان جنم وٺندڙ دهشتگردي جي بنيادي سبب کي نظرانداز ڪيو ويو آهي خميس ڏينهن هفتيوار پريس بريفنگ کي خطاب ڪندي پرڏيهي آفيس جي ترجمان طاهر حسين اندرابي چيو ته پاڪستان رپورٽ ۾ هنيل الزامن کي مڪمل طور تي رد ڪري ٿو هن چيو ته پاڪستان پاران ڪئي ويندڙ هر فوجي ڪارروائي عالمي قانون موجب پنهنجي دفاع جي حق جي استعمال تحت ڪئي وئي. هن چيو ته تحريڪ طالبان پاڪستان (ٽي ٽي پي)، بلوچستان لبريشن آرمي (بي ايل اي) ۽ ٻيا وابسته دهشتگرد گروهه طالبان انتظاميا تحت افغانستان ۾ محفوظ ٺڪاڻا رکن ٿا جتان اهي پاڪستان جي خلاف سرحد پار دهشتگرد حملن جي منصوبابندي ۽ ڪارروايون ڪن ٿا. ترجمان چيو ته افغان سرزمين تان منصوبابندي ۽ معاونت حاصل ڪندڙ دهشتگرد حملن ۾ هزارين پاڪستاني جانيون ۽ پاڪستان جون ڪارروايون رڳو دهشتگردن جي ٺڪاڻن ۽ انهن جي لاجسٽڪ مرڪزن کي نشانو بڻائڻ تائين محدود رهيون آهن جن ۾ احتياط ۽ متناسب طاقت جي استعمال جي اصولن جو مڪمل خيال رکيو ويو هن عالمي برادري تي زور ڀريو ته اها خطي ۾ عدم استحڪام جي اصل سبب جو نوٽيس وٺي هن ايمنسٽي انٽرنيشنل کان مطالبو ڪيو ته اها افغان طالبان پاران دهشتگرد گروهن جي مسلسل سرپرستي جو پڻ جائزو وٺي ۽ گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي لاڳاپيل قراردادن ۽ دوحه معاهدي تحت طالبان حڪومت جي ذميوارين جو احتساب ڪري ترجمان يمن جي حوثي مليشيا پاران سعودي عرب ۽ بحيره احمر ۾ واپاري سامونڊي جهازن جي خلاف ڌاڙين ڌمڪين جي پڻ شديد مذمت ڪئي هن چيو ته پاڪستان پاڪستاني جهنڊي بردار سامونڊي جهازن يا ملڪ جي سامونڊي مفادن جي خلاف ڪنهن به جارحاڻي قدم کي قومي سلامتي جي لاءِ سنگين خطرو تصور ڪري ٿو ۽ عالمي قانون موجب پنهنجي دفاع ۾ سمورن ضروري قدمن جو حق محفوظ رکي ٿو هڪ سوال جي جواب ۾ طاهر حسين اندرابي چيو ته پاڪستاني مفادن تي ڪنهن به حملي کي پاڪستان تي حملو تصور ڪيو ويندو

بقايا 3 روزاني عبرت

مئجسٽريٽ طارق لاشاري تي فائرنگ جي شديد مذمت ڪندي چيو آهي ته ٻاهرئين سرپرستي ۾ سرگرم ملڪ دشمن عنصرن جا ڪڌا ارادا ڪڏهن به ڪامياب نه ٿيندا. خميس ڏينهن ايوان صدر جي پريس ونگ پاران جاري بيان ۾ صدر آصف علي زرداري سيشن جج عبدالحڪيم ڪاڪڙ ۽ سندس گنن مين جي شهادت تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي شهيدن جي درجن جي بلنديءَ ۽ سوڳوار خاندانن جي لاءِ صبر جميل جي دعا ڪئي صدر آصف علي زرداري چيو ته شهيدن جون قربانيون رائيگان نه وينديون هن زخمي جوڊيشل مئجسٽريٽ طارق لاشاري ۽ ٻين زخمين جي جلد صحتيابي لاءِ دعا ڪندي چيو ته ٻاهرئين سرپرستي ۾ سرگرم ملڪ دشمن عنصرن جا ڪڌا ارادا ڪڏهن به ڪامياب نه ٿيندا. هن چيو ته پاڪستان دهشتگردي جي لعنت جي مڪمل خاتمي تائين پنهنجي جدوجهد جاري رکندو صدر چيو ته دهشتگرد عنصر ۽ انهن جا سهولتڪار پاڪستان جي امن ۽ رياستي ادارن جي عزم کي ڪڏهن به ڪمزور نه ٿا ڪري سگهن

بقايا 4 روزاني عبرت

چيو آهي ته آبادي جو توازن پائيدار قومي ترقي جي ضمانت آهي وڌندڙ آبادي تي ضابطو آڻڻ جي لاءِ قدم ۽ آبادي جي پلاننگ کي قومي فرض سمجهيو وڃي وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران خميس ڏينهن جاري ڪيل بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت ۾ ملڪ ۾ آبادي جي پلاننگ جي حوالي سان اهم جائزه اجلاس ٿيو اجلاس ۾ منصوبابندي ۽ ترقي جو وفاقي وزير احسن اقبال اقتصادي معاملن جو وفاقي وزير احد خان چيمه، قومي صحت جي وفاقي وزير سيد مصطفيٰ ڪمال اطلاعات ۽ نشريات جي وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ ۽ لاڳاپيل اعليٰ سرڪاري آفيسر شرڪت ڪئي وزيراعظم چيو ته آبادي جي منصوبابندي کي قومي ترقي، معاشي استحڪام ۽ انساني وسيلن جي بهتري سان هم آهنگ ڪرڻ جي ضرورت آهي. آبادي جي پلاننگ جي قدمن بابت صوبن سان رابطن ۽ هم آهنگي کي وڌيڪ بهتر بڻايو وڃي وڌندڙ آبادي تي ضابطو آڻڻ ۾ هڪ موثر عوامي آگاهي مهم جو اهم ڪردار آهي وزيراعظم نيشنل پاپوليشن ڪائونسل جو اجلاس جلد کان جلد گهرائڻ جي هدايت ڪئي اجلاس کي ملڪ ۾ وڌندڙ آبادي، آبادي جي پلاننگ ۽ نيشنل پاپوليشن ڪائونسل جي اجلاس جي تيارين بابت بريفنگ ڏني وئي اجلاس کي ٻڌايو ويو ته نيشنل پاپوليشن ڪائونسل جو اجلاس جلد سڏايو ويندو جنهن ۾ سڀني صوبن ۽ گلگت بلتستان جا وڏا وزير آزاد ڪشمير جو وزيراعظم ۽ ٻين سڀني لاڳاپيل ادارن جا نمائندا ۽ لاڳاپيل ڌريون شرڪت ڪنديون ته جيئن آبادي جي پلاننگ بابت جي حوالي سان جامع حڪمت عملي جوڙي سگهجي نيشنل پاپوليشن ڪائونسل سيڪريٽريٽ جو آپريٽنگ طريقيڪار جوڙيو ويو آهي.

بقايا 5 روزاني عبرت

۽ ڀارت پاران سنڌ طاس معاهدي کي هڪطرفي طور تي معطل رکڻ جو فيصلو ڏکڻ ايشيا ۾ عدم استحڪام جا بنيادي سبب آهن نائب وزيراعظم اهڙن خيالن جو اظهار خميس ڏينهن هتي اي آر ايف جي 33هين وزارتي اجلاس کي خطاب ڪندي ڪيو

بقايا 6 روزاني عبرت

خلاف پوليس وڏي ڪارروائي ڪندي ڌرڻي تي چڙهائي ڪري ڇڏي ڪارروائي دوران پريا ايڪشن ڪميٽي جي اڳواڻن سهڻي پارس، لياقت جلباڻي سميت 25 کان وڌيڪ ماڻهن کي گرفتار ڪري اڻڄاتل هنڌ منتقل ڪيو ويو ذريعن موجب پوليس ڌرڻي ۾ موجود عورتن نوجوانن ۽ ٻين شرڪت ڪندڙن خلاف به طاقت استعمال ڪئي، جنهن سبب ڌرڻي واري هنڌ تي ڇڪتاڻ واري صورتحال پيدا ٿي وئي پوليس بعد ۾ احتجاج ختم ڪرائي ڌرڻي جو سامان به پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو

بقايا 7 روزاني عبرت

پڪڙجي وئي آهي مختلف حلقن مطالبو ڪيو آهي ته گرفتار ڪيل سمورن ماڻهن، صحافين کان ورتل موبائيل فون واپس ڪيا وڃن ۽ سڄي واقعي جي شفاف ۽ غيرجانبدار جاچ ڪرائي ذميوارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي آخري اطلاعن تائين گرفتار ڪيل ماڻهن خلاف ڪنهن به ٿاڻي تي ڪوبه ڪيس داخل نه ٿي سگهيو هو جڏهن ته گرفتار ٿيلن بابت به سرڪاري طور ڪا ڄاڻ جاري نه ڪئي وئي آهي،صورتحال سبب علائقي ۾ بيچيني برقرار آهي ۽ وڌيڪ اڳڀرائي جو انتظار ڪيو پيو وڃي.

بقايا 8 روزاني عبرت

پوليس جي وڏي نفري مقرر آهي ۽ ڌرڻي واري هنڌ تي پوليس اڃا بيٺل آهن جڏهن ته علائقي جي صورتحال تي ويجهي نظر رکي پئي وڃي.

بقايا 9 روزاني عبرت

پاڪستان (رجسٽرڊ) سنڌ جي صدر غلام عباس پنهور پنهنجي بيان ۾ ٻيهرلو ڌرڻي جي ڪوريج ڪندڙ نيشنل پريس ڪلب سکر جي صدر ساحل جوڳي جي گرفتاري ۽ ٻين صحافين کان موبائل فون کسڻ واري عمل جي سخت مذمت ڪئي آهي هن چيو ته سکر ۾ وڪيلن ۽ ٻين شهرين سنگرار جي معصوم نياڻي پريا ڪماري ۽ ٻين گم ٿيل ٻارن جي بازيابي لاءِ ٻيهرلو باءِ پاس تي پُرامن احتجاج ڪيو هو ان احتجاج جي ڪوريج لاءِ نيشنل پريس ڪلب سکر جو صدر ساحل جوڳي سلطان رند، طاهر پتو مقيم شاهه عامر جوڳي ۽ حيدر مستوئي پهتا، جتي پوليس ساحل جوڳي کي گرفتار ڪري ورتو جنهن تي انتهائي افسوس ٿيو غلام عباس پنهور مطالبو ڪيو ته ساحل جوڳي کي فوري طور آزاد ڪيو وڃي، جڏهن ته صحافي سلطان رند، طاهر پتو مقيم شاهه عامر جوڳي ۽ حيدر مستوئي کان کسيل موبائل فون پڻ واپس ڪيا وڃن

بقايا 10 روزاني عبرت

چيئرمين عبدالمجيد مهار چيو آهي ته پريا ڪماري ۽ ٻين گم ٿيل ٻارن جي سالن گذرڻ باوجود بازيابي نه ٿيڻ انتهائي افسوسناڪ ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي ناڪامي آهي هنن ٻيهرلو بائي پاس تي پريا ڪماري ۽ ٻين ٻارن جي بازيابي لاءِ جاري پرامن ڌرڻي تي رات دير سان پوليس ڪارروائي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو ته عورتن سميت ڪيترن ئي مظاهرين کي حراست ۾ ورتو ويو جن کي نه عدالت ۾ پيش ڪيو ويو ۽ نه ئي سندن خلاف ڪنهن قانوني ڪارروائي بابت آگاهه ڪيو ويو جيڪو بنيادي انساني ۽ آئيني حقن جي ڀڃڪڙي آهي سنڌ بار ڪائونسل وفاقي حڪومت، سنڌ حڪومت، وفاقي قانون واري وزير، آءِ جي سنڌ پوليس ۽ لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته پريا ڪماري ۽ ٻين گم ٿيل ٻارن کي فوري ۽ محفوظ طريقي سان بازياب ڪيو وڃي، حراست ۾ ورتل مظاهرين بابت سمورين حقيقتون سامهون آنديون وڃن، قانوني گهرجون پوريون ڪيون وڃن ۽ غيرقانوني طور تي حراست ۾ ورتل سڀني ماڻهن کي ترت آزاد ڪري ذميوارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا 11 روزاني عبرت

هڪ ارب 6 ڪروڙ رپين جي مالي گهوٽالي جو انڪشاف ٿيو آهي. آڊٽ رپورٽ موجب، حيسڪو جي ڊي ڊي او ايگزيڪيوٽو انجنيئر (ايڪسئين) ۽ چيف فنانشل آفيسر (سي ايف او) آفيس جي ڳٺ جوڙ سان سرڪاري رقم ۾ هيرڦير ڪئي وئي. حيسڪو جي سي اي او اجلاس کي ٻڌايو ته ڪيس ۾ ملوث 4 ملازمن کي برطرف ڪيو ويو آهي جن ۾ 3 اڪائونٽس آفيسر ۽ هڪ فنانس آفيسر شامل آهن ايف آءِ اي اختيارين موجب، ان معاملي بابت 5 ڪيس داخل ڪيا ويا آهن جن ۾ 130 کان وڌيڪ ماڻهو ملوث آهن جڏهن ته هيٺر تائين رڳو 13 ڪروڙ رپين جي اوڳاڙي ٿي سگهي آهي

بقايا 12 روزاني عبرت

۽ ايران اردن ۾ آمريڪي فوجي ساز و سامان تي حملو ڪري ان کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي پاسداران انقلاب طرفان جاري ڪيل ۽ سرڪاري ٽي وي تي نشر ٿيل هڪ بيان موجب هدفن ۾ آمريڪي ٿاڊ ميزائل دفاعي نظام سان تعلق رکندڙ هڪ ريڊار هڪ پيٽريٽ سسٽم هڪ سي ريم ريڊار ۽ هڪ هيليڪاپٽر هينگر شامل هئا. هوڏانهن اردن جي فوج چيو ته سندن فضائي دفاع خميس ڏينهن صبح جو ٽن ميزائلن کي هدف تي پهچڻ کان پهرين ڪيرائي وڌو جڏهن ته چوٿون ميزائل ڏورانهين غير آباد علائقي ۾ ڪريو ان کان اڳ اربع جي شام به 6 ڊرونز کي هدف تائين پهچڻ کان پهرين ڪيرايو ويو اردن جي فوج وڌيڪ چيو ته آپريشن جي نتيجي ۾ ڪو انساني جاني يا مالي نقصان ناهي ٿيو ايراني هٿياربند فوج خميس تي اعلان ڪيو ته هن ڪويت ۾ انهن ماڳن کي نشانو بڻايو آهي جيڪي سندس موجب آمريڪي استعمال هيٺ آهن ايراني فوج سرڪاري ٽي وي تي نشر ٿيل هڪ بيان ۾ چيو آهي ته هن ڊرون ذريعي ڪيمپ دوحه ۾ آمريڪي فوج جي گولا بارود جي ڊيپو ۽ لاجسٽڪس سائيٽس، علي اسلم ايئربيس تي ٻارڻ جي ٽينڪ ۽ ڪويت ۾ عارفجان بيس تي هڪ گولا بارود ڊيپو کي نشانو بڻايو آهي

بقايا 13 روزاني عبرت

واقعي ۾ ملوث هر ڪردار کي منطقي انجام تائين پهچايو ويندو ۽ ڪنهن به قسم جي رعايت نه ڏني ويندي قانون ۽ انصاف واري وزارت مان جاري بيان موجب وفاقي وزير دهشتگرد حملي ۾ شهيد ٿيل سيشن جج عبدالحڪيم ڪاڪڙ ۽ ان جي گن مين کي خراج عقيدت پيش ڪندي سندن ڪٽنبن سان دلي تعزيت ۽ همدرديءَ جو اظهار ڪيو هن حملي ۾ زخمي ٿيل ايڊيشنل سيشن جج جي جلد ۽ مڪمل صحتيابيءَ لاءِ دُعا پڻ ڪئي بيان موجب وفاقي وزير واقعي تي وزيراعظم کي فوري طور تفصيلي بريفنگ ڏني ۽ چيو ته حڪومت واقعي کان مڪمل طور آگاهه آهي ۽ پنهنجون آئيني ۽ قانوني ذميواريون هر صورت ۾ پوريون ڪندي

بقايا 14 روزاني عبرت

چيو ته اهو پروگرام رڳو پرامن ۽ غير فوجي مقصدن لاءِ هوندو جيئن ايران گڏيل عرب امارتن ۽ ٻين ملڪن جا سول جوهري پروگرام آهن ٽرمپ واضح ڪيو ته معاهدي جي منظوري ضرور ڏني ويندي پر ان جي بنيادي شرط اها هوندي ته سعودي عرب عزت ۽ احترام سان ابراهيمي معاهدي ۾ شامل ٿئي ٻئي پاسي آمريڪي اخبارن موجب، معاهدي جي مدي 30 سال هجڻ ۽ ان جي ماليت ڪيترن ئي ارب ڊالرن تائين پهچڻ جو امڪان آهي جڏهن ته ان لاءِ اڃا آمريڪي ڪانگريس جي منظوري گهربل آهي هوڏانهن اسرائيلي اپوزيشن ان معاهدي تي سخت ڳڻتي ظاهر ڪئي آهي. اڳوڻي اسرائيلي بچاءَ واري وزير اويگڊور ليبرمين چيو آهي ته هر فوجي جوهري پروگرام جي شروعات سول جوهري پروگرام سان ٿيندي آهي تنهن ڪري سعودي عرب کي اهڙي سهولت ڏيڻ خطي ۾ جوهري هٿيارن جي ڊوڙ جو سبب بڻجي سگهي ٿي ٻئي طرف آمريڪي پرڏيهي وزير مارڪو روبيو خبردار ڪيو آهي ته صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي پاليسي ’اک جي بدلي سر‘ واري آهي ۽ ايران کي هر گذرندڙ رات سان وڏي قيمت ادا ڪرڻي پوندي. منيلا ۾ صحافين سان ڳالهائيندي مارڪو روبيو چيو ته آمريڪا ايران سان ٿيل معاهدي جي پاسداري ڪئي پر ايران هن وقت تائين معاهدي لاءِ تيار ناهي امڪان آهي ته ايندڙ ڪجهه ڏينهن ۾ پنهنجو موقف تبديل ڪري هن چيو ته جيڪڏهن موجوده صورتحال برقرار رهي ته ايران کي ان جا سنگين نتيجا ڀوڳڻا پوندا. سندس چوڻ هو ته جڏهن به آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ڪو معاهدو ٿيڻ جي ويجهو پهچندو آهي ته ايران جي قيادت ان کي خراب ڪري ڇڏيندي آهي

بقايا 15 روزاني عبرت

۾ قانوني سامونڊي واپار جي بنا رڪاوٽ اچ وڃ جي لاءِ سعودي عرب ۽ عالمي برادري سان ويجهو تعاون جاري رکندو خميس ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف سعودي عرب جي ولي عهد ۽ وزيراعظم شهزاده محمد بن سلمان بن عبدالعزيز آل سعود سان ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه ڪئي انتهائي خوشگوار ماحول ۾ ٿيندڙ ان ڳالهه ٻولهه دوران وزيراعظم بحيره احمر ۾ سعودي آئل ٽينڪرز تي حوثي مليشيا جي بزدلاڻي حملن جي شديد ترين لفظن ۾ مذمت ڪئي هن چيو ته اهڙا قدم قطعي طور تي ناقابل قبول ۽ عالمي قانون جي واضح خلاف ورزي آهن

بقايا 16 روزاني عبرت

عورت آپگهاتي بمبار گرفتار ڪري ورتا. سيڪيورٽي ذريعن موجب بلوچستان ۾ ڳجهي اطلاع جي بنياد تي آپريشن ڪاميابيءَ سان جاري آهي سيڪيورٽي فورسز جون مؤثر ڪارروايون تيز ٿي ويون آهن دهشتگردن خلاف گهيرو وڌيڪ سخت ڪيو ويو آهي سيڪيورٽي فورسز جي بلوچستان ۾ مستونگ جي علائقي ڪڏ ڪوچه ۾ وقت سر ڪارروائيءَ دوران فتنه الهندستان جا 6 دهشتگرد ماريا ويا. ڳجهي اطلاع جي بنياد تي سيڪيورٽي فورسز جي ڪارروائيءَ دوران ڪيترن ئي دهشتگردن کي پڻ گرفتار ڪيو ويو.

بقايا 17 روزاني عبرت

آهي ته ٻوڏ واري صورتحال کي هٿيار طور استعمال ڪرڻ ڀارت جي آبي جارحيت جو واضح ثبوت آهي پنهنجي بيان ۾ هن چيو ته هڪ طرف ڀارت سنڌ طاس معاهدي کي معطل ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي، ته ٻي طرف ٻوڏ جو پاڻي پاڪستان ڏانهن ڇڏي لکين ماڻهن کي خطري ۾ وجهي رهيو آهي شيري رحمان چيو ته ڀارت سلال ڊيم جا سڀئي گيٽ کولي لکين پاڪستانين کي ٻوڏ جي خطري سان منهن ڏياريو آهي درياءَن جي پاڻي کي تڪرار جو ذريعو نه پر ذميواري سان هلائڻ گهرجي ڀارت جي غير ذميوارانه پاليسي خطي جي امن استحڪام ۽ گڏيل اعتماد لاءِ انتهائي خطرناڪ آهي هن چيو ته ڀارت پاران درياءَن جي پاڻي جي وهڪري بابت بروقت معلومات نه ڏيڻ هڪ وڏو چئلينج بڻجي ويو آهي جنهن سبب درياءَ چناب ۾ پاڻي جي وهڪري بابت غير يقيني صورتحال پيدا ٿي رهي آهي پيپلز پارٽي جي سينيٽر شيري رحمان وڌيڪ چيو ته ڀارت جي قدمن سان آبپاشي جي نظام ۽ زرعي شعبي کي سنگين خطرا درپيش آهن

بقايا 18 روزاني عبرت

هوائن بابت الرٽ جاري ڪندي سمورن ضلعي انتظامين لاڳاپيل ادارن ۽ ريسڪيو سروسز کي هاءِ الرٽ رهڻ ۽ اڳواٽ حفاظتي اپاءَ وٺڻ جون هدايتون جاري ڪري ڇڏيون آهن

بقايا 19 روزاني عبرت

ملاقات ڪئي جنهن ۾ سنڌ حڪومت جي اعليٰ سطحي وفد پڻ شرڪت ڪئي ملاقات دوران پاڪستان کي درپيش چئلينجن خطي جي مجموعي صورتحال، خاص طور تي سنڌ ۾ سيڙپڪاريءَ جي موقعن نوجوانن جي فني ۽ ٽيڪنيڪي مهارتن جي واڌاري، عورتن کي بااختيار بڻائڻ ماحولياتي تحفظ ۽ ٻطرفي سهڪار جي فروغ سميت ڪيترن ئي اهم معاملن تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

بقايا 20 روزاني عبرت

هڪ پوليس اهلڪار زخمي ٿي پيو ايس ايس پي ايس آءِ يو / سي آءِ اي ڪراچي جي ترجمان موجب جوابدار سريش رام چند ۽ انيل تعزيرات پاڪستان تحت داخل ڪيس ۾ ٿاڻو فريئر وٽ جاچ هيٺ هئا. پوليس کين سندن ساٿين جي گرفتاري لاءِ نشاندهي خاطر مذڪوره هنڌ تي وٺي وئي هئي

بقايا 21 روزاني عبرت

جي اغوا ۽ قتل واري افسوسناڪ واقعي جي جاچ ۾ اهم اڳڀرائي، فرار جوابدار جي پوليس مقابلي ۾ مارجي وڃڻ ۽ مؤثر ڪارروائي تي ايس ايس پي ڪيماڙي سنگهار علي ملڪ ۽ سندس پوليس ٽيم کي شاباسي ڏني آهي سنڌ جي گهرو وزير چيو ته معصوم ٻارڙن خلاف اهڙا سنگين ڏوهه انتهائي قابل مذمت آهن ۽ انهن ۾ ملوث عنصرن کي قانون موجب انجام تائين پهچائڻ لاءِ سمورا موجود وسيلا استعمال ڪيا وڃن ضياءُ الحسن لنجار هدايت ڪئي ته معصوم نينگري جي اغوا ۽ قتل واري ڪيس جي جاچ سي سي ٽي وي فوٽيج، ميڊيڪو ليگل، فرانزڪ، ٽيڪنيڪل ۽ ٻين سمورن شاهدن جي روشني ۾ مڪمل ميرٽ تي ڪئي وڃي، جڏهن ته پوليس مقابلي ۾ مارجي ويل شخص جو ڪيس سان ممڪن تعلق ۽ ڪردار به مضبوط ۽ ٺوس شاهدن جي بنياد تي طئي ڪيو وڃي هن وڌيڪ چيو ته متاثر نينگري ۽ سندس وارثن کي انصاف جي فراهمي هر صورت ۾ يقيني بڻائي وڃي ۽ جاچ جي هر مرحلي ۾ قانوني گهرجن، شفافيت ۽ ميرٽ کي اوليت ڏني وڃي

بقايا 22 روزاني عبرت

سنڌ جي امير ڪاشف سعيد شيخ ٻيهرلو ۽ حيدرآباد ۾ اغوا ڪيل معصوم ٻارڙن جي بازيابيءَ لاءِ پرامن احتجاج ڪندڙ وارثن، ساٿن گڏ ويل وڪيلن صحافين سياسي ۽ سماجي ڪارڪنن تي پوليس جي لٺبازي، تشدد ۽ گرفتارين جي مذمت ڪندي ان کي پوليس گردي،بدترين آمريت ۽ انساني حقن جي سخت ڀڃڪڙي قرار ڏنو آهي هن چيو ته 27ڏهاڙن کان ٻيهرلو ۾ ڌرڻو 19سالن کان فيضلا سرڪي ۽ 5سالن کان پريا ڪماريءَ، اجالا سولنگي سميت 20کان وڌيڪ ٻارن جي گم شدگي ٻڌائي پئي وڃي پر سنڌ سرڪار جي ڪن تي جون به نٿي چري سالن کان گم ٿيل معصوم ٻارن کي بازياب ڪرائڻ ۾ ناڪام سنڌ پوليس اغوا ڪندڙ پوتارن توڙي ڌاڙيلن خلاف ته ڪک ڀڃي بيٺو ناهي ڪيس پر رات جي اونداهي ۾ امڙين جا جي دلين جا ٽڪرا بازياب ڪرائي ڏيڻ بدران پرامن احتجاج ڪندڙ وارثن ۽ سول سوسائٽي جي ڪارڪنن مٿان لٺبازي، بدترين تشدد ۽ گرفتاريون ظلم ۽ بي حسي جي انتها آهي هر شهري کي پرامن احتجاج ڪرڻ جو آئيني ۽ انساني حق حاصل آهي پر عوام کي پنهنجي آئيني حق کان محروم ڪرڻ آئين جي خلاف ورزي آهي هن وڌيڪ چيو ته جيستائين حڪومت جي سرپرستي هيٺ پلندڙ ظالم وڏيرن ۽ سردارن جو گهيرو تنگ نه ڪيو ويندو تيستائين گم ٿيل ٻارڙا بازياب ٿيندا، ڌاڙيل راڄ ۽ نه ئي روڙي قبيلائي جهيڙا ختم ٿي سگهن ٿا. هن گهر ڪئي ته حڪومت گم ٿيل معصوم ٻارڙن جي وارثن کي سڪتا آسرا ڏيڻ ۽ سندن بازيابي لاءِ ڪوششون ڪرڻ جي دعويٰ ڪرڻ بدران گم ٿيل ٻارڙن جي بازيابي لاءِ سياسي مصلحتن کان مٿانهون ٿي ڪري اثرائتا اپاءَ ڪٽي ۽ پرامن مظاهرين کي آزاد ڪيو وڃي

بقايا 23 روزاني عبرت

حد ۾ مبينا پوليس مقابلي هڪ شخص مارجي ويو ڇهن ورهين جي نينگري جي اغوا ۽ قتل واري ڪيس جي جاچ جاري، ڪراچي جي ضلعي ڪيماڙي پوليس موجب جيڪسن ٿاڻي جي حد ۾ ڇهن ورهين جي نينگري جي اغوا ۽ قتل واري ڪيس جي جاچ دوران مبينا پوليس مقابلي ۾ هڪ شخص مارجي ويو

بقايا 24 روزاني عبرت

مان 7 سالن جي نينگري دعا ڌي عمر فاروق جو لاش مليو جنهن کي قانوني ڪارروائي جي لاءِ سول اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي

بقايا 25 روزاني عبرت

تي سواليا نشان قرار ڏيندي مطالبو ڪيو آهي ته پاڻي بابت آئيني معاهدن تي سختي سان عمل ڪرايو وڃي

بقايا 26 روزاني عبرت

ايڊوائزري ڪاميٽيءَ جو چيئرمين جنابضياء المصطفيٰ اعوان چيو آهي ته سافا بورڊ ڪولمبو سريلنڪا ۾ 93هين جي اجلاس ۾ شرڪت ڪئي

بقايا 27 روزاني عبرت

هيٺ پي ٽي وي نيوز اسلام آباد ۾ ٿيو جنهن ۾ فلم "بُلها"، پيڪا قانون اين سي سي آءِ اي، صحافين لاءِ پلاٽن جي الاٽمينٽ، مقامي اخبارن جي اشتهاري ڪوٽا ۽ ريڊيو پاڪستان جي پينشنرن جي معاملن تي غور ڪيو ويو ڪميٽي فلم "بُلها" ۾ حضرت بابا بلهي شاهه جي تعليمات جي مبينا غلط پيشڪش تي ڳڻتي ظاهر ڪندي فلم جو نالو ۽ مرڪزي ڪردار تبديل ڪرڻ جي سفارش ڪئي ٻي صورت ۾ فلم جي رليز روڪڻ ۽ ضرورت پوڻ تي يوٽيوب تان هٽائڻ جو مطالبو ڪيو اجلاس ۾ اين سي سي آءِ اي اختيارين پيڪا تحت ڪيسن ۽ نوٽيسن بابت بريفنگ ڏني، جڏهن ته صحافين لاءِ پلاٽن جي الاٽمينٽ، مقامي اخبارن لاءِ 25 سيڪڙو اشتهاري ڪوٽا تي عمل ۽ ريڊيو پاڪستان جي پينشنرن جا مسئلا جلد حل ڪرڻ تي به زور ڏنو ويو

بقايا 28 روزاني عبرت

ٿيل هڪ تقريب دوران هاير ايجوڪيشن ڪميشن طرفان کيس اپلائيڊ مئٿميٽڪس شعبي ۾ پاڪستان جي سائنسدان طور اهڙي اعزاز سان نوازيو ويو تقريب ۾ سنڌ جي گورنر نهال هاشمي يونيورسٽيز ۽ بورڊز جي صوبائي وزير محمد اسماعيل راهو هيڪ اسلام آباد جي چيئرمين نياز احمد اختر ۽ ٻين کيس ان اعزاز سان نوازيو هي اعزاز کيس آمريڪا جي اسٽينفورڊ يونيورسٽي پاران دنيا جي مٿين 2 سيڪڙو سائنسدانن ۾ شامل ڪرڻ جي اعتراف جي نتيجي ۾ ڏنو ويو ان موقعي تي پروفيسر ڊاڪٽر ڪاشف علي ابڙو چيو ته الحمد لله هي اعزاز منهنجي محنت، استقامت ۽ الله پاڪ جي بي پناهه مهرباني جو ثمر آهي

بقايا 29 روزاني عبرت

ڪاربين سان ڀرپور "بايوچار" کي بينظير هاري ڪارڊ تحت رجسٽرڊ ساڍا ٽي لک هارين تائين متعارف ڪرائڻ تي غور شروع ڪيو ويو آهي ان سلسلي ۾ سنڌ جي زرعي وزير سردار محمد بخش مهر جي صدارت هيٺ سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ هڪ اعليٰ سطحي اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ صوبائي وزير آبپاشي ۽ رٿابندي جام خان شورو، صوبائي وزير سيد ذوالفقار علي شاهه، سيڪريٽري زراعت محمد زمان ناريجو سنڌ آبادگار بورڊ جي صدر محمود نواز شاهه ۽ ٻين لاڳاپيل عملدارن شرڪت ڪئي اجلاس ۾ انڊس بايوچار جي چيئرمين خرم ارشاد، چيف فائيننشل آفيسر شڪيل الياس ۽ مئنيجر آپريشنز عبدالوهاب عيساڻي پڻ شرڪت ڪئي اجلاس ۾ سنڌ جي بنجر ۽ متاثر زرعي زمينن جي بحالي، مٽيءَ جي صحت بهتر بڻائڻ ۽ زرعي پيداوار ۾ واڌ لاءِ بايوچار ٽيڪنالوجي جي استعمال تي تفصيلي غور ڪيو ويو ان موقعي تي بينظير هاري ڪارڊ پروگرام تحت رجسٽرڊ ساڍا ٽي لک هارين کي ان منصوبي سان ڳنڍي ڪري امڪانن جو پڻ جائزو ورتو ويو بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته بايوچار هڪ پائيدار ڪاربين سان ڀرپور ڪوئلي جهڙو مادو آهي جيڪو فصلن جي باقيات، ڪانئيءَ جي ڇيس ۽ مال جي ڇيڻي جهڙي نامياتي فضلي کي گهٽ آڪسيجن واري ماحول ۾ گرم ڪري تيار ڪيو ويندو آهي

بقايا 30 روزاني عبرت

سنڌ کي آئيني ۽ قانوني حصي جو پاڻي نه ڏنو ويو ته صوبي جون زرخيز زمينون بنجر ٿي وينديون، سنڌ ڏڪار جو شڪار بڻجي ويندو ۽ ان جا سنگين اثر ايندڙ نسلن کي ڀوڳڻا پوندا. هن چيو ته وفاق ۽ سنڌ جا حڪمران هڪ ئي سڪي جا ٻه پاسا آهن پر افسوس جي ڳالهه اها آهي ته سنڌ حڪومت سنڌ جي مفادن جو تحفظ ڪرڻ بدران انهن کي نقصان پهچايو آهي

بقايا 31 روزاني عبرت

سون جي قيمت ۾ 1800 رپين جي گهٽتائي سان في تولو سون 4 لک 32036 رپيا ٿي ويو آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن موجب خميس ڏينهن سون جي في تولي جي قيمت ۾ 1800 رپين جي گهٽتائيءَ کان پوءِ في تولو سون 4 لک 32036 رپيا ٿي ويو 24 قيراط سون جي 10 گرام جي قيمت به 1543 رپين جي گهٽتائيءَ کان پوءِ 371344 رپين کان گهٽجي 370401 رپيا ٿي وئي، جڏهن ته 10 گرام 22 قيراط سون جي قيمت 340961 رپين کان گهٽجي 339546 رپيا ٿي وئي. آل سنڌ صرافه جيولرز ايسوسيئيشن جي رپورٽ موجب چانديءَ جي في تولي جي قيمت ۾ به 33 رپين جي گهٽتائي ٿي، جنهن کان پوءِ چانديءَ جو في تولو قيمت 6370 رپيا ٿي وئي

بقايا 32 روزاني عبرت

شهباز شريف مستونگ ويجهو سيشن جج عبدالحڪيم ڪاڪڙ ۽ جوڊيشل مئجسٽريٽ طارق لاشاري تي فائرنگ جي واقعي جي شديد مذمت ڪندي سيشن جج عبدالحڪيم ۽ ان جي گن مين جي مارجڻ تي افسوس جو اظهار ڪيو آهي وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم واقعي ۾ مرحومن جي درجن جي بلنديءَ ۽ انهن جي گهروارن جي لاءِ صبر جميل جي دعا ڪئي وزيراعظم زخمي ٿيندڙ جوڊيشل مئجسٽريٽ جج طارق لاشاري ۽ ٻين ماڻهن جي جلد صحتيابي لاءِ دعا ڪئي هن چيو ته اهڙي بزدلاڻي ڪارروايون سان دهشتگرد ڪڏهن به پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب نه ٿي سگهندا. ملڪ مان هر قسم جي دهشتگردي جي مڪمل خاتمي جي لاءِ پرعزم آهيون

بقايا 33 روزاني عبرت

ٻارن سميت 10 ماڻهو سڙي فوت ٿي ويا. رپورٽن موجب باهه ليما جي لاوڪٽوريه ضلعي ۾ واقع هڪ گهر ۾ لڳي جڏهن ته باهه لڳڻ جو سبب معلوم ڪرڻ لاءِ فرانزڪ ماهرن جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي

بقايا 34 روزاني عبرت

ٽينڪرز ۽ ڪنٽريڪٽرز ايسوسيئيشن حڪومت کي مطالبن جي منظوري لاءِ 72 ڪلاڪن جو الٽيميٽم ڏئي ڇڏيو ٻي صورت ۾ ملڪ گير ڦيٿا جام هڙتال جو اعلان پاڪستان آئل ٽينڪرز ۽ ڪنٽريڪٽرز جي اڳواڻن ڪراچي ۾ گڏيل پريس ڪانفرنس ڪندي حڪومت کي خبردار ڪيو آهي ته جيڪڏهن 72 ڪلاڪن اندر سندن جائز مطالبا منظور نه ڪيا ويا ته سڄي ملڪ ۾ ڦيٿا جام هڙتال ڪئي ويندي، ڪوٽو واضح طور مقرر ڪيو وڃي سندس چوڻ هو ته پائيپ لائين سبب ٻن مهينن ۾ رڳو هڪ ٽرپ ملي ٿي جڏهن ته هڪ ٽينڪر تي اڍائي کان ٽي ڪروڙ رپيا تائين خرچ اچي ٿو

بقايا 35 روزاني عبرت

هيلٿ انشورنس اسڪيم جي توسيع، چار اسٽريٽجڪ ٽاسڪ فورسز جو قيام تعليمي شعبي ۾ سڌارا، اهم صحت ۽ انفراسٽرڪچر جا فيصلا ۽ سڄي صوبي ۾ فوڊ سيڪيورٽي کي مضبوط ڪرڻ جا قدم شامل آهن

بقايا 36 روزاني عبرت

آڏواڻي پنهنجي پاڻ مشهور واپاري ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ لڇمڻ داس آڏواڻي سان گڏ صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه سان ملاقات ڪئي ۽ سندن عيادت ڪندي خيريت معلوم ڪئي ان موقعي تي ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي سيد ناصر حسين شاهه کي گلن جو گلدستو پيش ڪيو ۽ سندن جلد ۽ مڪمل صحتيابي، ڊگهي ڄمار ۽ نيڪ تمنائن جو اظهار ڪيو ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي چيو ته سيد ناصر حسين شاهه جي صحتيابي تي کين دلي خوشي آهي ۽ هو دعاگو آهن ته هو مڪمل صحتياب ٿي اڳ وانگر عوامي خدمت جو سفر ساڳئي جذبي سان جاري رکن

بقايا 37 روزاني عبرت

آهي. وڏي وزير چيو ته معصوم شهرين ۽ مسافرن کي نشانو بڻائڻ بدترين درندگي ۽ ناقابل برداشت عمل آهي هن چيو ته دهشتگرد انسانيت ۽ ملڪ لاءِ ناسور آهن جن جو مڪمل خاتمو انتهائي ضروري آهي سيد مراد علي شاهه حملي ۾ شهيد ٿيل شهرين جي وارثن سان دلي همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪندي زخمين جي جلد صحتيابي لاءِ دعا پڻ ڪئي

بقايا 38 روزاني عبرت

دورو ڪيو دوري دوران هن جيل جي مختلف حصن، قيدين جي بيرڪن، اسپتال ۽ باورچي خاني جو معائنو ڪيو صوبائي وزير جيل جي اسپتال ۾ بيمار قيدين کي فراهم ڪيل طبي سهولتن ۽ باورچي خاني ۾ تيار ڪيل کاڌي جي معيار ۽ صفائي جو ويجهڙائي سان جائزو ورتو هن قيدين جا مسئلا ٻڌا ۽ موقعي تي موجود اختيارين کي انهن جي قانوني ۽ ذاتي شڪايتن جي ازالي لاءِ ضروري هدايتون جاري ڪيون ان موقعي تي ڳالهائيندي علي حسن زرداري چيو ته جيلن جو مقصد صرف سزا ڏيڻ نه پر انهن کي حقيقي اصلاحي مرڪز بڻائڻ آهي، جتي قيدين کي بهتر ماحول ۽ تربيت فراهم ڪئي ويندي آهي هن سيڪيورٽي انتظامن کي وڌيڪ سخت ۽ اثرائتو بڻائڻ تي پڻ زور ڏنو

بقايا 39 روزاني عبرت

جو اعزاز حاصل ڪيو آهي انجنيئر ڊانيا تنوير جيڪا آل پاڪستان نيوز پيپرز سوسائٽي (APNS)جي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر ڊاڪٽر تنوير احمد طاهر جي نياڻي آهي، هي شاندار ڪاميابي حاصل ڪري نه رڳو پنهنجي علمي ۽ تحقيقي صلاحيتن جو ثبوت ڏنو آهي، پر سر سيد يونيورسٽي ۽ بايوميڊيڪل انجنيئرنگ شعبي لاءِ پڻ نئين تاريخ رقم ڪئي آهي سندس پي ايڇ ڊي تحقيق "مشين لرننگ ذريعي ويٽيليگو (Vitiligo)جي صحيح سڃاڻپ" جي موضوع تي ٻڌل آهي جيڪا صحت جي شعبي ۾ مصنوعي ذهانت (Artificial Intelligence)جي وڌندڙ ڪردار ۽ جديد تشخيصي نظام جي ترقي جي عڪاسي ڪري ٿي هي تحقيق بايوميڊيڪل انجنيئرنگ ۽ مصنوعي ذهانت جي امتزاج وسيلي طبي تشخيص جي ميدان ۾ هڪ اهم اڳڀرائي سمجهي وڃي ٿي هي تحقيقي ڪم پروفيسر ڊاڪٽر سدره عابد سيد، چيئرپرسن بايوميڊيڪل انجنيئرنگ شعبي جي نگراني هيٺ مڪمل ٿيو سندن علمي رهنمائي ۽ سرپرستي هن تحقيقي سفر کي ڪاميابي سان مڪمل ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو

بقايا 40 روزاني عبرت

جي افتتاحي تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ سنڌ جي تعليم واري صوبائي وزير سيد سردار شاهه، جاپان جي سفير اڪمتسو سوسي، تعليم کاتي جي سيڪريٽري زاهد عباسي ايم پي اي يوسف مرتضيٰ بلوچ ۽ راجا رزاق ۽ ٻين اهم شخصيتن شرڪت ڪئي ان موقعي تي خطاب ڪندي صوبائي وزير سيد سردار شاهه چيو ته سنڌ هڪ عظيم ڌرتي آهي، جيڪا موئن جي دڙي جهڙي قديم تهذيب جي وارث رهي آهي ۽ تاريخ ۾ هميشه ترقي يافته حيثيت رکي آهي. هن چيو ته جاپان ۽ سنڌ جا لاڳاپا تمام پراڻا ۽ مضبوط آهن ۽ جاپان جي تعاون سان سنڌ ۾ هينئر تائين 82 اسڪول تعمير ڪيا ويا آهن سردار شاهه چيو ته اسان جاپان جي عوام ۽ حڪومت جا ٿورائتا آهيون جن تعليم جي شعبي ۾ سنڌ حڪومت سان ڀرپور تعاون ڪيو آهي

بهبود آبادي کاتو، حڪومتِ سنڌ

نمبر: PWDS/DD(C)/24 MBT-40-Batch/2026
ڪراچي، تاريخ : 21,07,2026

داخلا

علائقائي تربيتي ادارن ۾ فيملي ويلفيئر ورڪرز (FWWs) لاءِ 24 مهينن جي بنيادي تربيتي ڪورس ۾ داخلا.

*** سنڌ نرسنگ بورڊ سان لاڳاپيل *پاڪستان نرسنگ ڪائونسل ۾ رجسٽرڊ**

سنڌ صوبي جو ڊوميسائيل رکندڙ عورت اميدوارن کان فيملي ويلفيئر ورڪرز (FWWs) جي 24 مهينن واري بنيادي تربيتي ڪورس ۾ داخلا لاءِ درخواستون گهرايون وڃن ٿيون.

ضلعن جا نالا، لاڳاپيل علائقائي تربيتي ادارن موجب، هيٺ ڏجن ٿا:

علائقائي تربيتي ادارو، ڪراچي
ST-21,22بلاڪ-2، اسڪيم-5، ڪلفٽن، ڪراچي
فون: 021-9251005
هيٺيان ضلعا RTI ڪراچي ۾ درخواست ڏئي سگهن ٿا:

.1	ڪراچي	.6	ڪراچي (ڏکڻ)
.2	ڪراچي (ملير)	.7	ڪراچي (ڪيماڙي)
.3	ڪراچي (اوڀر)	.8	ٺٽو
.4	ڪراچي (اولهه)	.9	سجاول
.5	ڪراچي (مرڪزي)	.10	بدين
ڪل سيٽون		25	

علائقائي تربيتي ادارو، حيدرآباد
ويجهو HDA، فليٽس SITE ايريا، مرشد آباد، حيدرآباد
فون: 022-3400296
هيٺيان ضلعا RTI حيدرآباد ۾ درخواست ڏئي سگهن ٿا:

.11	حيدرآباد	.16	مٽي
.12	ڄامشورو	.17	ميرپور خاص
.13	ٽنڊو محمد خان	.18	سانگهڙ
.14	ٽنڊو الهيار	.19	عمر ڪوٽ
.15	ٿرپارڪر ايٽ مٺياري		
ڪل سيٽون		25	

علائقائي تربيتي ادارو، سکر
بنگلو نمبر B-20، پاڪ ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي
سامهون: نيو سبزي منڊي، شڪارپور روڊ، سکر
فون: 071-5811370 ۽ 071-5811372
هيٺيان ضلعا RTI سکر ۾ درخواست ڏئي سگهن ٿا:

.20	سکر	.23	خيرپور
.21	گهوٽڪي	.24	ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ
.22	نوشهرو فيروز	.25	شهيد بينظير آباد
ڪل سيٽون		25	

علائقائي تربيتي ادارو، لاڙڪاڻو
بنگلو نمبر 93، پيرزاده اسٽريٽ، نزد SZABIST ڪاليج ،
سچل ڪالوني، لاڙڪاڻو
فون: 074-9239040
هيٺيان ضلعا RTI لاڙڪاڻي ۾ درخواست ڏئي سگهن ٿا:

.26	لاڙڪاڻو	.29	جيڪب آباد
.27	قمبر ايٽ شهدادڪوٽ	.30	شڪارپور
.28	دادو		
ڪل سيٽون		25	

اهليت جا معيار:

1. مئٽرڪ ۾ گهٽ ۾ گهٽ 45% مارڪون (فزڪس، ڪيمسٽري ۽ بائيولاجي لازمي مضمون هجن)
2. ايف.ايس.سي (پري ميڊيڪل) ۾ گهٽ ۾ گهٽ 45%مارڪون (فزڪس، ڪيمسٽري ۽ بائيولاجي لازمي مضمون هجن) رکندڙ اميدوارن کي ترجيح ڏني ويندي.
3. عمر جي حد 15 کان 35 سال آهي، ۽ درخواست جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ 10 آگسٽ 2026 تائين عمر 35 سالن کان وڌيڪ نه هجي. عمر ۾ وڌيڪ رعايت نه ڏني ويندي.

شرطون ۽ ضابطا:

i. چونڊيل اميدوارن جي رجسٽريشن پاڪستان نرسنگ ڪائونسل (PNC)۾ ڪئي ويندي.
ii. هر اميدوار صرف هڪ ئي علائقائي تربيتي اداري ۾ درخواست ڏئي سگهي ٿو (داخلا کان پوءِ اداري جي تبديلي بابت ڪا به درخواست قبول نه ڪئي ويندي)
iii. تربيت دوران ٻن سالن تائين هر تربيت هيٺ اميدوار کي ماهوار 16,890 رپيا وظيفو ڏنو ويندو
iv. شادي شده عورتون جيڪي حمل سان هجن يا ٻار کي کير پيارينديون هجن، انهن کي درخواست ڏيڻ جي همٿ افزائي نٿي ڪئي وڃي.
v. ٻين شهرن مان ايندڙ تربيت هيٺ اميدوارن لاءِ هاسٽل جي سهولت موجود آهي.

داخلا جو طريقو:

1. اميدوار pwd.gos.pk/rti/programsتي وڃي آن لائن فارم جمع ڪرائين.
2. اميدوار ويب سائيٽ تي مئٽرڪ (سائنس)، ايف.ايس.سي (پري ميڊيڪل) جا سرٽيفڪيٽ ۽ مارڪ شيٽون، ڊوميسائيل، PRC ۽ CNIC/B-فارم اپلوڊ ڪن.
3. آن لائن درخواست جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ 10 آگسٽ 2026 آهي.
4. آخري تاريخ کان پوءِ ڪو به فارم قبول نه ڪيو ويندو.
5. شارٽ لسٽ ٿيل اميدوارن کي ايڊمٽ ڪارڊ اي ميل ذريعي جاري ڪيا ويندا يا اهي پورٽل تان ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا.
6. لکت وارو امتحان 18 آگسٽ 2026 تي سڀني RTIs ۾ هڪ ئي وقت منعقد ڪيو ويندو.

ڊپٽي ڊائريڪٽر (ڪلينڪس)
بهبود آبادي کاتو، حڪومتِ سنڌ

I WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com A JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

INF/KRY/3109/26

ہائی ٹیک نوجوانوں کی تربیت وتیاری

وزیراعظم محمد شہباز شریف کا عزم ہے کہ پاکستان کے نوجوان جدید ٹیکنالوجیز میں عالمی معیار کی مہارت حاصل کریں اور پاکستان کو ہائی ٹیک میں گلوبل لیڈر بنائیں۔

اسی ویژن کے تحت NAVTTC ہواوے ٹیکنالوجیز پاکستان کے اشتراک سے ہواوے سرٹیفکیشن ٹریننگ پروگرام پیش کر رہا ہے

جس کے ذریعے نوجوان مصنوعی ذہانت (AI) اور کلاؤڈ کمپیوٹنگ میں عالمی معیار کی تربیت سے قومی ترقی میں کردار نبھائیں گے۔

تربیتی شعبے

- HCCDA-AI - Fundamentals of AI using Huawei Cloud tools
- HCCDP - Solution Architectures Cloud architecture and deployment
- HCCDA-Tech Essentials Core Huawei Cloud Services

اہلیت کا معیار

- کمپیوٹر سائنس، انفارمیشن ٹیکنالوجی (IT)، سافٹ ویئر انجینئرنگ، مصنوعی ذہانت (AI) یا متعلقہ انجینئرنگ و آئی سی ٹی شعبہ جات میں بیچلرز (ساتویں اور آٹھویں سمسٹر) کے طلبہ۔
- مذکورہ بالا شعبہ جات میں گریجویٹس اور پوسٹ گریجویٹس۔
- اپنی مہارتوں کو نکھارنے کے خواہشمند پیشہ ور افراد
- درست قومی شناختی کارڈ (CNIC) کے حامل افراد (عمر کم از کم 18 سال)۔

نمایاں خصوصیات

- انسٹرکٹر کی زیرِ نگرانی 3 ماہ کی عملی تربیت
- بین الاقوامی طور پر تسلیم شدہ Huawei سرٹیفکیشن
- Huawei Cloud LMS اور لیب تک عملی رسائی
- سافٹ اسکلز کی تربیت (CV رائٹنگ، انٹرویو کی تیاری اور فری لانسنگ)
- Huawei کے عالمی ایکو سسٹم کے ذریعے رہنمائی اور کیریئر کے مواقع
- پاکستان کے بڑے شہروں میں انعقاد

آن لائن اپلائی کرنے کیلئے اسکین کریں
درخواستیں جمع کرانے کی آخری تاریخ
7 اگست 2026

30% خواتین کے لیے مختص کوٹہ

خواتین اور پسماندہ علاقوں کے نوجوانوں کو ترجیح دی جائے گی

نیشنل ووکیشنل اینڈ ٹیکنیکل ٹریننگ کمیشن
وفاقی وزارت تعلیم و پیشہ ورانہ تربیت، حکومت پاکستان

@NAVTTCOfficial in NAVTTCOfficial f /NAVTTCOfficial X NAVTTCOfficial NAVTTCOfficial

PID(I)1725-D/26

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل
جديد سائنس، قومي سلامتي ۽ پاڪستان جو مستقبل
صفحو 4

محمود شام
هاٿي ڪليل جنگ؟؟
صفحو 4

’جنگ اندر نئين جنگ‘
عمران يعقوب خان
صفحو 4

امداد حسين منگي
لائيو اسٽاڪ کاتي جي وٽرنري ڊاڪٽرن ۽ اسٽاڪ اسسٽنٽن کي وڪسين مهم معاوضو ڏنو وڃي؟
صفحو 4

عمرساند پوليس منشيات فروشن خلاف ڪاتڪ ڪهاڙا تيز ڪري ڇڏيا، مختلف هنڌن تي ڪارروايون

پوليس عثمان شاهه هڙي واسي ٻن منشيات فروش ابو بڪر بلوچ ۽ احمد علي بلوچ کي گرفتار ڪري ورتو

ٽنڊوالهيار. ٽنڊو آدم روڊ جي بس اسٽاپ تاج محمد بائونڊري وٽ ڪارروائي، گٽڪي سميت جوابدار گرفتار

پوليس گرفتار جوابدارن خلاف عمر ساند ٿاڻي تي منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري جيل موڪلي ڇڏيو

عثمان شاهه هڙي(ت ر) عمر ساند ٿاڻي جي ايس ايڇ او رياض سومرو پوليس نفري سان منشيات فروشن خلاف عثمان شاهه هڙي ويجهو ڪارروائي ڪندي مين روڊ ٽنڊو آدم . ٽنڊوالهيار جي نصيرواهه موري وٽ ڇاپو هڻي عثمان شاهه هڙي واسي ٻن منشيات فروش ابو بڪر بلوچ ۽ احمد علي بلوچ کي گرفتار ڪري سندن قبضي مان 6 ڪلو ماوا/گٽڪو (200 پيڪٽ) هٿ ڪري ڪيس داخل ڪيو ويو آهي پوليس وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي جڏهن ته گرفتار جوابدارن کي قانوني ڪارروائي لاءِ عدالت ۾ پيش ڪري ڪين جيل موڪلي ڇڏيو ٻي طرف عمرساند ٿاڻي جي ايس ايڇ او رياض سومرو پوليس جوانن سان گڏ مين ٽنڊوالهيار- ٽنڊو آدم روڊ جي بس اسٽاپ تاج محمد بائونڊري وٽ ڪارروائي ڪندي جوابدار آصف علي ميرجت ڳوٺ گولو ميرجت واسي کي گرفتار ڪري سندس قبضي قبضي مان 800 گرام ماوا/گٽڪو هٿ ڪري جوابدار خلاف عمر ساند ٿاڻي تي منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري ڪيس جيل موڪلي ڇڏيو ايس ايڇ او عمرساند رياض سومرو ٻڌايو ته منشيات فروش خلاف ڪارروايون جاري رهنديون

عثمان شاهه هڙي عمرساند پوليس جي ڪارروائين دوران گرفتار ٿيل منشيات فروش

عمرڪوٽ ۾ غيرقانوني ڦٽاڪن ۽ ڏوڙي خلاف ايڪسائيز پوليس جو ڪريڪ ڊائون

دليپ ڪمار ۽ وجئه ڪمار وٽان 60 ڪٽا ڦٽاڪن جا ۽ 32 ڪٽا ڏوڙي جا هٿ ڪيا ويا

غيرقانوني ڪاروبار ڪندڙن خلاف وڌيڪ ڪارروايون جاري رهنديون: ايڪسائيز پوليس

چور (رپورٽ: لالچي سوڍو) عمرڪوٽ ۾ غيرقانوني شين جي روڪٿام لاءِ جاري مهم تحت ايڪسائيز پوليس اينڊ نارڪوٽڪس فورس جي انچارج انسپيڪٽر علي حسن چانڊيو جي نگراني ۾ ڪنري روڊ تي ٻن مختلف هنڌن تي ڪارروائي ڪئي وئي، جتان وڏي مقدار ۾ غيرقانوني سامان هٿ ڪيو ويو ڪارروائي دوران دليپ ڪمار لوهانو ۽ وجئه ڪمار مالهي جي هنڌن تان 60 ڪٽا غيرقانوني ڦٽاڪن جا ۽ 32 ڪٽا ڏوڙي جا قبضي ۾ ورتا ويا. ڪارروائي ڪندڙ ٽيم سمورو سامان پنهنجي تحويل ۾ وٺي وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي. انسپيڪٽر علي حسن چانڊيو موجب هٿ آيل سامان بابت لاڳاپيل قانونن تحت ڪيس داخل ڪيو ويندو جڏهن ته وڌيڪ جاچ جاري آهي ته جيئن هن غيرقانوني ڪاروبار ۾ ملوث ٻين ماڻهن کي به قانون جي ڪٺهڙي ۾ آڻي سگهجي

پيارولنڊ پوليس جون منشيات جي روڪٿام لاءِ ڪارروايون

ايس ايڇ او پيارولنڊ جو ايڪشن، ٻه منشيات فروش گرفتار، منشيات هٿ

عثمان شاهه هڙي(ت ر) پيارولنڊ پوليس جون منشيات جي روڪٿام لاءِ ڪارروايون جاري ٻه منشيات فروش گرفتار منشيات هٿ، ايس ايس پي ٽنڊوالهيار سيد سليم شاهه جي هدايتن تي ايس ايڇ او پيارولنڊ عبدالغفور جمالي پوليس نفري سان پيارولنڊ لنڪ روڊ تان ڪاروائي ڪندي ٻن منشيات فروشن سيد اڪبر شاهه ۽ وقار لاشاري کي گرفتار ڪري سندس قبضي مان 880 انڊين صفينا گٽڪو پڙيون هٿ ڪري ٻنهي گرفتار جوابدارن خلاف پيارولنڊ ٿاڻي تي منشيات ايڪٽ تحت ڪيس درج ڪين جيل موڪلي ڇڏيو ايس ايس پي ٽنڊوالهيار سيد سليم شاهه پاران پيارولنڊ ٿاڻي جي SHOعبدالغفور جمالي کي منشيات خلاف جاري ڪاروائن تي شاباش ڏني

حڪومت مهانگائي جي بار هيٺ دٻيل عوام کي رليف فراهم ڪري: مولانا محمد عمر

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) سڄي ملڪ ۾ پيٽروليم شين جي اگهن ۾ لڳاتار ۽ رڪارڊ واڌ خلاف جماعت اسلامي پاڪستان جي امير حافظ نعيم الرحمان جي اپيل تي ڪوٽڙي جي ايڊمور چوڪ تي جماعت اسلامي ضلع ڄامشورو پاران ضلعي امير مولانا محمد عمر جي اڳواڻي ۾ احتجاجي پريس ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي جماعت اسلامي ضلع ڄامشورو جي امير مولانا محمد عمر چيو ته جماعت اسلامي واحد جماعت آهي جيڪا پيٽروليمَ شين جي اگهن ۾ واڌ سميت عوامي مسئلن تي ڀرپور آواز اٿاري رهي آهي. هن مطالبو ڪيو ته حڪومت پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ ڪيل واڌ فوري طور واپس وٺي ۽ مهانگائي جي بار هيٺ دٻيل عوام کي رليف فراهم ڪري. هن وڌيڪ چيو ته جماعت اسلامي چاهي ٿي ته عوام کي صاف پاڻي، بجلي، روزگار ۽ ٻيون بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وڃن. ان موقعي تي جماعت اسلامي ضلع ڄامشورو جي جنرل سيڪريٽري حافظ خليل الرحمان ڪورائي، بخمين شاهه، محمد رحيم بروهي، اعجاز احمد شيخ، غلام نبي جمالي سميت ڪارڪنن جي وڏي انگ

منگهوپير ٽائون چيئرمين جي ميئر ڪراچي سان ملاقات

ٽائون انتظاميا محدود وسيلن باوجود ڀرپور خدمتون سرانجام ڏئي رهي آهي: چيئرمين

ڪراچي جي ترقي لاءِ سڀني ٽائونز سان مڪمل سهڪار جاري رکيو ويندو: مرتضيٰ وهاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن منگهوپير جي چيئرمين حاجي نواز علي بروهي ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب سان هڪ اهم ۽ نتيجه خيز ملاقات ڪئي. ان موقعي تي ٽائون ميونسپل ڪمشنر منگهوپير آغا خليق پڻ سائس گڏ موجود هو. ملاقات خوشگوار ماحول ۾ ٿي جنهن دوران منگهوپير ٽائون ۾ جاري ترقياتي منصوبن، شهري سهولتن جي بهتري، ماحولياتي تحفظ، نوجوانن جي فني ۽ ٽيڪنيڪل تعليم ۽ مستقبل جي ترقياتي حڪمتِ عملي بابت تفصيلي خيال ونڊيا ويا. چيئرمين حاجي نواز علي بروهي ميئر ڪراچي کي منگهوپير ٽائون ۾ جاري ترقياتي سرگرمين بابت آگاهه ڪندي ٻڌايو ته ٽائون انتظاميا محدود وسيلن باوجود شهرين کي معياري بلدياتي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ ڀرپور خدمتون سرانجام ڏئي رهي آهي. هن روڊن جي تعمير ۽ مرمت، نيڪالِ آب جي نظام جي بحالي، صفائي سٿرائي، نالن جي صفائي، اسٽريٽ لائيٽن جي لڳائڻ ۽ مرمت، پارڪن جي بحالي ۽ ٻين عوامي ڀلائي جي منصوبن جي اڳڀرائي بابت پڻ تفصيلي بريفنگ ڏني. ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب منگهوپير ٽائون ۾ جاري ترقياتي ڪمن، عوامي خدمت جي جذبي ۽ انتظامي ڪارڪردگي کي ساراهيندي چيئرمين حاجي نواز علي بروهي ۽ سندس ٽيم جي ڪوشش کي قابلِ تحسين قرار ڏنو. هن چيو ته عوامي مسئلن جي بروقت حل ۽ ڪراچي جي ترقي لاءِ سڀني ٽائونز سان مڪمل سهڪار جاري رکيو ويندو ۽ منگهوپير ٽائون جي ترقياتي منصوبن ۾ پڻ هر ممڪن سهڪار فراهم ڪيو ويندو. ملاقات دوران شهر کي سرسبز ۽ شاداب بڻائڻ ۽ ماحولياتي آلودگي ۾ گهٽتائي آڻڻ بابت پڻ تفصيلي ڳالهه ٻولهه ٿي. ان موقعي تي منگهوپير ٽائون ۾ وڏي پيماني تي وڻڪاري مهم هلائڻ جي تجويز تي غور ڪيو ويو، جنهن تحت شاهراهن، پارڪن، تعليمي ادارن ۽ ٻين عوامي هنڌن تي وڻ ڪان وڻ پوکڻ جي رٿابندي ڪئي ويندي. ميئر ڪراچي ان سلسلي ۾ هر ممڪن سهڪار جي خاطري ڪرائيندي چيو ته موسمياتي تبديلي جي اثرن کي منهن ڏيڻ لاءِ وڻڪاري انتهائي ضروري آهي ۽ ان حوالي سان ڀرپور قدم کنيا ويندا. چيئرمين حاجي نواز علي بروهي نوجوان نسل کي جديد دور جي تقاضائن سان هم آهنگ ڪرڻ لاءِ منگهوپير ٽائون ۾ آئي ٽي ۽ ڊجيٽل اسڪلز ڊولپمينٽ پروگرامن جي شروعات جي تجويز پڻ پيش ڪئي. هن چيو ته جيڪڏهن نوجوانن کي انفارميشن ٽيڪنالاجي، ڪمپيوٽر تعليم ۽ جديد ڊجيٽل مهارتن جي معياري تربيت فراهم ڪئي وڃي ته هو نه رڳو باعزت روزگار حاصل ڪري سگهندا، پر ملڪ جي معيشت جي ترقي ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪندا. ان موقعي تي چيئرمين حاجي نواز علي بروهي ميئر ڪراچي کي درخواست ڪئي ته هو لاڳاپيل ادارن ۽ اعليٰ قيادت سان رابطو ڪري منگهوپير ٽائون ۾ آئي ٽي ٽريننگ سينٽرن ۽ جديد فني تربيت وارن پروگرامن جي قيام لاءِ عملي قدم کڻڻ کي يقيني بڻائين جيئن علائقي جي نوجوانن کي جديد دور جي تقاضائن موجب تعليم ۽ روزگار جا بهتر موقعا ملي سگهن. ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب چيئرمين جي تجويزن کي ڀليڪار ڪندي مڪمل سهڪار ۽ هر ممڪن مدد جي خاطري ڪرائي. هن چيو ته نوجوانن کي جديد تعليم، ٽيڪنالاجي ۽ فني مهارتن سان آراسته ڪرڻ حڪومت جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي ۽ ان مقصد لاءِ لاڳاپيل ادارن سان گڏجي مؤثر قدم کنيا ويندا. ملاقات جي پڄاڻي تي ٻنهي اڳواڻن ان عزم جو ورجاءُ ڪيو ته منگهوپير ٽائون ۾ ترقياتي منصوبن جي رفتار وڌيڪ تيز ڪئي ويندي، شهرين کي بنيادي سهولتون وڌيڪ مؤثر نموني فراهم ڪيون وينديون ۽ اهڙن عوامي ڀلائي جي منصوبن کي ترجيح ڏني ويندي جيڪي علائقي جي ترقي، ماحولياتي تحفظ ۽ نوجوانن جي روشن مستقبل لاءِ اهم ثابت ٿين.

ڪراچي: ٽي ايم سي چيئرمين حاجي نواز علي بروهي مرتضيٰ وهاب سان ملاقات ڪندي

فيفا پاران مداحن جي ووٽن سان چونڊيل عالمي ڪپ ڊريم اليون جو اعلان

زيورخ (اي پي پي)انٽرنيشنل فيڊريشن آف ايسوسي ايشن فٽ بال (فيفا) مداحن جي ووٽن جي بنياد تي چونڊيل عالمي ڪپ ڊريم اليون جو باضابطه اعلان ڪري ڇڏيو آهي. پرڏيهي ميڊيا موجب ان ٽيم جي چونڊ سڄي دنيا جي لکين مداحن جي آن لائن ووٽنگ جي بنياد تي ڪئي ويندي آهي جنهن ۾ تازو عالمي ڪپ ۾ نمايان ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ ۽ دنيا جا ٻهرين جوڙ جا مشهور رانديگر شامل آهن. چونڊيل ٽيم ۾ عالمي چيمپئين ٽيم اسپين ۽ فرانس جي ٽيم کي برتري حاصل آهي جڏهن ته ڪيپ ورڊي جي گول ڪيپر وزينا جي شموليت مداحن کي حيران ۽ متاثر ڪيو آهي. دفاعي لائن ۾ اسپين جو پيڊروپورو ۽ مارڪ ڪڪوريا سميت فرانس جو ڊيوٽ اپاميڪانو ۽ ارجنٽائن جو ليساندرو مارٽنيز کي شامل ڪيو ويو آهي. مڊفيلڊ ۾ اسپين جو روڊري، انگلينڊ جو جوڊ بيلنگهم ۽ فرانس جو مائيڪل اوليسي جاءِ ناهي آهي. فارورڊز/ اٽيڪرز ۾ عالمي فٽ بال جي عظيم نالن جو راڄ رهيو جن ۾ ارجنٽائن جو ليجنڊ ليونل ميسي، فرانس جو اسٽار ڪيلين ايمباپي ۽ ناروي جي گول مشين ارلنگ هالينڊ شامل آهن. مداحن پاران چونڊيل 11 رانديگرن ۾ وزينا (ڪيپ ورڊي)، پيڊرو پورو (اسپين) اپاميڪانو (فرانس)، ليساندرو (ارجنٽائن)، مارڪ ڪڪوريا (اسپين) اپاميڪانو(فرانس) ، ليساندرو (ارجنٽائن) ، مارڪ ڪڪوريا (اسپين) ، روڊري(اسپين)، مائيڪل اوليسي (فرانس)، جوڊ بيلنگهم(انگلينڊ)، ليونل ميسي (ارجنٽائن)، ڪيلين ايمباپي (فرانس) ۽ ارلنگ

گهوٽڪي تعلقي خانپور مهر جي علائقي ۾ مسو واهه کي 25 فوٽ جو گهارو، فصل ٻڏي ويا

گهاري سبب سوين ايڪڙن تي بيٺل چانورن جو فصل پاڻي هيٺ اچي ويو، ڪيترائي گهر پڻ پاڻي هيٺ

اطلاع ڏيڻ باوجود کاتي جو عملو وقت سر گهاري واري هنڌ نه پهتو، رهواسي پنهنجي مدد پاڻ تحت بند ڪرڻ ۾ مصروف

گهاري کي فوري طور بند ڪري متاثر علائقن مان پاڻي جي نيڪال جو بندوبست ڪيو وڃي: رهواسين جو مطالبو

گهوٽڪي: مسومائنر واهه ۾ لڳل گهاري کي ڳوٺاڻا پنهنجي مدد پاڻ تحت بند ڪري رهيا آهن

گهوٽڪي(ن ع) گهوٽڪي تعلقي خانپور مهر جي علائقي ۾ مسو واهه کي 25 فوٽ جو گهارو پئجي ويو جنهن سبب وڏي پيماني تي زرعي زمين ۽ آبادي متاثر ٿي آهي. آبپاشي کاتي جي ذريعن موجب گهارو مسو واهه ۾ ڳوٺ راڻن لنڊ وٽ پيو جنهن ڪانيو واهه جو پاڻي تيزي سان ڀرپاسي وارن علائقن ۾ پکڙجي ويو. گهاري سبب سوين ايڪڙن تي بيٺل چانورن جو فصل پاڻي هيٺ اچي ويو جڏهن ته واهه ڀرسان قائم ڪيترائي ڳوٺ پڻ پاڻي جي لپيٽ ۾ اچي ويا. متاثر هارين جو چوڻ آهي ته واهه جو پاڻي گهرن ۾ داخل ٿيڻ سبب ڪيترائي گهر پڻ پاڻي هيٺ اچي ويا آهن. جنهن ڪري رهواسين کي سخت ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. متاثر هارين آبپاشي کاتي خلاف احتجاج ڪندي الزام هنيو ته اطلاع ڏيڻ باوجود کاتي جو عملو وقت سر واقعي واري هنڌ نه پهتو. هنن ٻڌايو ته علائقي جا رهواسي پنهنجي مدد پاڻ تحت گهاري کي بند ڪرڻ جي ڪوشش ۾ مصروف آهن ته جيئن وڌيڪ نقصان کان بچي سگهجي. هارين حڪومت ۽ لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته گهاري کي فوري طور بند ڪري متاثر علائقن مان پاڻي جي نيڪال جو بندوبست ڪيو وڃي ۽ فصلن ۽ گهرن کي ٿيل نقصان جو ازالو ڪيو وڃي

شهدادڪوٽ ۾ ڊي سي پاران پوليو بوسٽ ڊوز مهم بابت اجلاس

پوليو جي مڪمل خاتمي لاءِ پوليو بوسٽر ڊوز آگاهي مهم جاري آهي: ڊي سي

ٻارن کي پوليو کان وڌيڪ ۽ مضبوط تحفظ فراهم ڪرڻ لاءِ پوليو بوسٽر ڊوز ڏنو ويندو

شهدادڪوٽ(ن ع) ڊپٽي ڪمشنر قمبر شهدادڪوٽ ڪامران حسين مشتاق جي صدارت هيٺ دربار هال ڊي سي آفيس قمبر ۾ 06 آگسٽ کان 13 آگسٽ 2026ع تائين شروع ٿيندڙ پوليو بوسٽ ڊوز مهم بابت آگاهي پروگرام منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ WHOٽيم ليڊر سنڌ ڊاڪٽر چارلس ڪوريش ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر- ون ذوهيب ضمير اوڍانو ڊاڪٽر گلزار علي ٿيٻو (ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر) قمبر سميت صحت کاتي سان لاڳاپيل عملدارن ۽ ڊاڪٽرن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ڊاڪٽر هريش ڪمار ڳالهائيندي چيو ته حڪومت سنڌ جي صحت کاتي ۽ لاڳاپيل ادارن پاران پوليو جي مڪمل خاتمي لاءِ پوليو بوسٽر ڊوز آگاهي مهم جاري آهي جنهن تحت شروعاتي طور قمبر تعلقي جي 16 يونين ڪائونسلن ۾ 4 مهينن کان 10 سالن تائين جي ٻارن کي پوليو کان وڌيڪ ۽ مضبوط تحفظ فراهم ڪرڻ لاءِ پوليو بوسٽر ڊوز ڏنو ويندو صحت جي ماهرن موجب هي بوسٽر ڊوز ٻارن جي مدافعتي قوت کي وڌيڪ مضبوط بڻائي ٿو ۽ پوليو وائرس کان بچاءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو والدين کي اپيل ڪئي وئي آهي ته هو پنهنجي ٻارن کي ويجهي ويڪسينيشن سينٽر، صحت مرڪز يا مقرر ڪيل هنڌن تي وٺي اچي پوليو بوسٽر ڊوز ضرور لڳرائن عوام کي اهو پڻ آگاهه ڪيو ويو آهي ته پوليو جي هر مهم دوران ٻارن کي پوليو جا ڦڙا ضرور پيارين، ڇو ته هر اضافي ڊوز ٻارن جي صحت ۽ محفوظ مستقبل لاءِ انتهائي ضروري آهي هن وڌيڪ بريفنگ ڏيندي چيو ته هن بوسٽر ڊوز جي استعمال سان ڪنهن به قسم جو ڪو سائيڊ افيڪٽ ڪونه آهي هي بوسٽر ڊوز بلڪل صحيح ۽ محفوظ آهي. آخر ۾ ڊاڪٽر گلزار علي ٿيٻو (DHO)قمبر ۽ ڊاڪٽر نور محمد ميمڻ کي بوسٽر ڊوز لڳائي مهم جو افتتاح ڪيو ويو هي بوسٽر ڊوز هر عمر جي ماڻهن کي به لڳائي سگهجي ٿو

شهدادڪوٽ: پوليو بابت رکيل گڏجاڻي کي ڊي سي خطاب ڪندي

Karachi: Honorary Consul of the Republic of Côte d'Ivoire, Fazal Karim Dadabhoy, hosted a farewell dinner in honour of the outgoing Consul General of Malaysia, H.E. Mr. Herman Hardynata Ahmad, and the Consul General of Iraq, H.E. Mr. Maher Mjhid Jejan. The event was attended by Governor of Sindh Advocate Nihal Hashmi, diplomats, senior government officials, business leaders, and members of civil society. Addressing the gathering, the Governor praised the diplomatic services of both Consuls General and reaffirmed Pakistan's commitment to strengthening ties with friendly nations, expressing hope that they would return to Pakistan in even higher diplomatic roles.

Fazal Karim Dadabhoy commended the two diplomats for their valuable contributions to enhancing bilateral relations and people-to-people ties between Pakistan and their respective countries. Malaysian Consul General Herman Hardynata Ahmad described his tenure in Pakistan as memorable and thanked the people of Pakistan for their warmth and hospitality. The Consul General of China and Senator Waqar Mehdi also paid tribute to the outgoing diplomats, while participants described the gathering as a reflection of Pakistan's enduring commitment to international friendship and goodwill.

Prominent industrialist Khurram Khalil Nainitalwala hosted a luncheon in honour of German Consul General Thomas E. Schultze, bringing together members of the business community and industry representatives to discuss opportunities for enhancing Pakistan-Germany trade and industrial cooperation. Addressing the gathering, Nainitalwala said Pakistan's pharmaceutical industry has the potential to expand its exports to Europe by meeting European Union (EU) quality and certification standards. He added that the adoption of advanced German technology has significantly improved the quality and competitiveness of locally manufactured pharmaceutical products. Speaking on the occasion, German Consul General Thomas E. Schultze said Germany and other European countries remain important export destinations for Pakistani businesses, provided products comply with internationally recognised standards. He emphasised that stronger collaboration in trade, technology and investment would create new opportunities for Pakistani exporters and further strengthen economic relations between Pakistan and Germany.

Prominent industrialist Khurram Khalil Nainitalwala hosted a luncheon in honour of German Consul General Thomas E. Schultze, bringing together members of the business community and industry representatives to discuss opportunities for enhancing Pakistan-Germany trade and industrial cooperation. Addressing the gathering, Nainitalwala said Pakistan's pharmaceutical industry has the potential to expand its exports to Europe by meeting European Union (EU) quality and certification standards. He added that the adoption of advanced German technology has significantly improved the quality and competitiveness of locally manufactured pharmaceutical products. Speaking on the occasion, German Consul General Thomas E. Schultze said Germany and other European countries remain important export destinations for Pakistani businesses, provided products comply with internationally recognised standards. He emphasised that stronger collaboration in trade, technology and investment would create new opportunities for Pakistani exporters and further strengthen economic relations between Pakistan and Germany.

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

جمع 24 جولاءِ 2026ع

جديد سائنس، قومي سلامتي ۽ پاڪستان جو مستقبل

اڄ جي دنيا تيزيءَ سان اهڙي دور ۾ داخل ٿي چڪي آهي، جتي جديد سائنس ۽ فني ڄاڻ هر شعبي جي ترقي جو بنيادي ذريعو بڻجي چڪي آهي. قومي سلامتي، معيشت، زراعت، صحت، تعليم، صنعت ۽ حڪمرانيءَ جا طريقا هاڻي اڳي کان بلڪل مختلف ٿي ويا آهن. جيڪي قومون سائنسي تحقيق، نون ايجادن ۽ جديد فني ڄاڻ تي ڌيان ڏئي رهيون آهن، اهي ئي دنيا جي اڳواڻ ملڪن ۾ شمار ٿين ٿيون. جڏهن ته جيڪي ملڪ ان ڊوڙ ۾ پوئتي رهجي وڃن ٿا، سي ترقيءَ جي رفتار ۾ به پوئتي رهجي وڃن ٿا. اهڙي صورتحال ۾ پاڪستان لاءِ به لازمي ٿي ويو آهي ته هو پنهنجي قومي ترقيءَ کي جديد سائنس ۽ مقامي صلاحيتن سان ڳنڍي. وزيراعظم محمد شهباز شريف پاران ملڪ جي خودمختياري ۽ دفاع کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ لاءِ جديد فني ڄاڻ جي استعمال جي عزم جو اظهار، پاڻمرادو هلندڙ نظامن ۽ خودڪار مشينن جي ترقيءَ لاءِ نئين رٿا شروع ڪرڻ ۽ نون ايجادڪارن جي مالي سهائتا لاءِ خاص سيڙپڪاري فنڊ قائم ڪرڻ جو اعلان خوش آئند قدم آهي. جيڪڏهن اهي اعلان عملي صورت اختيار ڪن ته نه رڳو قومي دفاع کي وڌيڪ سگهارو بڻائي سگهجي ٿو پر ملڪ جي صنعت، زراعت، تعليم ۽ معيشت کي به نئين واٽ ملي سگهي ٿي. هاڻي جنگين جو انداز بدلجي چڪو آهي. ماضيءَ ۾ فوجي طاقت جو دارومدار رڳو هٿيارن، فوجي انگ ۽ روايتي جنگي سامان تي هوندو هو پر اڄ صورتحال مختلف آهي. هاڻي جديد فني ڄاڻ، برقي ڄاڻ جي سلامتي، پاڻمرادو هلندڙ نظام، بغير پائلٽ وارا هوائي جهاز ۽ مصنوعي ذهانت قومي دفاع جا اهم هٿيار بڻجي چڪا آهن. دنيا جون وڏيون طاقتون انهن شعبن تي وڏي پئماني تي خرچ ڪري رهيون آهن، ڇاڪاڻ ته مستقبل جي جنگين ۾ برتري ان ملڪ کي حاصل ٿيندي، جيڪو علم، تحقيق ۽ جديد ايجادن ۾ اڳيرو هوندو.

جيڪڏهن پاڪستان پنهنجي دفاعي ضرورتن لاءِ گهڻو سامان ملڪ اندر تيار ڪرڻ جي قابل ٿي رهيو آهي ته اها خوشيءَ جي ڳالهه آهي. مقامي سطح تي بغير پائلٽ وارن هوائي جهازن، تربيتي مشيني نظامن ۽ ٻين جديد وسيلن جي تياري سان ملڪ جو ٻاهرين ملڪن تي ڀاڙڻ گهٽ ٿيندو، قيمتي ناڻو بچندو ۽ مقامي صنعت کي هٿي ملندي. پر ان ترقيءَ کي رڳو دفاع تائين محدود نه رکڻ گهرجي، بلڪ ان جا فائدا ٻين شعبن تائين به پهچڻ گهرجن. پاڻمرادو هلندڙ مشينون ۽ جديد فني ڄاڻ زراعت ۾ پاڻيءَ جي بچت، فصلن جي نگراني، بيمارين جي سڃاڻپ ۽ پيداوار وڌائڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪري سگهن ٿيون. صحت جي شعبي ۾ جديد اوزار علاج کي وڌيڪ تيز ۽ صحيح بڻائي سگهن ٿا. صنعت ۾ پيداوار وڌي سگهي ٿي، جڏهن ته آفتن جي وقت امدادي ڪارروائين، موسم جي اڳڪٿي ۽ وسيلن جي بهتر استعمال ۾ به جديد سائنس اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي. مطلب ته جيڪڏهن جديد فني ڄاڻ جو صحيح استعمال ڪيو وڃي ته ان جا فائدا هر شهري تائين پهچي سگهن ٿا. پر صرف اعلان ڪرڻ سان مقصد حاصل نه ٿيندا. پاڪستان کي اڃا به سائنسي تحقيق، اعليٰ تعليم ۽ نون ايجادڪارن جي همٿ افزائي لاءِ گهڻو ڪم ڪرڻو پوندو. ملڪ ۾ تحقيق تي خرچ دنيا جي ترقي يافته ملڪن جي ڀيٽ ۾ تمام گهٽ آهي. ڪيترين ئي يونيورسٽين ۽ تحقيقي ادارن وٽ جديد سهولتن جي کوٽ آهي، جڏهن ته قابل نوجوانن کي پنهنجي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ جا موقعا به محدود آهن. جيڪڏهن حڪومت پاڪستان کي جديد سائنس ۾ اڳيرو ڏسڻ چاهي ٿي ته پوءِ تعليمي ادارن، تحقيقي مرڪزن ۽ صنعتن جي وچ ۾ مضبوط لاڳاپا قائم ڪرڻا پوندا. ان سان گڏ جديد سائنس جي استعمال دوران ماڻهن جي ذاتي ڄاڻ جي حفاظت، قومي مفادن جي تحفظ ۽ اخلاقي اصولن کي به نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. هر نئين ايجاد سان گڏ نوان خطرا به پيدا ٿين ٿا، تنهن ڪري مضبوط قانون، ذميوار ادارا ۽ تربيت يافته ماهر وقت جي اهم ضرورت آهن. جديد سائنس مان فائدو وٺڻ سان گڏ ان جي غلط استعمال کي روڪڻ لاءِ به مڪمل تياري هجڻ گهرجي.

شاهه لطيف جي عرس تي مشاعري جي روايت بحال ڪئي وڃي

نور سنڌي

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه جو ساليانو عرس مبارڪ سنڌ جو سڀ کان وڏو روحاني، ادبي ۽ ثقافتي اجتماع آهي. ڀٽ شاهه ۾ هونئن به سڄو سال عقيدتمند مرشد لطيف جي درگاهه تي حاضري ڀري سلام پيش ڪندا رهن ٿا. پر عرس مبارڪ جي موقعي تي لکين زائرين ڀٽ شاهه پهچن ٿا، جن ۾ اديب، شاعر، راڳي، محقق، سگهڙ، فنڪار ۽ عقيدتمند وڏي انگ ۾ شامل ٿين ٿا. شروع ۾ ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ۽ پوءِ ثقافت کاتي جي قيام کانپوءِ شاهه لطيف سائين جي عرس مبارڪ جي تقريبن ۾ لطيفي راڳ، ادبي ڪانفرنس، سگهڙ ڪچهرين ۽ ثقافتي ڳوٺ کي خاص اهميت حاصل رهي آهي. پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته شاهه عبداللطيف جهڙي عظيم شاعر جي عرس مبارڪ ۾، جڏهن ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ۽ پوءِ ثقافت کاتي پاران ادبي ۽ ثقافتي پروگرامن جي روايت کي هٿي ڏني وئي، تڏهن انهن پروگرامن ۾ مشاعرن کي به اهم حيثيت حاصل هئي، جيڪا روايت هاڻي آهستي آهستي گهٽ ٿيندي پئي وڃي. سنڌ جي شاعرن توڙي ٻين صوبن جي شاعرن کي به دعوت ڏئي گهرايو ويندو هو جيڪي پنهنجي شاعري وسيلي شاهه لطيف کي نذرانو عقيدت پيش ڪندا هئا. ان دور ۾ ادبي ڪانفرنس ۽ مشاعرو گڏوگڏ ٿيندا هئا. اڳتي هلي الائي ڪهڙن سببن جي ڪري ادبي ڪانفرنسن ۾ شاعرن کي گهرائي شاعري پڙهائڻ واري روايت ختم ڪئي وئي. هجڻ ته ائين گهرجي ها ته لطيف سائين جي عرس مبارڪ ۾ شاعري لاءِ الڳ نشست رکي وڃي ها. پر افسوس جو هن اهم ڳالهه کي نظرانداز ڪيو ويو. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته ثقافت کاتو شاهه لطيف جي عرس مبارڪ جي پروگرامن ۾ ادبي ڪانفرنس ۽ سگهڙ ڪچهري سان گڏ باقاعده 'آل سنڌ لطيفي مشاعرو' پڻ شامل ڪري، جنهن ۾ سنڌ سميت ٻين صوبن جي شاعرن کي دعوت ڏئي گهرايو وڃي، جيئن هو پنهنجي شاعري ذريعي لطيف سائين کي عقيدت جا گل پيش ڪن. اهڙي قدم سان عرس مبارڪ جي خوبصورتي ۾ وڌيڪ اضافو ٿيندو، ادبي سرگرمين کي هٿي ملندي ۽ شاهه لطيف جي فڪري ۽ ادبي عظمت کي وڌيڪ اجاگر ڪرڻ ۾ مدد ملندي. شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه کي دنيا هڪ عظيم ولي الله، صوفي، مفڪر ۽ انسان دوست روحاني شخصيت طور سڃاڻي ٿي، پر ساڳئي وقت هو سنڌي ٻوليءَ جو هڪ عظيم ۽ سگهارو شاعر پڻ آهي. سندس رسالو سنڌي ادب جو بنيادي ماخذ ۽ فڪري سرمايو سمجهيو وڃي ٿو. جيڪڏهن ڪنهن عظيم شاعر جي عرس مبارڪ تي شاعريءَ جي محفل ئي منعقد نه ٿئي ته اها ڳالهه ادبي لحاظ کان هڪ وڏو خال محسوس ٿئي ٿي. شاهه لطيف جي شخصيت جا سڀئي پاسا گڏجي ئي سندس مڪمل سڃاڻپ بڻجن ٿا. تنهن ڪري سندس عرس مبارڪ جي پروگرامن ۾ شاعريءَ کي به مناسب ۽ اهم جاءِ ڏيڻ گهرجي، جيئن سندس فڪر، فن ۽ شاعراڻي عظمت کي وڌيڪ اجاگر ڪري سگهجي.

ڀٽ شاهه ۾ ماضيءَ جا عرس ياد ڪجن ته ادبي ڪانفرنسن سان گڏ رات جو شاندار مشاعرا پڻ منعقد ٿيندا هئا. سنڌ جي نالي وارن شاعرن جي شرڪت سان اهي مشاعرا عرس جي ادبي سونهن کي ڀيٽو ڪري ڇڏيندا هئا. نئين ۽ پراڻي نسل جا شاعر هڪ ئي اسٽيج تي پنهنجو ڪلام پيش ڪندا هئا، جنهن سان نه رڳو ادب کي هٿي ملندي هئي، پر نوجوان شاعرن کي به سکڻ ۽ اڳتي وڌڻ جو موقعو ملندو هو اهي مشاعرا سنڌ جي ادبي تاريخ جو هڪ خوبصورت باب رهيا آهن. جنهن کي ٻيهر زنده ڪرڻ وقت جي ضرورت آهي. ادبي ڪانفرنسن ۾ تحقيق، تنقيد ۽ فڪري بحثن کي اهميت ڏني ويندي آهي، جڏهن ته مشاعرو ادب جو عوامي چهرو هوندو آهي. مشاعري ذريعي شاعر پنهنجي تخليق سڌيءَ ريت ماڻهن تائين پهچائيندو آهي. اهو هڪ اهڙو ادبي پل آهي جيڪو محقق، شاعر ۽ عام پڙهندڙ کي هڪ هنڌ گڏ ڪري ٿو. ان ڪري ادبي ڪانفرنس ۽ مشاعرو هڪ ٻئي جا متبادل نه، پر هڪ ٻئي جا ساٿي آهن. شاهه عبداللطيف پاڻ به شاعر هو. سندس ڪلام صديون گذرڻ باوجود ماڻهن جي زبانن تي زنده آهي. سندس بيت اڄ به راڳ ۾ ڳايا وڃن ٿا، پڙهيا وڃن ٿا ۽ تحقيق جو موضوع بڻجن ٿا. جڏهن عرس ۾ رسالي جا بيت سُرن ۾ پيش ڪيا وڃن ٿا ته پوءِ جديد سنڌي شاعريءَ جي نمائندگي ڪندڙ شاعرن کي به پنهنجي عقيدت پيش ڪرڻ جو موقعو ڇو نٿو ڏنو وڃي، جيڪو ڪين ملڻ گهرجي. ان سان شاهه لطيف جي ادبي ورثي سان انصاف ٿيندو ثقافت کاتي پاران هر سال عرس جي موقعي تي ادبي ڪانفرنس ۽ سگهڙ ڪچهري منعقد ڪئي ويندي آهي، جيڪي يقيناً ساراهه جوڳيون سرگرميون آهن. پر انهن سان گڏ هڪ باوقار مشاعرو شامل ڪرڻ سان پروگرام وڌيڪ جامع ۽ متوازن بڻجي سگهي ٿو. مشاعري ۾ سنڌ جي سڀني علائقن جي نمائندگي ڪندڙ شاعرن کي دعوت ڏيڻ گهرجي، جيئن سنڌي شاعريءَ جي مختلف رنگن ۽ لهجن کي به ڀٽ شاهه جي اسٽيج تي جاءِ ملي. اهو ضروري آهي ته مشاعري کي رڳو رسمي پروگرام نه بڻايو وڃي پر ان جي منصوبه بندي اهڙي نموني ڪئي وڃي جو ادبي معيار، نظم ۽ وقار برقرار رهي شاعرن جي چونڊ سندن ادبي خدمتن ۽ تخليقي معيار کي نظر ۾ رکي ڪئي وڃي، جڏهن ته نوجوان شاعرن کي به سينيئر شاعرن سان گڏ موقعو ڏنو وڃي ته جيئن سندن همت افزائي ٿئي.

هر سال سنڌ جا شاعر، اديب ۽ ادبي تنظيمون شاهه لطيف جي عرس مبارڪ ۾ مشاعري جي پراڻي روايت بحال ڪرڻ جو مطالبو ڪندا رهيا آهن. اهو ڪنهن هڪ فرد يا گروهه جو نه پر سنڌ جي ادبي حلقن جو گڏيل آواز آهي. تنهن ڪري ثقافت کاتي کي ان تي سنجيدگيءَ سان غور ڪرڻ گهرجي. ڀٽ شاهه جو اسٽيج سنڌي ادب جي واڌاري لاءِ به اهم حيثيت رکي ٿو. عرس مبارڪ ۾ مشاعري جي شموليت سان تقريبن جو ادبي ۽ ثقافتي وقار وڌندو، شاعرن جي حوصلا افزائي ٿيندي ۽ نوجوان نسل ۾ ادب سان دلچسپي پيدا ٿيندي.

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ رڳو صوفي بزرگ نه، پر سنڌي ٻوليءَ جو امر شاعر پڻ آهي. سندس عرس تي شاعريءَ جي گونج ۽ ادب جي روشني ڀٽ شاهه جي سڃاڻپ کي وڌيڪ مڪمل بڻائيندي. ان ڪري مشاعري جي بحالي سنڌ جي ادبي ورثي جي حفاظت ڏانهن هڪ اهم قدم هوندو.

هاڻي ڪليل جنگ؟؟

محمود شام

اڄ 14 آگسٽ 2026ع ۾ صرف 21 ڏينهن باقي بچيا آهن، جڏهن ته پاڪستان جي قيام جا 100 سال مڪمل ٿيڻ، يعني 14 آگسٽ 2047ع تائين، 21 سال رهيل آهن. منهنجي خواهش آهي ته اسان اِهي ايندڙ 21 سال قائداعظم محمد علي جناح ۽ علامه محمد اقبال جي خوابن موجب پاڪستان کي هڪ جديد، ترقي يافته ۽ مضبوط ملڪ بڻائڻ لاءِ وقف ڪريون. 20-21 سال ڪنهن به قوم لاءِ اهم عرصو هوندو آهي. جيئن هڪ ٻار پنجن سالن جي عمر ۾ اسڪول شروع ڪري 21 سالن جي عمر تائين پنهنجي تعليم مڪمل ڪري وٺندو آهي، تيئن جيڪڏهن اسان به ايندڙ 21 سالن کي واضح مقصد ۽ بهتر منصوبابندي سان گذاريون، ته ملڪ کي ترقي جي نئين منزل تي وٺي وڃي سگهجي ٿو. اسان جون سياسي جماعتون، دانشور، عالم، استاد، اديب، شاعر ۽ اردو، پنجابي، سنڌي، پشتو، بلوچي، ڪشميري ۽ بلتي ٻولين سان لاڳاپيل سڀ ماڻهو جيڪڏهن گڏجي قومي ترقي کي پنهنجو مقصد بڻائين، ته پاڪستان ضرور اڳتي وڌندو. ملڪ جي هر علائقي وٽ پنهنجي شاندار ثقافت، ادب ۽ صوفي روايتن جو وڏو ورثو موجود آهي ۽ اِن ۾ هاڻي انشاءَ الله هڪ نئين ۽ روشن 'پاڪستان جي صدي' جو اضافو به ٿي سگهي ٿو.

اچو ته هن 14 آگسٽ 2026ع تي اسان پنهنجي تاريخ سان هڪ نئون عهد ڪريون، جيئن 23 مارچ 1940ع تي پاڪستان جي قيام جو عزم ڪيو ويو هو ۽ پوءِ ستن سالن کانپوءِ، 14 آگسٽ 1947ع تي اِهو خواب حقيقت بڻجي ويو. جيڪڏهن توهان به اهڙي خواهش رکو ٿا ته پنهنجي دوستن، ساٿين ۽ پنهنجي اولاد ۾ به اِهو جذبو ۽ عزم پيدا ڪريو، جيئن سڀ گڏجي ملڪ جي بهتر مستقبل لاءِ ڪم ڪري سگهن. اسان پنهنجي جوانيءَ ۾ هڪ نعرو گهڻو ٻڌندا هئاسين: 'هاڻي اسان ۽ توهان جي ڪليل جنگ آهي' اڄ وچ اوڀر ۽ خليجي ملڪن ۾ ان جا عملي منظر به ڏسي رهيا آهيون. هن جنگ جو اصل اڳواڻ ته هتان کان هزارين ميل پري ويٺو آهي، پر اهڙيون جنگيون هلائڻ لاءِ هن دنيا جي ستر کان وڌيڪ ملڪن ۾ پنهنجا فوجي اڏا قائم ڪري ڇڏيا آهن. سوال اِهو آهي ته گڏيل قومن جي اداري ان جي اجازت ڪيئن ڏني؟ عالمي ضمير ۽ اخلاقي قدرن ان کي ڪيئن قبول ڪيو؟ اڳي ته اِهو سڀ ڪجهه ڪميونزم جي خطري کي منهن ڏيڻ جي نالي تي ڪيو ويندو هو، پر هاڻي جڏهن ڪميونزم جو اِهو خطرو ختم ٿي چڪو آهي ته پوءِ نام نهاد آزاد دنيا آخر ڪنهن کان ڊڄي رهي آهي؟

وچ اوڀر، خاص ڪري عرب ملڪن کي، اسرائيل بابت هميشه خدشا رهيا آهن ۽ هُو ڊگهي عرصي کان اسرائيلي حملن ۽ سختين کي برداشت ڪندا پيا اچن. پر حيرت جي ڳالهه اِها آهي ته ڪيترن ئي عرب ملڪن ۾ آمريڪا کي فوجي اڏا، هوائي دفاع جون سهولتون ۽ جهازن ۾ ٻارڻ ڀرائڻ سميت هر قسم جون سهولتون مليل آهن. جڏهن ته آمريڪا ئي اسرائيل جو سڀ کان وڏو فوجي، سياسي، مالي ۽ سفارتي حامي آهي. جڻ ته اهي عرب ملڪ اسرائيل کان ايترو خطرو محسوس ئي نٿا ڪن. انهن مان ڪيترن ته اسرائيل سان سفارتي لاڳاپا به قائم ڪري ورتا آهن. جنهن مان لڳي ٿو ته انهن جا خدشا به انهن ئي قوتن بابت آهن، جن کان آمريڪا پاڻ ڊڄي ٿو. آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ واعدا ٽوڙڻ، معاهدن تان ڦرڻ ۽ ٻين ملڪن تي حملا ڪرڻ ۾ ڪيترائي مثال قائم ڪيا آهن. هو طنزيه انداز ۾ چوي ٿو ته شايد ٽرمپ پنهنجي ماضيءَ جون ڳالهيون وساري ويٺو آهي، جو نه ڪيس نه ويتنام ۾ آمريڪا جي وڏي شڪست ياد آهي ۽ نه ئي افغانستان، جتي آمريڪا ويهه سال ۽ اربين ڊالر خرچ ڪرڻ کانپوءِ آخرڪار اتان نڪرڻ تي مجبور ٿيو.

هاڻي سنڌس سمورو ڌيان ايران کي ايٽمي هٿيارن کان خالي ڪرائڻ ۽ وچ اوڀر ۾ اسرائيل جي واحد وڏي مخالف ايران کي مڪمل طور ڪمزور يا ختم ڪرڻ تي مرڪوز آهي. ان ڪري اسلام آباد ۾ ٿيل مفاهمت واري يادداشت ۽ ان سان لاڳاپيل واعدا به وساري ڇڏيا ويا آهن. ڪين نه ثالثن جي اعتبار جو خيال آهي ۽ نه ئي سفارتي اصولن جو. جيڪي مقصد آخرڪار ڳالهين ۽ مذاڪرات ذريعي حاصل ٿي سگهن ٿا، اهي طاقت جي زور تي بمباري، ميزائلن، ڊرون حملن ۽ تباهي وسيلي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. ايران جي جوڙاري ته آمريڪا جي ڪا سڌي ڪالوني موجود ناهي، پر اهڙيون رياستون ضرور آهن، جيڪي شايد هڪ صديءَ کان انهيءَ مقصد لاءِ مضبوط ڪيون ويون آهن ته جيئن هُو ان خطي ۾ آمريڪا ۽ يورپ جي مفادن جي حفاظت ڪري سگهن.

آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ اسلام آباد واري مفاهمتي يادداشت کي مڪمل طور وساري ڇڏيو آهي. سنڌس دعويٰ آهي ته ايران خلاف تازن فوجي حملن ۾ آمريڪا وچ اوڀر ۾ موجود پنهنجي مختلف فوجي اڏن کي استعمال ڪري رهيو آهي. انهن ۾ قطر جو العديد ايئر بيس شامل آهي، جتي آمريڪي سينٽرل ڪمانڊ جو اهم هيڊڪوارٽر موجود آهي ۽ هڪ ئي وقت لڳ ڀڳ ڏهه هزار آمريڪي فوجي موجود هوندا آهن. بحرين ۾ آمريڪا جي پنجين بحري ٻيڙي جو مرڪز قائم آهي، جڏهن ته گڏيل عرب امارات جي الظفره ايئر بيس تان آمريڪي جنگي جهازن کي ٻارڻ ۽ ٻيون سهولتون فراهم ڪيون وڃن ٿيون. ان کانسواءِ اردن جي الموفق السلطي ايئر بيس، عراق جا عين الاسد ۽ اربيل فوجي اڏا، ڪويت جا عارف جان ۽ الدوحه فوجي ڪيمپ ۽ سعودي عرب جو امير سلطان ايئر بيس پڻ آمريڪي فوجي سرگرمين لاءِ استعمال ٿين ٿا. ايران خلاف تازن حملن ۾ اِهي ئي ست فوجي مرڪز استعمال ڪيا پيا وڃن، جنهن جي نتيجي ۾ ايران به جوابي ڪارروائين دوران انهن ملڪن کي نشانو بڻائي رهيو آهي، ڇاڪاڻ ته سنڌس خيال ۾ اهي ملڪ آمريڪي فوجي ڪارروائين جو حصو بڻيل آهن. صدر ٽرمپ جي فوجي حڪمت عمليءَ جا اهم مقصد ايران جي فوجي قيادت جي مرڪزن کي تباهه ڪرڻ، ان جي فضائي دفاعي نظام کي ختم ڪرڻ، ميزائلن ۽ ڊرونن ناهڻ وارن ڪارخانن کي ناڪاره بڻائڻ، ايران جي بحري طاقت ۽ مواصلاتي نظام کي ڪمزور ڪرڻ، ايٽمي پروگرام کي تباهه ڪرڻ ۽ پاسداران انقلاب کي سخت نقصان پهچائڻ آهن. خاص طور تي انهن دستن کي، جن تي اردن ۾ ٻن آمريڪي فوجين جي مارجي وڃڻ جو الزام لڳايو ويو آهي. آمريڪي دفاع واري اداري ٽرمپ کي يقين ڏياريو آهي ته هو ايران جي خرگ ٻيٽ تي موجود اهم تيل مرڪز تي قبضو ڪري سگهي ٿو ۽ آبنائي هرمز تي ايران جو ڪنٽرول به هڪ يا ٻن هفتن اندر ختم ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو.

دنيا جا دفاعي ماهر ۽ غيرجانبدار تجزيه نگار خاص طور هڪ اهم سوال تي غور ڪري رهيا آهن ته ايران بابت اسلام آباد واري مفاهمتي يادداشت ۾ جيڪا 60 ڏينهن واري جنگبندي جو واعدو ڪيو ويو هو ان تي عمل ڇو نه ٿي سگهيو؟ جيڪڏهن جنگبندي ايران ٽوڙي هئي ته ان جا سبب ڇا هئا ۽ جيڪڏهن پهرين قدم آمريڪا کنيو هو ته ان جا ڪارڻ ڪهڙا هئا؟ اهي سوال اڄ به عالمي سطح تي بحث هيٺ آهن. وچ اوڀر ۾ مستقل ۽ پائيدار امن ڪنهن ڪنهن جي مفاد ۾ ناهي؟ جن عرب ملڪن ۾ آمريڪا جا فوجي اڏا قائم آهن، انهن کي 28 فيبروري کان وٺي هينئر تائين جاني نقصان، مالي خساري، سفارتي دٻاءُ ۽ اخلاقي تنقيد جي صورت ۾ ڪيترو نقصان برداشت ڪرڻو پيو آهي، ان جو به جائزو وٺڻ گهرجي. هن ڀيري ايران پهرين گڏيل قومن سان رابطو ڪيو ۽ ان کانپوءِ پنهنجي ثالث، يعني پاڪستان سان به ڳالهه ٻولهه ڪئي. سنڌس چوڻ آهي ته ايران جي سپريم ليڊر جي جنازي ۾ دنيا جي لڳ ڀڳ 70 ملڪن طرفان اخلاقي همدردي ۽ حمايت جو اظهار ڪيو ويو ۽ اهي سڀ ملڪ گڏيل قومن جا ميمبر پڻ آهن. جنهن سبب ايران کي عالمي سطح تي ڪجهه سفارتي سهارو به حاصل ٿيو. هاڻي آمريڪا جي آئيني ادارن جو صبر به جواب ڏيندو پيو وڃي، ڇاڪاڻ ته سنڌس خيال ۾ هن ڪليل جنگ مان آمريڪا کي ڪو خاص فائدو حاصل نه ٿيو آهي. هينئر تائين 17 آمريڪي فوجين جي مارجي وڃڻ کانپوءِ آمريڪا جي مختلف رياستن ۾ احتجاج به شروع ٿي ويا آهن، جنهن جو اثر عوامي راءِ تي به پئجي رهيو آهي. ٻئي طرف، ايران جي اهم اڳواڻن جي وفات کانپوءِ ڪيترن ئي ڏينهن تائين نڪتل تعزيتي جلوسن ايراني عوام جو پنهنجي قيادت تي اعتماد وڌيڪ مضبوط ڪيو آهي. عالمي تجزيه نگارن جو خيال آهي ته ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ هلندڙ هيءُ تڪرار هاڻي رڳو ٻن ملڪن جي جنگ نه رهيو آهي، پر امن جي حامين ۽ جنگ جي حامين وچ ۾ هڪ ڪليل مقابلي جي صورت اختيار ڪري ويو آهي. فيفا جي فائنل ۾ اسپين جي فتح امن جي حامين ۽ مظلوم فلسطينين سان همدردي رکندڙ ماڻهن کي اخلاقي برتري جو احساس ڏياريو آهي. دنيا اِهو منظر به ڏٺو ته ٽرمپ جي اثر هيٺ سمجهيل علائقن ۾ به فلسطين جو جهنڊو ۽ امن جي علامتن جا رنگ نظر آيا.

ڪليل جنگ مان آمريڪا کي ڪو خاص فائدو حاصل نه ٿيو آهي. هينئر تائين 17 آمريڪي فوجين جي مارجي وڃڻ کانپوءِ آمريڪا جي مختلف رياستن ۾ احتجاج به شروع ٿي ويا آهن، جنهن جو اثر عوامي راءِ تي به پئجي رهيو آهي. ٻئي طرف، ايران جي اهم اڳواڻن جي وفات کانپوءِ ڪيترن ئي ڏينهن تائين نڪتل تعزيتي جلوسن ايراني عوام جو پنهنجي قيادت تي اعتماد وڌيڪ مضبوط ڪيو آهي. عالمي تجزيه نگارن جو خيال آهي ته ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ هلندڙ هيءُ تڪرار هاڻي رڳو ٻن ملڪن جي جنگ نه رهيو آهي پر امن جي حامين ۽ جنگ جي حامين وچ ۾ هڪ ڪليل مقابلي جي صورت اختيار ڪري ويو آهي. فيفا جي فائنل ۾ اسپين جي فتح امن جي حامين ۽ مظلوم فلسطينين سان همدردي رکندڙ ماڻهن کي اخلاقي برتري جو احساس ڏياريو آهي.

لائيو اسٽاڪ کاتي جي وٽرنري ڊاڪٽرن ۽ اسٽاڪ اسسٽنٽن کي ويڪسين مهم معاوضو ڏنو وڃي؟!

امداد حسين منگي

لائيو اسٽاڪ کاتي سنڌ طرفان گذريل مهينن کان مالدارن جي مال کي بيمارين جي بچاءَ خاطر اڳواٽ ويڪسين ڪئي پئي وڃي، جنهن سان ڍڳين جو ڀلو ته ٿيندو ۽ لائيو اسٽاڪ کاتي طرفان ويڪسين جي سروس مالدارن کي ملي ٿي علاج سروس گذريل 3 مهينن کان گهٽ ملي ٿي، جنهن جو سبب اهو آهي ته کاتي طرفان وٽرنري سينٽرن، اسپتالن، ڊسپينسرين کي دوا نه ملي آهي، ان جو سبب اهو ڄاڻايو وڃي ٿو ته اڃان ڪجهه ڪمپنين دوائون خريد ڪري نه ڏنيون آهن. جيڪي پهچي چڪيون آهن ضلعن ۾ انهن جي چيڪنگ نه ٿي آهي. جنهن ڪري ڍڳين کي علاج واري سهوليت گهٽ ملي ٿي. وٽرنري ڊاڪٽر ۽ اسٽاڪ اسسٽنٽ جيڪي پنهنجي سينٽرن اسپتالن سان گڏ فيلڊ ۾ ڏورانهين علائقن ۾ ڪچي ۽ پڪي ۾ وڃي جانورن کي ويڪسين ڪن ٿا، هو پنهنجي پگهار مان پيٽرول وغيره خرچ ڪن ٿا، جيڪا سراسر ناانصافي آهي. سرڪاري پگهار مان پنهنجي ٻچڙن جو پيٽ ڪيئن پاليندا ۽ پنهنجي اولاد کي ڪيئن تعليم ڏياريندا. بالا آفيسرن کي 800 ليٽر تائين لکين روپيا پيٽرول ۽ ٻيون سهولتون ملن ٿيون ۽ ضلعي آفيسرن کي عليحده پيٽرول ملي ٿو. انهن آفيسرن کي اهو ان وقت سوچڻ گهرجي ته فيلڊ ورڪ ڪرائڻ جي پاليسي جوڙڻ وقت اهو خيال رکن ته وٽرنري ڊاڪٽر ۽ اسٽاڪ اسسٽنٽ روزانو 1 هزار کان 15 سئو تائين پيٽرول ۽ کاڌ خوراڪ تي خرچ ڪري ٿو جيڪو پنهنجي اسپتال کان 100 کان 150 ڪلوميٽر ڪم ڪرڻ پري وڃي ٿو ته انهن کي به سهوليت ڏني وڃي. اهو هرگز نه ٿيڻ گهرجي ته ڊاڪٽر ۽ اسٽاف پگهار ڪٽن ٿا پاڻ وڃي خرچ ڪن، ٿيڻ ائين گهرجي ته جيئن هيلٿ کاتي ۽ PPHIوارن کي ڪابه مهم ويڪسين يا ڪا ٻي مهم هلائڻ لاءِ ان اسٽاف کي سڀ کان پهريان سينٽر کان سرڪاري گاڏيون ڪٽي ويندڙيون آهن ۽ انهن کي معاوضو به ڏنو ويندو آهي، جنهنڪري گهر گهر نمبرنگ به ٿيندي آهي ۽ ويڪسين به ٿيندي آهي، هر هڪ کي ويڪسين ٿيڻ جو ڪارڊ ۽ نشان به لاٽ ٿيندو آهي. ڪم ڪندڙ اسٽاف کان جڏهن ايڪسٽرا ڪم ورتو ويندو آهي ته ان کي پگهار کانسواءِ معاوضو ڏنو ويندو آهي ته هو خوشيءَ خوشيءَ سان ڪم سرانجام ڏيندا آهن. انڪري انسانن ۾ مختلف وچڙندڙ بيمارين کان ڪنٽرول ٿي چڪو آهي، جهڙوڪ ٽي بي، هيپاٽائٽس، ارڙي، نمونيا، ٽائيفائيڊ، پوليو ۽ عورتن کي جهٽڪي واري ويڪسين TTجيڪا حمل واري عورت کي ٿيندي آهي، جنهن تي صحت کاتي طرفان مڪمل ڪنٽرول ٿي چڪو آهي، اهو انڪري ته هو اسٽاف کي هر سهوليت ڏين ٿا ۽ اسپتالن کي مڪمل اسٽاف، فرنيچر، دوائون ۽ ٻيون سڀئي سهولتون ملن ٿيون ۽ بجيٽ به سٺي آهي، مگر لائيو اسٽاڪ کاتي جي سڀني ونگز جهڙوڪ اينيمل هسبينڊري، بريڊنگ، پولٽري، ريسرچ ۽ فارمن جي بجيٽ به گهٽ نه آهي مگر اها آفيسن تائين خرچ ٿئي ٿي، جيڪا سراسر ناانصافي آهي. فيلڊ ۾ ڪم ڪندڙ اسٽاف کي معاوضو ڪونه ٿو ملي. ان سبب جي ڪري ڳوٺن ۾ مالدارن کي صحيح سروس ڪونه ٿي ملي. جنهنڪري حڪومت سنڌ، لائيو اسٽاڪ کاتي سنڌ ۾ ويٽل پاليسي جوڙيندڙن ۽ صوبائي وزير لائيو اسٽاڪ کي هن طرف ڌيان ڏيڻ گهرجي ته فيلڊ ۾ ڪم ڪندڙ اسٽاف کي معاوضو ڇو نٿو ملي. ڪم ڪن وٽرنري ڊاڪٽر ۽ اسٽاڪ اسسٽنٽ جيڪي کاتي جو مورال مٿي ڪن ٿا، انهن سان انصاف ڇو نٿو ٿئي؟ اهڙي طرح مختلف نالن سان جيڪي پراجيڪٽ هلن ٿا انهن ۾ فيلڊ ۾ ڪم ڪندڙ اسٽاف جو پرتي نٿو ڪيو وڃي ۽ هڪ آفيسر 2 کان 3 پراجيڪٽن مان ڪيئن فائدو وٺن ٿا، فيلڊ ۾ ڇا آفيسر ڪم ڪندا آهن هرگز نه؟

'جنگ اندر نئين جنگ'

عمران يعقوب خان

ايران تي آمريڪي حملن ۾ تيزي اچڻ کانپوءِ امن ڳالهيون بيهي ويون آهن جڏهن ته ايران طرفان آمريڪي فوجي تنصيبات سان گڏ خليجي ملڪن ۾ سمنڊ جي پاڻي کي پيئڻ جي قابل بڻائڻ وارن (Desalination) پلانٽن تي حملن سبب جنگ دوران هڪ نئين جنگ جو خطرو وڌي ويو آهي. هي نئون خطرو هاڻي انهن ڊِي سيلينيشن پلانٽن کي بچائڻ واري جنگ جي صورت اختيار ڪري سگهي ٿو، ڇو ته خليجي ملڪن لاءِ اهي پلانٽ پاڻي جي فراهمي جو اهم ذريعو آهن جيڪڏهن اِهي مرڪز نقصان جو شڪار ٿين ٿا ته عام ماڻهن جي زندگي صنعت ۽ روزاني ضرورتن تي وڏو اثر پئجي سگهي ٿو. ايران خليجي ملڪن جي ڊِي سيلينيشن پلانٽن کي نشانو بڻائڻ جو قدم آمريڪا طرفان ايران جي اهڙن ئي پاڻي جي منصوبن تي ڪيل حملن جي جواب ۾ کنيو آهي. سنڌس چوڻ آهي ته جيڪڏهن آمريڪا پهريان ايران جي پاڻي وارن پلانٽن تي حملا نه ڪري ها ته شايد ايران طرفان به اهڙي قسم جو ردعمل ظاهر نه ڪيو وڃي ها.

خطرو اِهو آهي ته جيڪڏهن سمنڊ جي پاڻيءَ کي صاف ڪري پيئڻ جي قابل بڻائڻ وارن انهن پلانٽن کي وڏو نقصان پهتو يا اُهي مڪمل طور تباهه ٿي ويا ته خليج تعاون ڪائونسل (GCC) جي ڇهن ئي ملڪن جي لڳ ڀڳ ساڍا ڇهه ڪروڙ آبادي لاءِ زندگي ۽ موت جو مسئلو پيدا ٿي سگهي ٿو، ڇو ته اِهي پلانٽ انهن ملڪن لاءِ پاڻي جي فراهمي جي زندگيءَ جي رڳ جي حيثيت رکن ٿا. سڀني کي خبر آهي ته عرب ملڪن جي ريگستاني علائقن ۾ زمين هيٺ گهڻو ڪري تيل ۽ گئس جهڙا معدني ذخيرا موجود آهن پر ڪجهه هنڌن تي زيرزمين پاڻي به ملي وڃي ٿو. زمين اندر موجود پاڻي ۽ سمنڊ جي پاڻي کي صاف ڪري تيار ڪيل پيئڻ جو پاڻي گڏجي هن خطي جي پاڻي جي ضرورتن جو لڳ ڀڳ 90 سيڪڙو پورو ڪن ٿا. خليجي خطي ۾ هلندڙ ڇڪتاڻ دوران سمنڊ جي پاڻي کي پيئڻ لائق بڻائڻ وارن پلانٽن تي ٿيندڙ حملن سڄي علائقي ۾ زندگي، معيشت ۽ روزاني ضرورتن لاءِ نوان خطرا پيدا ڪري ڇڏيا آهن. ڪويت تازو ايران جي فوجن تي الزام لڳايو آهي ته هنن ملڪ جي هڪ پاڻيءَ جي پلانٽ کي ٻيهر نشانو بڻايو، جنهن کانپوءِ خليجي ملڪن ۾ پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي بابت سخت ڳڻتي وڌي وئي آهي. پر سمورو الزام رڳو ايران تي نٿو لڳائي سگهجي ڇاڪاڻ ته ايران اهي قدم آمريڪي حملن جي جواب ۾ کنيا آهن سنڌس خيال موجب، هن تڪرار جي شروعات آمريڪا طرفان ڪئي وئي هئي جنهن کانپوءِ ايران ردعمل ظاهر ڪيو.

دنيا جا ڪيترائي ملڪ، خاص ڪري اهي علائقا جتي برسات تمام گهٽ پوي ٿي جتي مٺي پاڻي جا قدرتي ذخيرا محدود آهن يا جتي زمين هيٺ پاڻي جا وسيلا تمام گهٽ آهن پنهنجي پاڻيءَ جي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ سمنڊ جي پاڻي کي استعمال لائق بڻائڻ واري جديد ٽيڪنالاجي يعني ڊِي سيلينيشن (Desalination) تي ڀاڙين ٿا. ڊِي سيلينيشن واٽر پلانٽس سمنڊ جي پاڻيءَ مان لوڻ ۽ ٻيا نقصانڪار جزا الڳ ڪري ان کي پيئڻ، زراعت، صنعت ۽ روزاني زندگي جي ٻين ڪمن لاءِ استعمال جي قابل بڻائين ٿا. جيئن ته سڀني کي خبر آهي ته خليجي علائقي جو موسم تمام گهڻو گرم ۽ خشڪ آهي هتي برساتون به تمام گهٽ ٿين ٿيون، جنهن سبب صاف پيئڻ جي پاڻي جا قدرتي وسيلا تقريباً نه هجڻ برابر آهن. خليجي ملڪ سمنڊن جي ڪنارن تي واقع آهن. تنهن ڪري انهن حڪومتن پاڻيءَ جي کوٽ کي پورو ڪرڻ لاءِ سمنڊ جي پاڻي کي صاف ڪري پيئڻ لائق بڻائڻ وارا وڏا پلانٽ قائم ڪيا آهن هڪ تحقيق موجب، گڏيل عرب امارات کان وٺي ڪويت تائين خليج جي سامونڊي ڪنارن تي 400 کان وڌيڪ واٽر پلانٽ موجود آهن سڄي دنيا ۾ سمنڊ جي پاڻيءَ کي صاف ڪرڻ جي جيڪا مجموعي صلاحيت موجود آهي ان مان لڳ ڀڳ 60 سيڪڙو رڳو خليجي ملڪن وٽ آهي اهي پلانٽ دنيا ۾ صاف ڪيل ڪُل پاڻي جو لڳ ڀڳ 40 سيڪڙو فراهم ڪن ٿا. ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته خليجي ملڪن لاءِ اهي پلانٽ ڪيتري اهميت رکن ٿا. پاڻي جي فراهمي ۾ انهن پلانٽن جي اهميت جو اندازو ان ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته ڪويت پنهنجي پيئڻ جي پاڻي جو لڳ ڀڳ 90 سيڪڙو، عمان 86 سيڪڙو، سعودي عرب 70 سيڪڙو ۽ گڏيل عرب امارات 42 سيڪڙو پاڻي انهن ئي پلانٽن ذريعي حاصل ڪن ٿا. ايران به پنهنجي سامونڊي علائقن جهڙوڪ قشم ٻيٽ ۾ اهڙا پلانٽ استعمال ڪري ٿو پر ايران وٽ ڪيترائي درياهه، ڊيم ۽ مٺي پاڻي جا ٻيا قدرتي وسيلا پڻ موجود آهن ان ڪري ايران جو خليجي ملڪن جي ڀيٽ ۾ اهڙن پلانٽن تي ايترو گهڻو دارومدار ناهي جيئن اڳ ذڪر ڪيو ويو آهي ته جيڪڏهن اهي ڊِي سيلينيشن پلانٽ ڪنهن به سبب جي ڪري تباهه ٿي وڃن ٿا ته ان جا اثر رڳو مقامي ماڻهن تائين محدود نه رهندا، پر معيشت، ماحول، عوامي صحت ۽ سڄي علائقي جي استحڪام تي به پوندا سڀ کان پهريون ۽ وڏو نقصان سخت پاڻيءَ جي کوٽ جي صورت ۾ سامهون ايندو. ايتري تائين جو ماڻهن کي پيئڻ جو پاڻي به دستياب نه رهندو غسل ۽ ٻين ضرورتن لاءِ پاڻي ملڻ ته پوءِ جي ڳالهه آهي خليجي ملڪ انهن پلانٽن مان حاصل ٿيندڙ پاڻي جو ڪجهه حصو زراعت لاءِ به استعمال ڪن ٿا، تنهن ڪري جيڪڏهن پاڻي جي فراهمي متاثر ٿي ته انهن ملڪن ۾ جيڪا ٿوري گهڻي زراعت موجود آهي اها به سخت متاثر ٿيندي. صنعتي ادارا به پنهنجي پيداوار جي مختلف مرحلن ۾ وڏي مقدار ۾ پاڻي استعمال ڪن ٿا. بجلي گهرن، ڪيميڪل ڪارخانن، خوراڪ ناهيندڙ صنعتن، دوائن جي تياري ۽ ٻين شعبن لاءِ پاڻي جي مسلسل فراهمي تمام ضروري هوندي آهي جيڪڏهن ڊِي سيلينيشن پلانٽ مڪمل طور تباهه ٿي وڃن ته انهن ملڪن جي صنعتن کي به وڏو نقصان پهچي سگهي ٿو.

اسلامي تعليمات موجب جنگ دوران به پاڻي بابت اهم اصول موجود آهن انهن ۾ دشمن جي پاڻيءَ جي فراهمي بند نه ڪرڻ عام شهرين لاءِ پيئڻ جي پاڻي جي سهولتن کي نقصان نه پهچائڻ ۽ زخمين کي ترجيحي بنياد تي پاڻي فراهم ڪرڻ شامل آهن اسلامي جنگي قانون ۾ دشمن جي کوهن، نهرن يا پاڻيءَ جي ذخيرن کي بند ڪرڻ يا انهن کي زهر آلود ڪرڻ جي اجازت ناهي ڏني وئي جيئن انسان ۽ جانور اڃ سبب مري نه وڃن اسلامي نقطه نظر موجب فوجن جي اڳتي وڌڻ دوران فصلن کي تباهه ڪرڻ، زرعي زمينن کي نقصان پهچائڻ آبادين ۾ قتل عام ڪرڻ ۽ باهه لڳائڻ به ناجائز عمل آهن پاڻي جا وسيلا به ساڳئي اصولن ۾ شامل سمجهيا وڃن ٿا. انٽرنيشنل ڪميٽي آف دي ريڊ ڪراس موجب جنيوا ڪنوينشنز تحت اهڙن وسيلن ۽ شين کي تباهه ڪرڻ منع آهي جيڪي عام ماڻهن جي زندگي بچائڻ لاءِ ضروري آهن ۽ صاف پيئڻ جو پاڻي انهن ۾ سڀ کان اهم آهي گڏيل قومن جي اصولن موجب جنگ دوران پاڻي جي پلانٽن، ڊيمز يا پاڻي پهچائڻ واري نظام کي ڄاڻي واڻي نشانو بڻائڻ عالمي قانون جي سنگين ڀڃڪڙي ۽ جنگي ڏوهه تصور ڪيو وڃي ٿو. ان ڪري ضروري آهي ته وچ اوڀر ۾ هلندڙ جنگ دوران پاڻي جي وسيلن کي تباهه ڪرڻ جو سلسلو بند ڪيو وڃي ان حوالي سان سڀ کان وڏي ذميواري آمريڪا تي لاڳو ٿئي ٿي جيڪڏهن آمريڪا جي ايران سان جنگ هلي رهي آهي ته دنيا جي وڏي طاقت جي اڳواڻ طور صدر ٽرمپ کي گهرجي ته هو جنگ جي عالمي اصولن کي نظر ۾ رکندي ايران جي پاڻي صاف ڪرڻ وارن پلانٽن کي نشانو بڻائڻ بند ڪري، جيڪڏهن آمريڪا اهڙا حملا روڪي ٿو ته ايران طرفان به جوابي ڪارروايون بند ٿي سگهن ٿيون سنڌس خيال ۾ جيڪڏهن پاڻي جي وسيلن تي حملو جنگي ڏوهه آهي ته پوءِ ان اصول تحت ذميوارن جو احتساب ٿيڻ گهرجي ايران جي پاڻي وارن پلانٽن تي حملن مان ظاهر ٿئي ٿو ته ڊونلڊ ٽرمپ نه رڳو عام حالتن ۾ پر جنگ دوران به اخلاقي اصولن کي نظرانداز ڪري ٿو گڏيل قومن جو ادارو دنيا ۾ مستقل امن قائم ڪرڻ لاءِ ٺاهيو ويو هو جيڪڏهن اهو مقصد مڪمل طور حاصل نه ٿي سگهيو آهي ته گهٽ ۾ گهٽ اهو يقيني بڻائڻ گهرجي ته جيڪي جنگيون ٿين ٿيون، اهي عالمي قانونن ۽ انساني اصولن مطابق وڙهيون وڃن

لطيفي لاٽ ——— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

ڪانڌ تنهنجي پانڌ ري، سيءُ مَران سڀ رات،
ڪامل ڪپاهن ۾، جهپ نه جهات،
اچين جي پرڀات، ته آئون سيءُ نه ساريان.

سارنگ ۾ لطيف سائين جو مُکُ ڪردار عورت جون امنگون، ان جي رُوح، جهوري جهجهڻ ۽ ارپنا ٿي رهيو آهي. عورت جنهن کي ڪمزور ۽ ناتوان سمجهيو وڃي ٿو تنهن کي لطيف سائينءَ پنهنجي شاعريءَ جو اهم محرڪ ۽ هيروئن جي ڪردار ۾ بڻائي پيش ڪيو آهي. هُنَ (عورت) منجهه قدرت ڏکن ۽ اندر جي جذبن، ارمانن کي منهن ڏيڻ انهن کي برداشت ڪرڻ جي هڪ فطري شڪتي يا طاقت رکي آهي هتي به سر سارنگ ۾ جنهن منجهه آرتنگ ۽ گرمي ٿئي پر عڪس بندي سياري جي موسم جي ٿيل آهي. جنهن ۾ عورت پنهنجو اندر اوريندي مُرس سان پنهنجي ڪيفيت جو حال ونڊي ٿي ته اي ڪانڌ! تون پري آهين تون گڏ هوندو آهين ته مون کي ڪو به خوف خطرو ناهي هوندو، ڇو ته تنهنجي پناهه جو پاند منهنجي مٿان هوندو آهي. هاڻ ته سيءَ جي موسم آهي گرم ڪپهه جون سوڙيون ۽ هيٺان پڙائيون وڇايل آهن پر پوءِ به ذري برابر آرام نه اٿم ڪا جهپ ئي پئي اچيم. اندر منجهه تنهنجي سڪ جي جهجهڻ ۽ جهوري اٿم. تون جيتوڻيڪ پراهين پنڌ تي آهين پر جي ڏکيءَ رات جو يعني پرڀ مهل ئي پهچي پئين ته مون کان سياري رات وارو سيءُ يعني سڀ ڏک ئي دور ٿي وڃن. سموريون پوڳنائون ئي وسري وڃن اها محبت، پيار جي لاڳاپي ۽ ارپنا جي حد آهي

(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

اڄوڪو ڏينهن ..... 24 جولاءِ

مختيار انڙ

ليلارام رجنداڻي

اڄوڪو ڏينهن اسان کي برک اديب ليلارام رجنداڻيءَ جي ياد ڏياري ٿو، جنهن جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1924ع ۾ نوشهري فيروز ضلعي جي مشهور شهر نارو شاهه ۾ ٿيو هو. ليلارام هڪ گهڻ رخي شخصيت جو مالڪ هو، هو هڪ شاعر، ڪهاڻيڪار، مضمون نگار، صحافي، ڪالم نويس ۽ لوڪ ادب جو وڏو ڄاڻو هو ورهاڱي کان اڳ هو سنڌ مان شايع ٿيندڙ مختلف اخبارن سان لاڳاپيل رهيو. انهن اخبارن ۾ سنسار، سماچار، هندو سنسار ۽ آزاد شامل آهن. هو سنڌو رسالي ۾ به باقاعدگيءَ سان لکندو هو ورهاڱي کان پوءِ هندستان ۾ هن جهولي لال اخبار شروع ڪئي. ان کان علاوه روزاني هندو پرڪاش، آشاواڻي ۽ احمد آباد مان جاري ٿيندڙ مختلف فلمي اخبارن سان جڙيل رهيو. هو هڪ مشهور ڪالم نويس هو سياسي، سماجي ۽ ادبي موضوعن تي لکيل سندس ڪالم گهڻو مشهور ٿيا. هو ڪيترن ئي ڪتابن جو خالق پڻ هو جن ۾ "سنڌوءَ جي جهلڪ" (1964)، "وديارٿي رهبر" (1970ع)، "سنڌو درشن" (1972ع)، "سنڌي ٻوليءَ جو وڪاس (1977ع)، "سنڌي لوڪ ڪهاڻيون" (1979ع)، "سنڌي ٻولي" (1982ع)، "سنڌي ساهت ۾ مذاق" (1982ع)، "سنڌي نظم جي تاريخ" (1988ع)، "آزاديءَ کان پوءِ گجرات ۾ سنڌي ساهتيه" (1991ع)، "آزاديءَ بعد سنڌي ساهت جو اتهاس" (1994)، "اڏيرولال"، "سنڌي وياڪرڻ"، "سنڌي پڪيٽ" ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن. هن 9 مئي 2002ع تي لاڏاڻو ڪيو.



ايس گل

اڄ مشهور فلمساز ۽ اداڪار ايس گل جي جنم جو ڏينهن آهي. ايس گل جو اصل نالو سيد فضل علي شاهه چاموٽ هو ۽ هن جو جنم 24 جولاءِ 1927ع ۾ مٽياريءَ ۾ ٿيو. هن کي استاد غلام حيدر ممبئيءَ جي فلمي دنيا ۾ متعارف ڪرايو. هن فلم نمري ۾ هڪ اداڪار طور ڪم ڪيو. ان بعد ٻين به ڪجهه فلمن ۾ اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريائين. انهن فلمن ۾ نيا دور، قربده، ريت ۽ آگ ڪا درياءُ شامل آهن. هن پاڪستاني فلم عيد ۾ به مرڪزي ڪردار ادا ڪيو. هن 1954ع ۾ ڪراچيءَ ۾ ايس اسٽوڊيوز لميٽڊ نالي سان هڪ فلمي ادارو قائم ڪري فلمون ناهڻ شروع ڪيون. هن کي پاڪستان ۾ سنڌي فلمن جو پهريون ڊائريڪٽر ۽ پروڊيوسر هئڻ جو اعزاز حاصل آهي. هن جي هدايتڪار طور پهرين فلم 'حاضر سائين' هئي جيڪا گهڻو مشهور ٿي. ان کان علاوه هن جيڪي فلمون ناهيون تن ۾ سهڻا سائين، علي گوهر ۽ محب شيدي شامل آهن. هن 18 آڪٽوبر 1999ع تي وفات ڪئي.

اختر اديب

اختر اديب پنهنجي دور جو هڪ سٺو شاعر، ليکڪ، حڪيم ۽ ناٽڪ نويس هو. هن جو جنم 24 جولاءِ 1932ع تي شڪارپور ۾ ٿيو. هو فقط اٺ درجا پڙهيو، پر سنڌي، اردو ۽ سرائڪي ٻولين تي چڱو عبور حاصل هئس. سندس اصل نالو غلام محمد شاهه ولد باغ علي شاهه لکوي هو پر ادبي دنيا ۾ اختر اديب جي نالي سان مشهور ٿيو. هن 1947ع ڌاري لکڻ جي شروعات ڪئي. سندس لکڻيون ان وقت جي اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپجنديون رهيون. هو هڪ سٺو ناٽڪ نويس به هو. سنڌي ۽ اردوءَ ۾ ناول به لکيائين. هن جي شاعريءَ جي مجموعن ۾ "ڪلام اختر - سنڌي" ۽ "ڪلام اختر- اردو" شامل آهن.

تولارام لالي

تولارام لالي سنڌي ۽ مراٺي ٻولين جو ماهر هو هن جو پورو نالو تولارام ڪنعيالال رهيجا هو ۽ سندس جنم 24 جولاءِ 1939ع تي سکر ۾ ٿيو ورهاڱي کان پوءِ سندس ڪٽنب هندستان جي شهر پوني ۾ رهائش اختيار ڪئي، هن پنهنجي عمر جو گهڻو حصو به انهيءَ ئي شهر ۾ گذاريو. تولارام ادبي دنيا ۾ هڪ ترجمي نگار طور ياد ڪيو وڃي ٿو هن کي سنڌيءَ سان گڏ مراٺي ٻوليءَ تي عبور حاصل هو هن ڪيترين ئي ڪهاڻيون سنڌيءَ ۽ مراٺي ٻولين ۾ لکيون، خاص طور تي هن ڪيترائي سنڌي مضمون، ڪهاڻيون ۽ شاعري سنڌيءَ مان مراٺي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪري مڃتا ماڻي. هن مراٺي تخليقن جا سنڌيءَ ۾ پڻ ترجما ڪيا. خاص طور تي ٻوڊ راج ٻوڊ، جشن واسواڻيءَ، پوپٽي هيرانندڻيءَ ۽ ريٽا شهاڻيءَ جون تخليقون مراٺي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪري مقبوليت ماڻيائين.

محمد فقير کورار

هن لوڪ شاعر ۽ سگهڙ جو جنم 1943ع ڌاري تعلقي ٺل ضلعي جيڪب آباد جي ڳوٺ پراڻو جنگو ۾ ٿيو. سندس والد جو نالو محمد ڇٽل کورار هو. هو فقط پنج درجا پڙهيو ۽ هاريو ڪري پنهنجو پيٽ گذر ڪندو هو. هن استاد لعل فقير کورار جي صحبت ۾ اچي سگهڙائپ جي سنسار ۾ چڱو نالو ڪڍيو. خاص طور تي سندس سينگار بيت گهڻو مشهور ٿيا. هن 24 جولاءِ 2013ع تي دم ڏنيءَ حوالي ڪيو.

علي حسن چانڊيو



اڄ مشهور قوم پرست اڳواڻ علي حسن چانڊئي جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. علي حسن چانڊئي جو جنم 22 جنوري 1963ع ۾ ٿيو. هن ابتدائي تعليم نوڙ شهر مان حاصل ڪئي. انٽر جو امتحان نواب شاهه ڪاليج مان پاس ڪيائين. اڳتي هلي سنڌ يونيورسٽيءَ مان بين الاقوامي تعلقات واري شعبي ۾ گريجوئيشن ڪيائين. هن سياسي سفر جي شروعات سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس سان ڪئي. هو ڊيموڪريٽڪ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو صدر پڻ رهيو. 1989ع ۾ جيئي سنڌ محاذ ترقي پسند ونگ ۾ شموليت اختيار ڪيائين. 1991ع ۾ سنڌ ترقي پسند پارٽيءَ جو ميمبر بڻيو. هو انهيءَ پارٽيءَ جو وائيس چيئرمين، جنرل سيڪريٽري، ڪراچي ڊويزن جو صدر ۽ ٻين عهدن تي فائز رهيو. 2008ع ۾ سنڌ ترقي پسند پارٽي ڇڏي پنهنجي الڳ پارٽي سنڌ نيشنل موومينٽ جو بنياد رکيائين ۽ وفات تائين انهيءَ جو صدر رهيو. هن ايم آر ڊي واري تحريڪ ۾ سرگرميءَ سان حصو ورتو ۽ انهيءَ تحريڪ دوران سال کن جيل ۾ به رهيو. فوجي حڪومت پاران کيس ڏهن ڪوڙن جي سزا به ڏني وئي. سياست سان گڏ هڪ سٺو ليکڪ به هو. هن ڪيترائي ڪتاب لکيا جن ۾ "نذير عباسي شهيد- سنڌ جو عظيم انقلابي ڪردار"، "نيلسن منڊيلا جي جدوجهد ۽ سنڌ جي قومي تحريڪ"، "بلوچ پارليامينٽ کان ڀهاڙن تائين"، "منهنجو سياسي سفر"، "نئين سنڌ جو سفر"، ۽ "جڏهن به سنڌ سڏ ڪيو" شامل آهن. هن اخبارن لاءِ ڪالم به لکيا. 24 مئي 2013ع تي وفات ڪيائين.

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ فيملي جج هالا
فيملي سوٽ نمبر 09 سال 2026

مسمات فريده ڌيءُ محمد رفيق رهاڪو ٻگهيه محلو پٽ شاهه تعلقو هالا ضلع مٽياري .. پلينٽف..بخلاف.. محمد راشد ولد امام الدين ذات قريشي رهاڪو جوهر آباد بنگلو روڊ ٽنڊو آدم ضلعو سانگهڙ......ڊفينڊنٽس

.نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026-07-25 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ فيملي جج هالا

ڪورٽ نوٽيس

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II ميرپورخاص
(روبرو جناب آصف علي)
فيملي سوٽ نمبر 34 سال 2026

مسمات عنايتان ڌيءُ سيف الله زال رمضان ذات شر بلوچ رهاڪو ڳوٺ شهمير شر تعلقو سنڌڙي ضلعو ميرپورخاص .. پلينٽف..بخلاف.. رمضان ولد غلام حيدر ذات شر بلوچ رهاڪو ڳوٺ شهمير شر تعلقو سنڌڙي ضلعو ميرپورخاص ....ڊفينڊنٽ

.نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ ۽ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026-07-31 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم ميرپورخاص
(روبرو جناب مريم صبا مهر)
فيملي سوٽ نمبر 106 سال 2026

مسمات ريشم ڌيءُ رانا زال اياز خان ذات پنهور رهاڪو محلو لوڪو محمود آباد تعلقو ضلعو ميرپورخاص .. پلينٽف..بخلاف.. اياز خان ولد نظام الدين پنهور رهاڪو ڳوٺ مولوي صديق پنهور ديهه 120 ميرپورخاص ....ڊفينڊنٽس

.نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026-08-03 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم I ڊگهڙي
(روبرو جناب ارشد علي سومرو)
فيملي سوٽ نمبر 47 سال 2026

شريمتي جامني ڌيءُ اجمل هندو ٻلاغ ذات ڀيل رهاڪو ڳوٺ رسول بخش دل ديهه 159 تعلقو ڊگهڙي ضلعو ميرپورخاص .. پلينٽف..بخلاف.. تندلال ولد ديالو هندو ٻلاغ ذات ڀيل رهاڪو ديهه 151 تعلقو ڊگهڙي ضلعو ميرپورخاص....ڊفينڊنٽس

.نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف جوڊيشنل سيپريشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026-07-24 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم I ڊگهڙي

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاڪو)
فيملي سوٽ نمبر 284 سال 2026

مسمات فضا ڌيءُ غلام فريد عباسي رهاڪو عظيم ڪالوني نوابشاهه .. پلينٽف..بخلاف.. توفيق احمد ولد محمد رفيق ڏاهوٽو رهاڪو لطيف ڪالوني وارڊ نمبر 1 سڪرنڊ تعلقو ضلعو شهيد بينظير آباد ....ڊفينڊنٽس

.نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ ۽ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026-07-25 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاڪو)
فيملي سوٽ نمبر 295 سال 2026

مسمات شبانه ڌيءُ دل جان زرداري رهاڪو تاج ڪالوني نوابشاهه .. پلينٽف..بخلاف.. رجب عرف منا ولد محمد مٺل زرداري رهاڪو ڳوٺ تعلقو نوابشاهه ضلعو شهيد بينظير آباد 03262951805 ....ڊفينڊنٽس

.نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ ۽ مينٽيننس، جهيز جي واپسي لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026-08-04 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

فيملي / سول/ گارڊين جج II قاضي احمد
(روبرو جناب امانت علي ڪوسو)
فيملي سوٽ نمبر 52سال 2026

مسمات نجمه ڌيءُ جان محمد چانڊيو .. پلينٽف..بخلاف.. علي نواز ولد بشير چانڊيو رهاڪو شرف آباد نرسري قاضي احمد.....ڊفينڊنٽس

.نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف مينٽيننس ۽ جهيز جي واپسي لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026-07-27 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي / سول/ گارڊين جج II قاضي احمد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات جميلان .. پلينٽف..بخلاف.. زين علي ولد رحمت الله ذات جوکيو رهاڪو سبحان الله ڪالوني ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو 03093794720......ڊفينڊنٽس

.نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف مينٽيننس ، رڪوري ڊاوري آرٽيڪلز اينڊ ڊاور اماؤنٽ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026-08-05 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
ايگزيڪيوشن درخواست نمبر 2026
فيملي سوٽ نمبر 373 سال 2025

مسمات ڪشف .. پلينٽف..بخلاف.. سڪندر علي شورو ولد غلام رسول شورو رهاڪو ڳوٺ الله بچايو شورو ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو.....ڊفينڊنٽس

.نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف ايگزيڪيوشن درخواست زير قلم 13 فيملي ڪورٽ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026-07-28 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

گارڊين جج/ڪنزيومر پروٽيڪشن ڪورٽ ٽنڊو الهيار
گارڊين سوٽ نمبر سال 2025

علي گل ولد محمد بخش رهاڪو ڳوٺ محمدبخش برفت تعلقو جهنڊو مري ضلعو ٽنڊو الهيار .. اپيليڪينٽ..بخلاف.. (1) مسمات سلميٰ زال محمد بخش (ٻي گهرواري محمد بخش) (2) ريشمان ڌيءُ محمد بخش (3) علي حسن ولد محمد بخش (4) علي رضا ولد محمد بخش (5) علي گوهر ولد محمد بخش......اپوننٽس

.نالي مٿئين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين اپيليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7،10،29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته2026-07-29 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

گارڊين جج/ڪنزيومر پروٽيڪشن ڪورٽ ٽنڊو الهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي IV ٽنڊو محمد خان
فيملي سوٽ نمبر 10 سال 2026

مسمات گل بانو ڌيءُ عبدالغفور اعوان رهاڪو ڳوٺ قاسم اعوان ديهه ستاري تعلقو ٽنڊو محمد خان .. پلينٽف..بخلاف.. علي گل ولد جمن رهاڪو ڳوٺ قاسم اعوان ديهه ستاري تعلقو ٽنڊو محمد خان.....ڊفينڊنٽس

.نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026-07-25 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي IV ٽنڊو محمد خان

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي V ٽنڊو محمد خان
(روبرو مسز الماس بتول)
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات فرزانه ڌيءُ محمد حنيف ذات زئنور رهاڪو ڳوٺ قاسم زئنور گنجرا تعلقو ضلعو ٽي ايم خان .. پلينٽف..بخلاف.. شاهد علي ولد نواز علي ذات کاري رهاڪو نيو سبزي منڊي هالا ناڪو حيدرآباد......ڊفينڊنٽس

.نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026-07-25 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي V ٽنڊو محمد خان

عام اطلاع

جيئن ته منهنجو ڏاڏو نالي اڪبر علي ولد غلام محمد رهاڪو ڳوٺ قبول خاصخيلي ديهه 332 يوسي عبيدالله پرڳڙي تعلقو ڪوٽ غلام محمد تاريخ 2020-06-13 تي وفات ڪري ويو آهي جنهن جو ڊيٿ سرٽيفڪيٽ گهرجي جيڪڏهن ڪنهن به شخص يا اداري کي ڪوبه اعتراض هجي ته هن اشاعت جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندرينهنجو اعتراض يو سي آفيس عبيدالله پرڳڙي تعلقو ڪوٽ غلام محمد ۾ داخل ڪرائي سگهي ٿو مدو گذرڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

زوهيب حسن ولد شاهد محمود يو سي عبيدالله پرڳڙي تعلقو ڪوٽ غلام محمد ضلعو ميرپورخاص

عام اطلاع

اڄون مسمات سڪي بيواهه گومون مرحوم ذات ڀيل رهاڪو ڳوٺ غلام محمد پرڳڙي ديهه 209 ساڪ سان چوان ٿي ته منهنجو مڙس گومون ڀيل ولد تگو تاريخ 2024-11-21 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جو ڊيٿ سرٽيفڪيٽ گهرجي جيڪڏهن ڪنهن به شخص يا اداري کي ڪوبه اعتراض هجي ته هن اشاعت جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندرينهنجو اعتراض يو سي آفيس عبيدالله پرڳڙي تعلقو ڪوٽ غلام محمد ۾ داخل ڪرائي سگهي مدو گذرڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مسمات سڪي بيواهه گومون مرحوم ذات ڀيل رهاڪو ڳوٺ غلام محمد پرڳڙي ديهه 209 ميرپورخاص شناختي ڪارڊ 4410234743480

بقايا 1 "روزاني عبرت"

عملي جي مدد سان فوري طور تي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي ڪيس طبي امداد فراهم ڪئي پئي وڃي حادثي جي اطلاع ملڻ تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي ضروري ڪارروائي شروع ڪئي جڏهن ته فوتي جو لاش قانوني ڪارروائي مڪمل ٿيڻ بعد وارثن حوالي ڪيو ويو. واقعي ڪانپوءِ علائقي ۾ سوڳ جي لهر ڇانيل آهي ۽ فوتي جي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو. پوليس موجب حادثي جي سببن بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي

بقايا 2 "روزاني عبرت"

جهيڙو ٿيو آهي وڌيڪ معملي جي جاچ ڪيون پيا.

بقايا 3 "روزاني عبرت"

مطالبو ڪيو ريلي جي اڳواڻي پاڪستان مائنارٽيز پارٽي ضلعي شڪارپور جي صدر ديوان چند بيدلاڻي هيومين ڊولپمينٽ سوسائٽي جي سي اي او ڪرم حسين منگي، سماجي اڳواڻ عبدالقادر منگي، صحافي محمد عثمان پنهور، عبدالوحيد پنهور، زيب جوکيو، فهيم حيدر منگي، فراز ميمڻ، ياسين مهر، سراج ميمڻ، ساجد ڪانڌڙو، غلام ياسين پيرزادو، مهيش ڪمار بيدلاڻي، نريش ڪمار بيدلاڻي، محمد قاسم پنهور، وزير علي پنهور ۽ تعلقه پريس ڪلب رجسٽرڊ لکي غلام شاهه جي عهديدارن ڪئي ان موقعي تي خطاب ڪندي پاڪستان مائنارٽيز پارٽي ضلعي شڪارپور جي صدر ديوان چند بيدلاڻي چيو ته پريا ڪماري ايڪشن ڪاميٽي جي اڳواڻ سهٽي پارس، نيشنل پريس ڪلب سکر جي صدر ساحل جوڳي ۽ ٻين گرفتار ڪارڪنن کي بنا دير آزاد ڪيو وڃي هن چيو ته معصوم مغوي ٻارڙن جي جلد بازيابي رياست جي ذميواري آهي تنهن ڪري حڪومت فوري طور تي سنجيده قدم کڻي هن پاڪستان جي آرمي چيف جنرل سيد عاصم منير، صدر پاڪستان آصف علي زرداري، وزيراعظم شهباز شريف، پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ ٻين لاڳاپيل اختيارين کي اپيل ڪئي ته گرفتار ڪارڪنن کي فوري طور آزاد ڪرائي پريا ڪماري سميت سڀني معصوم مغوي ٻارڙن جي بازيابي کي يقيني بڻايو وڃي احتجاج ڪندڙن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن سندن جائز مطالبا جلد تسليم نه ڪيا ويا ته احتجاج جو دائرو وڌيڪ وسيع ڪيو ويندو ۽ پُرامن احتجاجي تحريڪ جاري رکي ويندي

بقايا 4 "روزاني عبرت"

هٿياربندن پيرڳوٺ واسي هندو واپاري رتن ڪمار جي گاڏي کي بيهاري ڦر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي گاڏي نه بيهارڻ تي هٿياربندن سڌي فائرنگ ڪئي آهي جنهن جي نتيجي ۾ گاڏي جو ڊرائيور عبداللطيف ڪنبر موقعي تي قتل ٿي ويو آهي جڏهن ته واپاري رتن ڪمار سخت زخمي ٿي پيو آهي جڏهن ته زخمي ۽ مقتول جو لاش خيرپور اسپتال منتقل ڪيا ويا آهن جڏهن ته اهڙي وارادات سبب شهر ۾ خوف پکڙجي ويو آهي

بقايا 5 "روزاني عبرت"

ڪئي واقعي ڪانپوءِ جوابدار فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. مقتول جي پٽ سرور منگريو صحافين سان ڳالهائيندي الزام هنيو ته سندس والد تي هي ٻيون ڀيرو قاتلاڻو حملو ڪيو ويو آهي. هن دعويٰ ڪئي ته اڳ به عدالت مان واپسي دوران ڊي سي هائوس پريسان سندن مٿان حملو ٿيو هو جنهن ۾ سندس والد بچي ويو هو هن چيو ته هن ڀيري به ڪورٽ مان تاريخ تان واپسي اچي رهيا هئاسين ته ٻي موٽرسائيڪلن تي سوار ڇهن ڄڻن جن ۾ سونو راڄڻ حاجي ۽ ڏنيو سميت ٻيا شامل هئا، سندن والد تي سڌي فائرنگ ڪري کيس قتل ڪيو هن مطالبو ڪيو ته نامزد جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪري کين فوري گرفتار ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي. ٻئي پاسي ايس ايڇ او سٽي نور محمد نوحاڻي ٻڌايو ته اطلاع ملندي ئي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي شواهد گڏ ڪري جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي. هن چيو ته لاش جو پوسٽ مارٽم ڪرائڻ ڪانپوءِ وارثن حوالي ڪيو ويو آهي، جڏهن ته تدفين بعد وارثن جي فرياد تي ڪيس داخل ڪري قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي، سندس چوڻ هو ته واقعي جي مختلف رخن کان جاچ جاري آهي ۽ جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن، هوڏانهن مقتول جو مڙهه گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو.

بقايا 6 "روزاني عبرت"

منگريو صحافين سان ڳالهائيندي الزام هنيو ته سندس والد تي هي ٻيون ڀيرو قاتلاڻو حملو ڪيو ويو آهي. هن دعويٰ ڪئي ته اڳ به عدالت مان واپسي دوران ڊي سي هائوس پريسان سندن مٿان حملو ٿيو هو جنهن ۾ سندس والد بچي ويو هو هن چيو ته هن ڀيري به ڪورٽ مان تاريخ تان واپسي اچي رهيا هئاسين ته ٻي موٽرسائيڪلن تي سوار ڇهن ڄڻن جن ۾ سونو راڄڻ حاجي ۽ ڏنيو سميت ٻيا شامل هئا، سندن والد تي سڌي فائرنگ ڪري کيس قتل ڪيو هن مطالبو ڪيو ته نامزد جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪري کين فوري گرفتار ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي. ٻئي پاسي ايس ايڇ او سٽي نور محمد نوحاڻي ٻڌايو ته اطلاع ملندي ئي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي شواهد گڏ ڪري جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي. هن چيو ته لاش جو پوسٽ مارٽم ڪرائڻ ڪانپوءِ وارثن حوالي ڪيو ويو آهي، جڏهن ته تدفين بعد وارثن جي فرياد تي ڪيس داخل ڪري قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي، سندس چوڻ هو ته واقعي جي مختلف رخن کان جاچ جاري آهي ۽ جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن، هوڏانهن مقتول جو مڙهه گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو.

بقايا 7 "روزاني عبرت"

علائقي واسين ۾ سخت بيچيني پکڙيل آهي.

بقايا 8 "روزاني عبرت"

سرڪاري گودامن ڏانهن منتقل ڪيا پيا وڃن سنڌ حڪومت جي اعلان تحت ڪڻڪ جي ذخيره اندوزي خلاف جاري آپريشن بنا ڪنهن رعايت جي جاري رهندو ذخيره اندوز ۽ ناجائز منافع خورن کي ڪنهن به صورت ۾ رعايت نه ڏني ويندي، سندن خلاف بنا ڪنهن فرق جي سخت قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي

بقايا 9 "روزاني عبرت"

مقصود گهوٽو ۽ بلال عرف بلاول ڪلوڙ کيس دعوت جي بهاني گهرائي مبينا طور جنسي زيادتي جي ڪوشش ڪئي ۽ مٿس تشدد پڻ ڪيو فريادي جي درخواست تي اي سيڪشن ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيو ويو بعد ۾ بنهي جوابدارن عدالت ۾ پڪي ضمانت لاءِ درخواست داخل ڪئي، جنهن تي ٻڌڻي دوران عدالت ڌرين جا دليل ٻڌڻ کان پوءِ بنهي جوابدارن جي ضمانت رد ڪندي سندن فوري گرفتاري جا حڪم جاري ڪري ڇڏيا. ذريعن موجب ٻڌڻي دوران گهوٽو ۽ ڪلوڙ برادرين سان تعلق رکندڙ ماڻهن جو وڏو انگ عدالت ۾ موجود هو ۽ انهيءَ دوران ٻئي جوابدار مبينا طور عدالت جي احاطي مان فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. ياد رهي ته واقعي کان پوءِ ايس ايس پي گهوٽڪي انور کيتراڻ فوري نوٽيس وٺندي ڪيس داخل ڪرڻ جا حڪم جاري ڪيا هئا. بعد ۾ جاچ مڪمل ٿيڻ تي ايف آءِ آر ۾ نامزد بنهي پوليس اهلڪارن مقصود گهوٽو ۽ بلال عرف بلاول ڪلوڙ کي نوڪري مان برطرف (ڊسمس فرام سروس) ڪيو ويو هو.

بقايا 10 "روزاني عبرت"

آهي ته صحت کاتي پاران ڪي به قدم نه کڻڻ سبب معصوم جانيون ضايع ٿي رهيون آهن ڳوٺاڻن مطالبو ڪيو آهي ته جلد نوٽيس وٺي معصوم جانيون بچايون وڃن

بقايا 11 "روزاني عبرت"

ڪولهي جي حالت ڳڻتي جوڳي حالت ۾ علاج لاءِ حيدر آباد اسپتال ريفر ڪيو ويو. زخمي رميش ڪولهي جو تعلق ڳوٺ حاجي ميرو ڏمبالو واسي ٻڌايو پيو وڃي هٿي پنهنجي ڀيڻ جي گهر ڀيڻ سان ملڻ لاءِ آيو هو جڏهن ته ٻيو زخمي پريم ڪولهي جو علاج جاري آهي پوليس واقعي جي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي متاثر نوجوان پريم ڪولهي ڪوٽ غلام محمد جي ڳوٺ عمير فارم ديهه 290 Aواسي ٻڌايو پيو وڃي ٻئي زخمي ڪراچي جي ڪنهن فيڪٽري ۾ روزگار ڪندڙ آهن

بقايا 12 "روزاني عبرت"

ڪري ڇڏي اٿس هنن اعلي اختيارين کان گهر ڪئي ته صحافي غلام حيدر جو نالو ڪڍيو وڃي ٻئي صورت ۾ سڄي سنڌ ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا 13 "روزاني عبرت"

گهرواري شڪيلا ٻن نياڻين حنا نور ۽ ثنا نور سان گڏ ٽنڊوالهيار پريس ڪلب تي احتجاج ڪرڻ بعد پريس ڪانفرنس ڪندي ٻڌايو ته مون چمبڙ ۾ 1998 ۾ ذاتي گهر ورتو جنهن ۾ منهنجا پاڙيسري عابد، سجاد ۽ ٻيا مون سان گڏ رهندا هئا هاڻ اهي پاڙيسري گهر تي قبضو ڪرڻ چاهين ٿا جن گهر مان ڪڍي ۽ گهر انهن جي نالي تي لکي ڏيڻ لاءِ ڌمڪيون ڏئي حراسان ڪري رهيا آهن هن چيو ته منهنجي پاڙين کي مون نياڻي وڏو ڪيو هاڻ اهي پئسي وارا ۽ بااثر بڻجي چڪا آهن آئون غريب آهيان پاڙين چمبڙ جي انتظاميه سان ملي ڪري منهنجي پلاٽ جي ڪاغذن ۾ پنهنجا نالا شامل ڪرائي ڇڏيا آهن جيڪا مون سان سراسر ناانصافي ڪئي وئي آهي هن وڌيڪ چيو ته پاڙين گهران ڪڍي ڇڏيو آهي هاڻ دربدر ٿي رهيا آهيون ٻارڙن جي تعليم تباهه ٿي رهي آهي ڪير ٻڌڻ وارو ناهي مجبور ٿي احتجاج ڪري رهيا آهيون انصاف نه مليو ته پاڻ کي ساڙينداسين هن اعلي اختيارين کان گهر ڪئي ته گهر تان قبضو خالي ڪرائي پاڙين خلاف قانوني ڪارروائي ڪري تحفظ ڏئي انصاف ڪيو وڃي

بقايا 14 "روزاني عبرت"

کي حراست ۾ وٺي ڇڏيو تفصيل موجب ٻواٽڙ هائر سيڪنڊري اسڪول جي پليان تعمير هيٺ گهر تي ڪم ڪندڙ مزدور شاهه مير ۽ الله رکيو ڪم دوران وقفي وقت پر واري گهٽي ۾ آرام ڪري رهيا هئا ته ڪنهن شهري کين شڪي سمجهي پوليس کي اطلاع ڏني اطلاع ملڻ تي پوليس پهچي بنهي مزدورن کي حراست ۾ وٺي ٿاڻي منتقل ڪيو پوليس ابتدائي جاچ کان پوءِ بنهي مزدورن کي بيگناهه قرار ڏئي آزاد ڪري ڇڏيو واقعي ڪانپوءِ شهرين عوامي ۽ سماجي حلقن پوليس جي ڪارڪردگي تي سوال اٿاريندي چيو ته جيڪي غريب ماڻهو محنت مزدوري ڪري پنهنجن ٻچن جو پيٽ پالين ٿا، انهن کي ته معمولي شڪ جي بنياد تي گرفتار ڪيو وڃي ٿو جڏهن ته شهر ۾ موٽر سائيڪل چوري ۾ ملوث جوابدار اڃا تائين قانون جي گرفت کان ٻاهر آهن هنن وڌيڪ چيو ته شراب، سفينا، گٽڪو ۽ آئس سميت ٻين منشيات جي سرعام وڪري باوجود پوليس منشيات فروشن ۽ ٻين ڏوهارين خلاف اثرائتي ڪارروائي ڪرڻ ۾ ناڪام نظر اچي رهي آهي.

بقايا 15 "روزاني عبرت"

درجي واري ٻوڏ جو امڪان آهي جڏهن ته سنڌو درياهه ۾ تربيلا ڊيم، ڪالا باغ، چشما بئراجن وٽ هيٺين درجي واري ٻوڏ جا امڪان ٻڌايا پيا وڃن جڏهن ته سنڌ جي بئراجن سکر بئراج، گڊو بئراج ۽ ڪوٽڙي بئراجن وٽ پاڻي جا وهڪرا معمول موجب هلي رهيا آهن سنڌو درياهه جي مختلف بئراجن تي پاڻي جي وهڪرن جا انگ اکر جاري ڪيا ويا آهن تربيلا ڊيم ۾ پاڻي جي سطح 1519.11 فٽ رڪارڊ ڪئي وئي جڏهن ته منگلا ڊيم جي سطح 1183.9 فٽ رهي ڪابل درياهه ۾ 61 هزار 900 ڪيوسڪ، ڪالا باغ وٽ 2 لک 40 هزار 418 ڪيوسڪ ۽ چشمه بئراج وٽ 3 لک 6 هزار 718 ڪيوسڪ پاڻي رڪارڊ ڪيو ويو تونسا بئراج تي مٿئين وهڪري ۾ 2 لک 30 هزار 933 ڪيوسڪ پاڻي رهيو هيٺئين سنڌ ۾ گڊو بئراج تي مٿئين وهڪري ۾ 1 لک 64 هزار 392 ڪيوسڪ ۽ هيٺئين وهڪري ۾ 1 لک 23 هزار 345 ڪيوسڪ، سکر بئراج تي مٿئين وهڪري ۾ 1 لک 10 هزار 750 ڪيوسڪ ۽ هيٺئين وهڪري ۾ 52 هزار 950 ڪيوسڪ، جڏهن ته ڪوٽڙي بئراج تي مٿئين وهڪري ۾ 43 هزار 205 ڪيوسڪ پاڻي رڪارڊ ڪيو ويو جڏهن ته هيٺئين وهڪري ۾ پاڻي نه ڇڏيو ويوانگ اکرن موجب سنڌ ۾ زرعي ضرورتن موجب مختلف واهن ۾ پاڻي جي ورهاست جاري آهي جڏهن ته ڪجهه واهن ۾ پاڻي جي فراهمي محدود رهي

بقايا 16 "روزاني عبرت"

فراهم ڪيندڙ بنيادي صحت جي خدمتن لاءِ انتهائي نقصانڪار ثابت ٿيندو مظاهرين جو چوڻ هو ته ليڊي هيلٿ ورڪرز ڪيترن ئي سالن کان ٻهراڙي ۽ شهري علائقن ۾ ماءُ ۽ ٻار جي صحت، حفاظتي ٽڪاڪاري، خانداني منصوبابندي، صحت بابت آگاهي ۽ مختلف قومي مهمن ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيون آهن تنهن ڪري هن پروگرام جي نجڪاري ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪئي ويندي احتجاج ڪندڙن الزام هنيو ته سنڌ حڪومت ليڊي هيلٿ ورڪرز پروگرام کي نجي ڪمپني حوالي ڪري عورتن جي حقن ۽ هزارين خاندانن جي روزگار تي ڌاڙو هنيو آهي مظاهرين حڪومت کان مطالبو ڪيو ته ليڊي هيلٿ ورڪرز پروگرام کي اڳ وانگر سرڪاري انتظام هيٺ جاري رکيو وڃي، ملازمن جي نوڪرين جو مڪمل تحفظ يقيني بڻايو وڃي ۽ نجڪاري وارو فيصلو فوري طور واپس ورتو وڃي

بقايا 17 "روزاني عبرت"

بشير ڏاريجو سان شادي ٿي هڪ مهينو اڳ ۾ مڙس منهنجي نياڻي کي غير مردن سان تعلق جو الزام هڻي گهران ڪڍي ڇڏيو مڙس بشير ڏاريجو مسلسل فون تي منهنجي ڌي مريم کي قتل ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏيندو رهيو بينا نالي عورت حيدرآباد پاڙي ۾ رهندڙ آهي ۽ منهنجي نياڻي جي سهيلي آهي انهي عورت بينا ۽ هڪ شخص بلاول نالي منهنجي نياڻي کي موٽر سائيڪل تي پٽ شاهه وٺي آيا ۽ عورت بينا جا منهنجي نياڻي جي مڙس بشير ڏاريجو سان رابطا هئا جن بشير ڏاريجو ۽ غلام حيدر کي گهرائي نياڻي کي قتل ڪرايو آهي منهنجي ڌي کي مڙس ۽ ان جي دوست ڪارنهن جو الزام هڻي قتل ڪيو آهي جوابدارن کي فوري طور گرفتار ڪري منهنجي نياڻي جي خون سان انصاف ڪيو وڃي پٽ شاهه ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي پٽ شاهه پوليس حراست ۾ ورتل عورت بينا زال عامر شاهه کي وڌيڪ جاچ لاءِ نامعلوم هنڌ تي رکي ڇڏيو آهي ايس ايڇ او پٽ شاهه طفيل احمد پٺو جو چوڻ آهي ته ايف آءِ آر داخل ڪئي وئي آهي جوابدارن جو تعلق قاضي احمد نوابشاهه سان آهي پوليس پارٽي جوڙي وئي آهي جوابدارن کي جلد گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻينداسين

بقايا 18 "روزاني عبرت"

ڪورٽ نوابشاهه ڪيس ۾ نامزد سمورن جوابدارن جي ضمانت واريون درخواستون رد ڪري ڇڏيون، عدالت پاران ضمانت رد ٿيڻ ڪانپوءِ جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ايف آءِ اي جي ٽيم فوري طور عدالت پهتي ڪارروائي دوران 4 جوابدارن اي ايس آءِ راڻو نديم اي ايس آءِ ستار ڪمبوهه، سليم بروهي ۽ طيب جت کي گرفتار ڪيو ويو جنهن بعد عدالت ٻاهران ڇڪتاڻ واري صورتحال پيدا ٿي وئي جوابدارن کي ڇڏائڻ لاءِ آيل ڪجهه خانگي ماڻهن پاران ايف آئي اي جي ڪارروائي ۾ رڪاوٽ وجهڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ جهڙپون پڻ ٿيون پر گرفتار ٿيل 4 جوابدارن کي ڇڏائڻ ۾ ناڪام ٿي ويا جڏهن ته ڇڪتاڻ جو فائدو وٺندي ٻه اهم جوابدار ايس ايڇ او اصغر شاهه ۽ ايس ايڇ او عمران اختر چانڊيو فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا جڏهن ته ڪيس جو هڪ ٻيو جوابدار اي ايس آءِ نظر محمد جمالي اڳ ئي جيل ۾ قيد آهي.ان موقعي تي مقتول ارشد پنهور جي والد حاڪم پنهور ميڊيا سان ڳالهائيندي الزام هنيو ته نوابشاهه پوليس پنهنجن اهلڪارن کي بچائڻ جي ڪوشش ڪئي هن چيو ته ٻن اهم جوابدارن اصغر شاهه ۽ عمران اختر چانڊيو کي پوليس موبائلن ذريعي عدالت مان ڪڍيو ويو جڏهن ته ايف آءِ اي ٽيم وڏي جدوجهد ڪانپوءِ چئن جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي هن چيو ته کين اميد آهي ته عدالت سندن پٽ جي قتل ڪيس ۾ انصاف فراهم ڪندي ٻئي طرف مقتول ڌر جي وڪيل ايڊووڪيٽ عبدالحفيظ ڪوسو چيو ته جوابدارن کي قانون جي گرفت کان بچائڻ لاءِ مختلف حربا استعمال ڪيا ويا ۽ ايف آءِ اي ٽيم جي سرڪاري ڪارروائي ۾ رڪاوٽون وڌيون ويون جنهن جي هو سخت مذمت ڪن ٿا هن چيو ته جيڪي جوابدار هن وقت گرفتار نه ٿي سگهيا آهن اهي به جلد عدالت ۽ قانون جي گرفت ۾ ايندا ۽ ارشد پنهور قتل ڪيس ۾ انصاف ضرور ٿيندو

بقايا 19 "روزاني عبرت"

سخت نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته ٻيرلوءِ ۾ پرامن ڌرڻي تي پوليس چڙهائي ڪري عورتن، نياڻين، وڪيلن، صحافين ۽ قومي ڪارڪنن تي تشدد ڪرڻ، کين گرفتار ڪري مبينا طور گم ڪرڻ انتهائي افسوسناڪ، غير آئيني ۽ جمهوريت دشمن عمل آهي هنن چيو ته پريا ڪماري سميت اغوا ٿيل معصوم ٻارن جي بازيابي لاءِ آواز اٿاريندڙن کي تشدد جو نشانو بڻائڻ بدران حڪومت کي اغوا ٿيل ٻارن جي بازيابي لاءِ عملي قدم کڻڻ گهرجن اڳواڻن چيو ته سنڌ ۾ معصوم ٻارڙا مسلسل اغوا ٿي رهيا آهن پر حڪومت ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارا پنهنجون ذميواريون نڀائڻ بدران احتجاج ڪندڙن کي خاموش ڪرائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن جيڪا ڪنهن به صورت قبول نه ڪئي ويندي هنن مطالبو ڪيو ته پريا ڪماري سميت سمورا اغوا ٿيل ٻار فوري طور بازياب ڪرايا وڃن ٻيرلوءِ واقعي دوران گرفتار ڪيل وڪيلن، صحافين، قومي ڪارڪنن ۽ ٻين شهرين کي بنا دير آزاد ڪيو وڃي، سندن خلاف داخل ڪيل ڪيس ختم ڪيا وڃن ۽ پوليس تشدد ۾ ملوث اهلڪارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي، ٻي صورت ۾ سنڌ ترقي پسند پارٽي احتجاج جو دائرو وڌيڪ وسيع ڪندي

بقايا 20 "روزاني عبرت"

ورتيون ڊويزنل فاريسٽ آفيسر هوش محمد شر موجب هٿ آيل گاڏين بابت واپاري نياز علي رڌ ۽ ٻن ڊرائيورن نيڪ محمد خاصخيلي ۽ محمد نواز اڄڻ خلاف فاريسٽ ايڪٽ تحت سوراهه ٿاڻي تي ايف آءِ آر داخل ڪئي وئي آهي هن چيو ته سرڪاري ٻيلن مان قيمتي وڻن جي غيرقانوني واڍي ۾ ملوث ماڻهن خلاف بنا ڪنهن فرق جي ڪارروائي جاري رهندي جڏهن ته قومي اثاثي جي تحفظ لاءِ اهڙو عمل ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيو ويندو

بقايا 21 "روزاني عبرت"

حيسڪو جي انفورسمينٽ ٽيم جنهن جي اڳواڻي لائين سپرنٽينڊنٽ فهيم ڪمانڊو ڪئي، سنڌ پوليس ۽ پاڪستان رينجرز جي سهڪار سان آپريشن ۾ حصو ورتو گڏيل ٽيمن محمدي چوڪ، سڪندرآباد، اسٽيشن چوڪ، اقبال ڪالوني، چاڪرائي پاڙي ۽ پرپاسي وارن علائقن ۾ ڪيترائي غيرقانوني ڪنيڪشن ڪٽيندي بجلي چوري جي خاتمي ۽ باقيدارن کان رهتون وصول ڪرڻ لاءِ قدم کنيا ويا. حيسڪو اختيارين موجب بجلي چوري خلاف مهم جو مقصد بجلي جي نقصانن (لائن لاسز) ۾ گهٽتائي آڻڻ، بجلي جي فراهمي واري نظام کي بهتر بڻائڻ ۽ بقايائن جي وصولي کي يقيني بڻائڻ آهي.اختيارين وڌيڪ چيو ته بجلي چوري خلاف ڪارروايون ڊويزن جي مختلف علائقن ۾ جاري رهنديون ۽ غيرقانوني طريقي سان بجلي استعمال ڪندڙن خلاف قانون موجب سخت ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا 22 "روزاني عبرت"

سول اسپتال آندو ويو جتي ڪا به سهولت نه هجڻ ڪري زخمي نوجوان کي سکر ريفر ڪيو ويو ته زخمي سکر جي اسپتال پهچڻ کان پهريان زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو نوجوان جو مڙهه واپس سول اسپتال آندو ويو جتي علاج جون سهولتون نه مليون پر نوجوان جي مڙهه جو ڪاغذي قانوني ڪارروائي ڪري لاش وارثن جي حوالي ڪيو لاش ڳوٺ ۽ گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو نوجوان جي اوچتو وڇوڙي تي سڄو ڳوٺ سوڳوار بڻجي ويو هر طرف روڄ راڙو پئجي ويو.

بقايا 23 "روزاني عبرت"

سندس نياڻي شديد زخمي ٿي پيا جن کي وارثن پاران ڪمس اسپتال ڪمبٽ منتقل ڪيو جڏهن ته ڪوچ مسافر فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي ته علائقي واسي ۽ هنگورجا پوليس ڪوچ مسافر جو پيڇو ڪندي رسول آباد پوليس چونڪي وٽ پڪڙي ورتو ۽ ڊرائيور سميت ڪوچ کي هنگورجا ٿاڻي منتقل ڪري ڇڏيو پوليس موجب وڌيڪ جاچ ڪيون پيا.

بقايا 24 "روزاني عبرت"

سان نوري آباد انڊسٽريز زون ۽ پرپاسي وارن علائقن ۾ ڏوهاري سرگرمين خاص طور تي ڦرن جي وارداتن تي وڌيڪ ضابطو آڻڻ ۾ مدد ملندي هن وڌيڪ چيو ته پوليس جي ڪوشش آهي ته علائقي ۾ امن امان جي فضا برقرار رهي منشيات خلاف به اثرائتي ڪارروايون جاري آهن ۽ ان تي ڪافي حد تائين ڪنٽرول آندو ويو آهي پر منشيات جي مڪمل خاتمي لاءِ پوليس سان گڏ هر شهري ۽ علائقي واسين کي به پنهنجو ذميوارانو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو افتتاحي تقريب ۾ نوري آباد انڊسٽريز زون جي چيئرمين ڪنور ضياءُ الرحمان، ڊي ايس پي نوري آباد ڪليم الله سمورو، حاجي محمد رمضان پالاري، هيرمل ڪلاڻي، ميان توقير احمد خليل بلوچ، بادل پالاري، ايس ايڇ او نوري آباد غلام حسين ڪورائي ۽ ٻين آفيسرن، صنعتڪارن ۽ معزز شخصيتن شرڪت ڪئي

بقايا 25 "روزاني عبرت"

علي خان اڄڻ ٻڏي تي فوت ٿي ويا اطلاع تي ڳوٺاڻا پهچي بنهي معصوم ٻارن ڀاءُ ۽ ڀيڻ جي لاشن کي پاڻي مان ٻاهر ڪڍي ورتو جڏهن ته بنهي معصومن جا گڏ لاش گهر پهچڻ تي سندس گهر ۾ ڪهرام مچي ويو ۽ سندس امڙ جيجل کي بيهوشي جا دورا پئجي ويا ۽ علائقي ۾ سوڳ جي لهر ڇانئجي وئي ۽ علائقي جي هر اک آلي هئي.

بقايا 26 "روزاني عبرت"

پاڻ مقامي ڪوبن جي سهڪار سان بنهي نينگرين جا لاش شاخ مان ڪڍي ورتا واقعي کان پوءِ علائقي ۾ ڏک ۽ سوڳ جي لهر ڇانيل آهي جڏهن ته فوتي نينگرين جا لاش گهر پهچڻ تي گهرن ۾ ڪهرام مچل آهي ٻي پاسي رهواسين انتظاميه جي غيرموجودگي تي سخت افسوس جو اظهار ڪندي مستقبل ۾ اهڙن واقعن کان بچاءَ لاءِ موثر قدم کڻڻ جو مطالبو ڪيو آهي

بقايا 27 "روزاني عبرت"

ٿي ويو آهي. علائقي واسين ٻڌايو ته واقعي جي فوري اطلاع باوجود آبپاشي کاتي جو عملو ۽ لاڳاپيل اختيارين واقعي واري هنڌ نه پهتا، جنهن سبب ڳوٺاڻا ۽ آبادگار پنهنجي مدد پاڻ تحت مٽيءَ جا بند ٻڌي ۽ ٻيا وسيلا استعمال ڪري گهارو بند ڪرڻ جون ڪوششون ڪري رهيا آهن پر مشينري نه هجڻ ڪري کين ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي متاثر آبادگارن حڪومت سنڌ، آبپاشي کاتي جي اعليٰ اختيارين ۽ ضلعي انتظاميا کان مطالبو ڪيو آهي ته هنگامي بنيادن تي عملي، مشينري ۽ ضروري وسيلا موڪلي مسو واهه جو گهارو فوري طور بند ڪرايو وڃي، جيئن وڌيڪ زرعي زمين، فصلن ۽ آبادي کي نقصان کان بچائي سگهجي هنن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن بروقت قدم نه کنيا ويا ته نقصان جو دائرو وڌيڪ وڌي سگهي ٿو هوڏانهن ڳوٺاڻن پنهنجي مدد پاڻ تحت گهارو بند ڪري ڇڏيو.

بقايا 28 "روزاني عبرت"

ڪاليج مان ڦرلٽ روز جو معمول بڻيل آهي ڦر واقعي جي اطلاع ڏيڻ تي ٽس رن ڦاءُ انچارج خليل لغاري فوري پنهنجي ٽيم شعبان جکراڻي جي اڳواڻي ۾ موڪلي ٽيم متاثر نوجوانن کان واقعي بابت معلومات وٺي يقين ڏياريو ته جلد موبائل فونون رڪور ڪيون ويندون خليل لغاري پاران ٻه ٻن ڏينهن ۾ هر حالت ۾ فونون واپس ڪري اصل جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جو به مڪمل آسرو ۽ دلاسو ڏنو آهي صحافي برادري پاران سينئرصحافي راجا ڳوپي چند جي ڀاءُ ۽ ڀائٽي کان ڦر واقعي تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي ايس ايس پي محمد مراد گهانگهرو کان مطالبو ڪيو ته فوري رڪوري ڪرائي وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو رستو اختيار ڪيو ويندو

بقايا 29 "روزاني عبرت"

بلاڪ ڪري ڌرڻو هڻي احتجاجي مظاهرو ڪري پوليس گردي نه منظور جا نعرا هڻي نعريبازي ڪئي وٺي روڊ بلاڪ ٿيڻ سبب بنهي پاسن کان ٽريفڪ جام ٿي وئي انهي سلسلي ۾ احتجاج ۾ شريڪ اڳواڻن اڳوڻو ڊي ايس پي عبدالستار گرگيز سياسي سماجي اڳواڻ چوڌري انعام الله آرائين قادر گرگيز منصور گرگيز عرفان گشڪوري ڏنو ٽنڪري ۽ ٻين الزام هڻندي چيو ته ٽالهي شهر ۽ پرپاسي وارن علائقن ۾ چورين جو آزار وڌي ويو آهي موٽرسائيڪلون چوپايو مال دڪانن کي ڪاٽ توڙي ٻيون چوري ٿيڻ روز جو معمول بڻجي ويون آهن جنهنڪري شهرين سميت علائقي واسين جون ننڊون حرام ٿي ويون آهن هفتو اڳ ٽيوشن سينٽر ٻاهران بيٺل شاگرد جو موٽر سائيڪل نامعلوم چور چوري ڪري فرار ٿي ويا اسان بروقت ٽالهي ٿاڻي تي پهچي شڪايت ڪئي پر هفتو گذري وڃڻ جي باوجود پوليس موٽرسائيڪل واپس ڪرائڻ توڙي جوابدار گرفتار ڪرڻ ۾ بلڪل ناڪام ٿي چڪي آهي هنن وڌيڪ چيو ته انهي کان علاوه شهر ۽ پرپاسي وارن علائقن ۾ پڻ ڪيترين ئي چورين جون وارداتون ٿيون آهن پر پوليس ڪا به چوري ريڪوري ناهي ڪرائي سگهي جنهن سبب اسان مجبور ٿي روڊ بلاڪ ڪري احتجاج ڪيون پيا اسان پنهنجي گهرڻ ۽ چوپايو مال جي پهريداري ڪري جاڳي راتيون گذارڻ تي مجبور ٿي ويا آهيون هنن ايس ايس پي عمرڪوٽ ڊي آئي جي ميرپورخاص توڙي لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي ته شهر ۾ امن امان بحال ڪرائي چوري ٿيل موٽر سائيڪل سميت ٻيون چوريون ريڪوري ڪري علائقي واسين جي بي چيني ختم ڪئي وڃي نه ته ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو هوڏانهن پوليس سان رابطو ڪرڻ تي هنن ٻڌايو اسان امن امان جي حوالي سان پنهنجون ڪوششون ڪيون پيا شهر جي ايندڙ ويندڙ رستن تي لڳل سي سي ٽي وي ڪيمرا چيڪ ڪيا آهن پر چوري ٿيل موٽر سائيڪل بابت ڪو ثبوت اسان کي هن وقت تائين ناهي ملي سگهيو اسان جون ڪوششون آهن ته شهر ۾ امن امان جي صورتحال برقرار رهي

بقايا 30 "روزاني عبرت"

غيرقانوني طور رهندڙ افغان شهرين بابت جاري ڪيل حڪمن تي فوري ۽ اثرائتو عملدرآمد ڪيو وڃي ۽ ضلع نوشهرو فيروز سميت سڄي سنڌ ۾ موجود غيرقانوني افغان شهرين کي قانون موجب واپس موڪليو وڃي جيئن سنڌ جي عوام جي جان ۽ مال جو تحفظ، امن امان ۽ مقامي وسيلن تي مقامي رهواسين جو حق يقيني بڻائي سگهجي ان موقعي تي ايس ٽي پي اڳواڻن چيو ته هو قانون تي سختي سان هڪجهڙو عملدرآمد چاهين ٿا ۽ وفاقي حڪومت جي جاري ڪيل حڪمن تي بنا ڪنهن ديرجي عمل ٿيڻ گهرجي. هنن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن سندن مطالبن تي عمل نه ڪيو ويو ته احتجاج جو دائرو وڌيڪ وسيع ڪيو ويندو

بقايا 31 "روزاني عبرت"

ويو هو پر مخالف ڌر ڌاڙ جي زور تي ڪاتو لکي ڏيڻ کان انڪار ڪري رهي آهي، جڏهن ته اسان ڊور ڊڳا کپائي کين زمين جا پيسا پورا ادا ڪيا هئا، جڏهن ته ڪاتو تبديل ڪرڻ بجاءِ مخالف ڌر جي نهال خان، سندس پٽ امجد رند ۽ قائم رند، الهه ڏنو رند علي گل اسان جي مٿان فائرنگ ڪئي آهي کين بااثر ماڻهن جي پٺڀرائي هجڻ ڪري اسان سان ڌاڙ ڪيو پيو وڃي جيڪا سراسر ناانصافي آهي، جڏهن ته اسان پورهيتن جو گذارو به هن زمين تي آهي پر هاڻي اسان جي زمين تي مخالف زبردستي قبضو ڪرڻ لاءِ فائرنگ ڪري هيسائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن هنن ايس ايس پي ڄامشورو ۽ وس وارن کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽس وٺي وڌيڪ خونريزي کان بچائي اسان کي پنهنجو حق ڏياري انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 32 "روزاني عبرت"

فراهم ڪرڻ بابت هڪ اهم اجلاس منعقد ٿيو اجلاس ۾ شاهي باغ پرسان قائم اسپورٽس سٽي (اسپورٽس ڪمپليڪس) ۾ موجود جديد سهولتن جن ۾ باڊي بلڊنگ ۽ ويٽ لفٽنگ جم، بيڊمنٽن هال، ٽيبل ٽينس، سنوڪر، هاڪي گرائونڊ، اٿليٽڪس ٽريڪ ۽ فٽبال گرائونڊ شامل آهن تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي ان موقعي تي نوجوانن کي اپيل ڪئي وئي ته هو اسپورٽس ڪمپليڪس جو دورو ڪن چاڪاڻ ته مختلف راندين ۾ داخلا جو عمل شروع ٿي چڪو آهي اجلاس ۾ ضلعي اسپورٽس آفيسر شهباز علي اعوان، جميل احمد شيخ (لوڪل فوڪل پرسن)، استاد عبدالوهاب ڪاغذي، نصرالله ميمڻ، عزير احمد سومرو، آغا رؤف خان، حسيب ميمڻ سميت راندين سان لاڳاپيل ٻين شخصيتن شرڪت ڪئي شرڪت ڪندڙن ضلعي ۾ راندين جون سرگرميون وڌيڪ فعال بڻائڻ، نوجوان ٽيلنٽ جي همت افزائي، اسپورٽس گرائونڊن جي بهتري، مختلف راندين جي مقابلن جي انعقاد ۽ رانديگرن کي درپيش مسئلن جي حل بابت تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ان موقعي تي امتياز احمد شيخ چيو ته نوجوانن کي مثبت سرگرمين ڏانهن راغب ڪرڻ لاءِ راندين جو فروغ وقت جي اهم ضرورت آهي هن يقين ڏياريو ته ضلعي ۾ راندين جي واڌاري، جديد سهولتن جي فراهمي ۽ باصلاحيت رانديگرن جي هر ممڪن سرپرستي ۽ سهڪار جو سلسلو جاري رکيو ويندو اجلاس ۾ راندين جي شعبي جي ترقي لاءِ گڏيل سهڪار ۽ مستقبل جي لائحه عمل تي پڻ اتفاق ڪيو ويو هوڏانهن ايم پي اي امتياز احمد شيخ سان اناج منڊي جي واپارين ملاقات ڪئي جنهن ۾ اناج منڊي ايسوسيئيشن جي صدر ۽ ٻين واپارين شرڪت ڪري پنهنجا درپيش مسئلا تفصيل سان پيش ڪيا واپارين ڪڻڪ جي خريداري بابت تازي پيدا ٿيل صورتحال ۽ فوڊ ڊپارٽمينٽ پاران گودامن مان زبردستي ڪڻڪ کڻڻ سبب واپارين کي پيش ايندڙ مسئلن کان امتياز احمد شيخ کي آگاهه ڪيو ويوان موقعي تي ايم پي اي امتياز احمد شيخ واپارين جي خدشن کي غور سان ٻڌڻ بعد فوري طور سنڌ جي صوبائي وزير فوڊ سان رابطو ڪري شڪارپور جي واپارين کي درپيش مسئلن کان آگاهه ڪيو ۽ يقين ڏياريو ته واپارين جي جائز مسئلن جي حل لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪئي ويندي

بقايا 33 "روزاني عبرت"

ڪيس مسلسل جان کان مارڻ جون ڌمڪيون ڏئي هراسان ڪري رهيا آهن شبانه پٺاڻ ٻڌايو ته ڪجهه ڏينهن اڳ ڄاڻايل ماڻهن سندس گهر تي حملو ڪيو کيس تشدد جو نشانو بڻايو ۽ خوف واري صورتحال پيدا ڪئي، جنهن بعد هن پنهنجي ڏير خلاف هراساني بابت عدالت ۾ درخواست داخل ڪئي آهي سندس چوڻ هو ته هاڻي کيس اها درخواست واپس وٺڻ لاءِ وڪيل ذريعي مسلسل دٻاءُ وڌو پيو وڃي ۽ سخت نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن متاثره عورت موجب سندس مڙس دوست محمد نائچ نڪاح وقت پنهنجي ملڪيت سندس نالي منتقل ڪئي هئي، جنهن کان پوءِ سندس ڏير ان معاملي تي دشمني اختيار ڪري ورتي ۽ مختلف طريقن سان کيس ۽ سندس گهرڀاتين کي ذهني اذيت ۽ هراساني جو نشانو بڻائي رهيو آهي شبانه پٺاڻ اعليٰ اختيارين، قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ۽ لاڳاپيل انتظاميه کان مطالبو ڪيو ته سندس جان ۽ مال کي درپيش خطرن جو فوري نوٽيس ورتو وڃي ۽ سندس گهرڀاتين کي مؤثر سيڪيورٽي ۽ قانوني تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 34 "روزاني عبرت"

ڪريڪ ڊائون شروع ڪري ڇڏيو آپريشن جي اڳواڻي ڊويزنل فاريسٽ آفيسر سکر زياد الله لغاري ۽ رينج فاريسٽ آفيسر احسن علي ٻرڙو بيلي کاتي جي عملي سان گڏ ڪئي، جڏهن ته امن امان برقرار رکڻ لاءِ ايس ايس پي سکر جي هدايت تي سي سيڪشن ٻاگڙجي ۽ قادرپور ٿاڻن جي پوليس جي وڏي نفري پڻ آپريشن ۾ شامل رهي. ڪارروائي دوران 14 غير قانوني، غير رجسٽرڊ ۽ بغير لائسنس هلندڙ آرا مشينن کي موقعي تي ئي سيل ڪيو ويو بيلي کاتي موجب ڪجهه آرامشين مالڪن خلاف ڪچي واري علائقي جي ٽمبر مافيا کان غير قانوني ڪاٺ خريد ڪرڻ ۽ سندن سهڪار ڪرڻ بابت شڪايتون مليون هيون، جنهن بعد سموري شڪي ڪاٺ کي رڪارڊ جي جاچ مڪمل ٿيڻ تائين سرڪاري تحويل ۾ ورتو ويو.بيلي کاتي سيل ڪيل آرائن تي پنهنجو عملو پڻ مقرر ڪري ڇڏيو آهي، جيئن مالڪ قانوني لائسنس حاصل ڪرڻ کان سواءِ ٻيهر ڪم شروع نه ڪري سگهن. ان موقعي تي ڊويزنل فاريسٽ آفيسر زياد الله لغاري چيو ته هي ڪارروائي سنڌ هاءِ ڪورٽ جي حڪمن جي روشني ۾ ڪئي پئي وڃي هن چيو ته آرامشين مالڪن کي قانون موجب رجسٽريشن ڪرائڻ لاءِ ڪيترائي ڀيرا نوٽيس جاري ڪيا ويا، پر انهن عمل نه ڪيو

بقايا 35 "روزاني عبرت"

بهتر انتظام نه ڪيا ويندا آهن درگاهه حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي کي هن وقت مرمت جي ضرورت آهي درگاهه جون 2 نشانيون آهن

بقايا 36 "روزاني عبرت"

وڪيل ظهير بابر جو چوڻ آهي ته ميونسپل سکر ۽ ڊپٽي ڪمشنر ۽ ٻين انتظامي عملدارن روينيو رڪارڊ هجڻ باوجود غيرقانوني طريقي سان 42 دڪان ڊاهي پٽ ڪيا ويا آهن

سائنس ۽ انفارميشن ٽيڪنالاجي کاتو
حڪومت سنڌ

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس (NIT)

سائنس ۽ انفارميشن ٽيڪنالاجي (S&IT) کاتو، حڪومت سنڌ، "E-Daftar جي ڊولپمينٽ، مئنيجمينٽ، ٽيڪنيڪل سپورٽ ۽ آپريشن" جي عنوان واري منصوبي لاءِ هارڊويئر جي پروڪيورمينٽ لاءِ اي-پاڪ اڪيوزيشن ۽ ڊسپوزل سسٽم (EPADS) ذريعي اليڪٽرانڪ آڇون (E-Bids) گهرائي ٿو. لاڳاپيل آڇون مالي سال 27-2026 دوران گهربل هارڊويئر جي پروڪيورمينٽ، سپلائي ۽ پهچائڻ لاءِ فيڊرل بورڊ آف ريونيو (FBR) ۽/يا سنڌ ريونيو بورڊ (SRB) جي ايڪٽو ٽئڪس پيئرز لسٽ (ATL) تي باقاعده رجسٽرڊ مينوفيڪچرن، امپورٽرن، مجاز ڊسٽريبيوٽرن، سپلائرن ۽ فرمن کان گهربل آهن.

پروڪيورمينٽ سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز، 2010 (وقت بوقت ترميم ٿيل) جي رول 46(2) تحت هڪ مرحلي تي ٻه لفافي طريقيڪار مطابق ڪئي ويندي. واڪ دستاويز، جنهن ۾ تفصيلي وضاحتون، اهليت جا معيار، شرط ۽ ضابطا، ۽ ٻي لاڳاپيل معلومات شامل آهي، سنڌ EPADS پورٽل https://portalsindh.eprocure.gov.pk تان ڏسي ۽ ڊائون لوڊ ڪري سگهجي ٿو.

شمارنمبر	ڪم جو نالو		تخميني لاڳت
1.	منصوبي بعنوان "E-Daftar جي ڊولپمينٽ، مئنيجمينٽ، ٽيڪنيڪل سپورٽ ۽ آپريشن" لاءِ هارڊويئر جي پروڪيورمينٽ		85.00 ملين
	گهربل هارڊويئر آئٽمز	تعداد	
a.	ننڍا اسڪينر	91	
b.	وڏا اسڪينر	20	
c.	بائيوميٽرڪ ڊيوائسز	24	
d.	ڊيسڪ ٽاپ ڪمپيوٽر	72	

1. **اي-آڇون جمع ڪرائڻ:** اليڪٽرانڪ آڇون فقط سنڌ اي-پاڪ اڪيوزيشن اينڊ ڊسپوزل سسٽم (EPADS) ذريعي جمع ڪرايون وينديون. دستي/هارڊ ڪاپي آڇون قبول نه ڪيون وينديون. خواهشمند واڪ ڏيندڙن لاءِ لازمي آهي ته اهي اليڪٽرانڪ آڇون جمع ڪرائڻ لاءِ EPADS پورٽل https://portalsindh.eprocure.gov.pk/supplier/registration تي رجسٽريشن ڪن.
2. **آڇون جمع ڪرائڻ ۽ کولڻ:** آڇون، جيڪي واڪ دستاويزن ۾ موجود هدايتن جيڪي واڪ ڏيندڙ (iTB) مطابق تيار ٿيل هجن، ٽينڊر نوٽيس جي شايع ٿيڻ جي تاريخ کان وٺي آخري تاريخ 10-08-2026 تي منجهند 02:00 وڳي تائين سنڌ EPADS ذريعي جمع ڪرايون وينديون. مجموعي ڏنل آڇ جي قيمت جو 2.5% بڊ سيڪيورٽي، جيڪا سيڪشن آفيسر (جنرل)، سائنس ۽ انفارميشن ٽيڪنالاجي کاتو، سنڌ حڪومت جي نالي ڊماند ڊرافت يا پي آرڊر جي صورت ۾ اليڪٽرانڪ آڇون جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ کان اڳ پروڪيورنگ ايجنسي کي جمع ڪرائي ويندي. ٽيڪنيڪل آڇون ان ئي ڏينهن منجهند 02:45 وڳي واڪ ڏيندڙن يا انهن جي مجاز نمائندن جي موجودگي ۾ ڪميٽي روم، سائنس ۽ انفارميشن ٽيڪنالاجي کاتو، پهرين ماڙ، سنڌ سيڪريٽريٽ بلڊنگ نمبر 6، ڪراچي ۾ کوليون وينديون.
3. **واڪ دستاويزن جي دستيابي:** اڄ جي مدت جو آغاز نمايان اخبارن ۽ سائنس ۽ انفارميشن ٽيڪنالاجي کاتي (https://istd.sindh.gov.pk)، حڪومت سنڌ (https://www.sindh.gov.pk)، ۽ سنڌ EPADS پورٽل (https://portalsindh.eprocure.gov.pk) جي آفيشل ويب سائيٽن تي ٽينڊر نوٽيس جي شايع ٿيڻ جي تاريخ کان ٿيندو.
4. **ٽيڪنيڪل تجويزن جو کلڻ:** حصو وٺندڙ واڪ ڏيندڙن جون ٽيڪنيڪل تجويزون 10-08-2026 تي منجهند 02:45 وڳي پروڪيورمينٽ ڪميٽي، سائنس ۽ انفارميشن ٽيڪنالاجي کاتو، حڪومت سنڌ پاران انهن واڪ ڏيندڙن يا انهن جي باقاعده مجاز نمائندن جي موجودگي ۾ کوليون وينديون جيڪي شرڪت ڪرڻ چاهين ٿا.
5. **فنانشل تجويزن جو کلڻ:** فقط انهن واڪ ڏيندڙن جون فنانشل تجويزون کوليون وينديون جن کي ٽيڪنيڪل طور تي ڪارآمد قرار ڏنو ويندو. جنهن جي اطلاع بعد ۾ سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز، 2010 (وقت بوقت ترميم ٿيل) جي احڪامن مطابق ڏني ويندي. معاهدو سڀ کان وڌيڪ فائديمند آڇ پيش ڪندڙ واڪ ڏيندڙ کي ڏنو ويندو، جيئن ته SPPرولز تحت مقرر ٿيل آهي.
6. **EPADS سپورٽ:** EPADS سان لاڳاپيل ڪنهن به ٽيڪنيڪل مشڪل جي صورت ۾، متوقع واڪ ڏيندڙ سرڪاري ڪم واري ڏينهن ۽ آفيس جي وقت دوران EPADS هيلپ لائين 051-111-137-237 تي رابطو ڪري سگهن ٿا.
7. **آڇن کي قبول يا رد ڪرڻ جو حق:** پروڪيورنگ ايجنسي سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز، 2010 (وقت بوقت ترميم ٿيل) جي لاڳاپيل احڪامن مطابق، آڇ جي قبوليت کان اڳ ڪنهن به وقت ڪنهن به يا سڀني آڇن کي قبول يا رد ڪرڻ، يا آڇن جي عمل کي منسوخ ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي.
8. **عام موڪل يا اڻٽر حالات:** جيڪڏهن حڪومت عام موڪل جو اعلان ڪري ٿي، يا ڪي اڻٽر حالتون مقرر تاريخ تي آڇون کولڻ ۾ رڪاوٽ بڻجن ٿيون، ته آڇون ايندڙ ڪم واري ڏينهن تي ساڳئي وقت ۽ هنڌ تي جمع ڪرايون ۽ کوليون وينديون.
9. **بڊ سيڪيورٽي ۽ مدو:** بڊ سيڪيورٽي مجموعي ڏنل آڇ جي قيمت جو 2.5% هوندي. آڇون ٽيڪنيڪل آڇن جي کولڻ جي تاريخ کان 90 ڏينهن جي مدت تائين قابلِ عمل رهنديون.
10. **آڇن جو طريقو:** فقط سنڌ EPADS پورٽل تي موجود مقرر ٿيل واڪ دستاويزن ذريعي اليڪٽرانڪ طور جمع ڪرايل آڇن تي ئي غور ڪيو ويندو. جتي ضروري هجي، واڪ ڏيندڙ اضافي معاون دستاويز بطور ضميما اپلوڊ ڪري سگهن ٿا.
11. **مشروط آڇون:** مشروط، اڻپوريون، يا غير جوابده آڇن تي غور نه ڪيو ويندو ۽ انهن کي واڪ دستاويزن ۽ سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز جي لاڳو احڪامن مطابق رد ڪيو ويندو.
12. **لاڳو قانون:** پروڪيورمينٽ جو هي عمل سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز، 2010 (وقت بوقت ترميم ٿيل) ۽ حڪومت سنڌ جي ٻين سڀني لاڳو قانونن، قاعدن ۽ ضابطن تحت هلندڙ هوندو.

INF-KRY/3112/26

I WORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com
A JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

سيڪشن آفيسر (جنرل)
سائنس ۽ انفارميشن ٽيڪنالاجي کاتو
URL: www.istd.sindh.gov.pk Tel No : 021-99213811

Oil & Gas Development Company Limited
ogdc the energy

INVITATION TO E-BID
THROUGH SAP-ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-Ariba Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-LH-PT-PNP-328590129-2026	EXPLOSION PROOF PENDANT REMOTE CONTROL UNITS	10.08.2026 AT 1130 HRS
2.	OGDC-SCM-LBT-CESS-PT-328302215-2026	CONSTRUCTION OF BLACK TOP ROAD	10.08.2026 AT 1130 HRS
3.	OGDC-SCM-LH-PT-PNP-328924610-2026	SUPPLY OF REPAIR KITS	12.08.2026 AT 1130 HRS
4.	OGDC-SCM-FC-CB-PNP-DKN-327337017-2026	SUPPLY OF IR PYROMETER	24.08.2026 AT 1100 HRS
5.	OGDC-SCM-FD-CB-PNP-328924296-2026	SUPPLY OF CRITICAL SPARES OF REFIGERATION PACKAGE	24.08.2026 AT 1100 HRS

EXTENSION IN BID
CLOSING & OPENING DATE

2. Reference our Tender Notice published in newspaper(s) on **24.06.2026** and **08.07.2026**, it is notified that the bid submission/opening date of the following case (s) has been extended as follows:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-SER-CB-DO-326970150-2026	HIRING OF DIRECTIONAL AND PERFORMANCE DRILLING FOR NORTH AND SOUTH-CENTRE REGIONS	04.08.2026 AT 1030 HRS
2.	OGDC-SCM-FA-CB-PEANDFD-324926136-2026	OIL SOLUBLE CORROSION INHIBITOR	07.08.2026 AT 1100 HRS
3.	OGDC-SCM-SER-CB-DO-326986842-2026	HIRING OF MULTI CYCLE (UNLIMITED) UNDER REAMER SERVICES	12.08.2026 AT 1030 HRS

3. Bidders who have already submitted and sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
4. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date and time.
5. Tender Notice and detailed instructions are available on PPRA website at www.ppra.org.pk.
6. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through portal at https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders or discovery.ariba.com/profile/AN01562899621. For details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDC Headquarters, Jinnah Avenue, Blue Area,
Islamabad, Pakistan.
Tel: +92 (51) 920023652/3780

ogdcl.com
No. 39/02

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION
WE EXPLORE PROSPERITY

ميهڙ پرسان ٻن موٽر سائيڪلن ۾ ٽڪر، نوجوان فوت، ٻيو زخمي

قاضي عارف روڊ تي ٻن موٽرسائيڪلن ۾ آمهون سامهون ٽڪر ٿي پيو

حادثي جي نتيجي ۾ وقار چانڊيو فوت، اظهار چانڊيو سخت زخمي ٿيو

زخمي ۽ لاش اسپتال منتقل، ضروري ڪارروائي بعد مڙهه وارثن حوالي

ميهڙ (رپورٽ نعمت الله مهيسر): ميهڙ پرسان قاضي عارف روڊ تي پيش آيل افسوسناڪ روڊ حادثي ۾ هڪ نوجوان فوت ٿي ويو جڏهن ته ٻيو سخت زخمي ٿي پيو. پوليس ۽ مقامي ذريعن موجب ٻن موٽر سائيڪلن ۾ آمهون سامهون زوردار ٽڪر ٿيڻ سبب وقار چانڊيو سخت زخمي ٿي پيو جيڪو زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو. حادثي ۾ اظهار چانڊيو پڻ زخمي ٿي پيو جنهن کي مقامي ماڻهن ۽ ريسڪيو

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

ڪنڊيارو: سنڌ يوٿ ايڪشن ڪميٽي سميت مختلف جماعتن جي سڏ تي ڪنڊيارو ۾ مغوي پريا ڪماري ۽ ٻين اغوا ٿيل ٻارن جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

گمبٽ: ڦرجي ڪوشش دوران گاڏي نه بيهارڻ تان هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ مارجي ويل ڊرائيور

خيرپور ۾ نوجوان پورهيت جڳهه جي ڇت تان ڪري فوت، گهر ۾ ڪهرام

نوجوان جاويد علي هڪڙو جو لاش ضروري ڪارروائي بعد گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

خيرپور(ڊ ر)خيرپور جي اي ون سٽي ۾ ڪم ڪرڻ دوران جڳهه جي ڇت اوچتو نوجوان جاويد علي هڪڙو ڪري فوت ٿي ويو آهي لاش سول اسپتال خيرپور منتقل ڪيو ويو ٻڌايو پيو وڃي ته نوجوان ڳوٺ محمد علي شاهه کان صبح جو مزدوري تي آيو جيڪو اوچتو جڳهه تان ڪري پيو جيڪو فوت ٿي ويو آهي. جڏهن ته مزدور جو لاش سندن گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام روڄ راڙو مچي ويو. خيرپور پرسان ڪار جو موٽر سائيڪل کي ٽڪر، هڪ ڄڻو زخمي، اسپتال داخل

خيرپور پرسان هٿيارٻندن جي گاڏي نه بيهارڻ تان فائرنگ، ڊرائيور قتل، واپاري زخمي

منگهنواري روڊ تي هٿيارٻندن پيرڳوٺ واسي واپاري رتن ڪمار جي گاڏي کي بيهاري ڦرجي ڪوشش ڪئي

گاڏي نه بيهارڻ تان فائرنگ ۾ گاڏي جو ڊرائيور عبداللطيف ڪنهر موقعي تي قتل ۽ رتن ڪمار سخت زخمي ٿي پيو

اطلاع تي پوليس پهچي قتل ٿيل جو لاش ۽ زخمي کي ڪڍائي اسپتال مان لاش پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو

خيرپور(رپورٽ: عبدالمجيد پنهور) خيرپور پرسان هٿيارٻندن واپاري کان ڦر جي ڪوشش، گاڏي نه بيهارڻ تي سڌي فائرنگ، ڊرائيور قتل، واپاري زخمي تفصيل موجب خيرپور لڳ منگهنواري روڊ تي

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

عمرڪوٽ ۾ مڱريو ۽ راڄڙ برادري ۾ پراڻي دشمني تان فائرنگ، پيرسن قتل

موٽرسائيڪل سوار هٿيارٻندن رڪشي تي سڌي فائرنگ ڪئي، گوليون لڳڻ سبب قادر منگريو مارجي ويو

ڪورٽ مان واپسي سونو راڄڙ، حاجي، ڏٿيو ۽ ٻين سندن والد تي سڌي فائرنگ ڪري ڪيس قتل ڪيو: سرور منگريو

نامزد جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪري کين فوري گرفتار ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي

عمرڪوٽ (ڊ ر) موٽرسائيڪل سوار هٿيارٻندن رڪشي تي سڌي فائرنگ ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ قادر بخش منگريو سخت زخمي ٿي پيو وارثن ڪيس فوري طور سول اسپتال عمرڪوٽ منتقل ڪيس جتي ڊاڪٽرن سندس فوت ٿيڻ جي تصديق

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

عمرڪوٽ: پراڻي دشمني ۾ هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ مارجي ويل پيرسن

گمبٽ لڳ ٻنيري واري پل ويجهو روهڙي ڪئنال جا ڪپر انتهائي ڪمزور، رهواسين نوٽيس جو مطالبو

گمبٽ (ت.ر) گمبٽ لڳ ٻنيري واري پل ويجهو روهڙي ڪئنال جا ڪپر انتهائي ڪمزور ٿي ويا ۽ ڪنهن وقت به روهڙي ڪئنال جو بند ٽٽڻ جو خدشو پيدا ٿي ويو آهي هتان علائقي واسين جو چوڻ آهي ته آبپاشي کاتي جو عملو منظر عام تان غائب آهي ۽ هن وقت تائين ڪو به حفاظتي قدم نه کنيو ويو آهي جنهن سبب

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

عمرڪوٽ ۾ پراڻي دشمني تان ڏينهن ڏٺي فائرنگ، پيرسن قتل

موٽرسائيڪل سوار هٿيارٻندن رڪشي تي فائرنگ ڪئي، قادر بخش مڱريو اسپتال ۾ دم ڏئي ڇڏيو

وارثن نامزد ماڻهن تي قتل جو الزام هڻي فوري گرفتاري ۽ انصاف جو مطالبو ڪيو

پوليس جاچ شروع ڪري ڇڏي، واقعي جي مختلف رخن کان ڇنڊڇاڻ ۽ جوابدارن جي ڳولا جاري

عمرڪوٽ (ڊ ر) عمرڪوٽ ۾ مگريو ۽ راڄڙ برادري ۾ پراڻي دشمني تان ڏينهن ڏٺي وچ شهر ۾ فائرنگ جي نتيجي ۾ 60 ورهين جي پيرسن قادر بخش مگريو قتل ٿي ويو واقعي بعد ڌرين ۾ تڪرار تيز ٿي ويو پوليس موجب موٽرسائيڪل سوار هٿيارٻندن رڪشي تي سڌي فائرنگ ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ قادر بخش منگريو سخت زخمي ٿي پيو وارثن ڪيس فوري طور سول اسپتال عمرڪوٽ منتقل ڪيس جتي ڊاڪٽرن سندس فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي واقعي کانپوءِ جوابدار فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا، مقتول جي پٽ سرور

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

سيوهڻ: يوسي باجارا جي رند برادري جي ڳوٺاڻن پاران فائرنگ واقعي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

رتوديرو ۽ ڀرپاسي ايڇ آءِ وي تي ضابطو نه آيو، وڌيڪ هڪ ٻارڙو فوت، انگ 3 ٿي ويو

ڳوٺ ريڊر لاشاري واسي نثار لاشاري جو ٻن سالن جو محمد امين لاشاري مرض سبب اسپتال ۾ فوت ٿي ويو

گذريل هڪ مهيني دوران نينگري صائمه لاشاري ، حسن دستگير سميت ٽيئي ٻار فوت ٿي ويا آهن: رهواسي

صحت کاتي پاران ڪي به قدم نه کڻڻ سبب معصوم جانيون ضايع ٿي رهيون آهن، ٽيمون موڪليون وڃن

رتوديرو (رپورٽ: قربان علي گلال) رتوديرو ويجهو ڳوٺ ريڊر لاشاري جي رهواسي نثار لاشاري جو ٻن سالن جو معصوم ٻارڙو محمد امين لاشاري ايڇ آءِ وي سبب اسپتال ۾ فوت ٿي ويو آهي جڏهن ته هڪ مهيني اندر نينگري صائمه لاشاري ،حسن دستگير سميت ٽيون ٻار ايڇ آءِ وي سبب فوت ٿي ويو آهي جنهن جي ڪري علائقي ۾ سخت خوف وارو ماحول پيدا ٿي ويو آهي ان ڏس ۾ ڳوٺاڻن جو چوڻ

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

رتوديرو: ايڇ آءِ وي سبب فوت ٿيل نينگر جو لاش

ڪوٽ غلام محمد ۾ نوجوان 11 هزار وولٽ جي پول تي چڙهي خودڪشي جي ڪوشش

رميش ڪولهي مبينا خودڪشي جي ڪوشش ڪئي، بچائڻ لاءِ پهتل پيٽوپي کي به ڪرنٽ لڳو

ٻئي زخمي تعلقي اسپتال منتقل رميش ڪولهي جي گهٽي جوڳي حالت ۾ حيدرآباد منتقلي

ڪوٽ غلام محمد(ت ر) 11 هزار وولٽ جي بجلي جي پول تي چڙهي مبينا خودڪشي جي ڪوشش، بچائڻ دوران ٻه ڄڻا زخمي ڪراچي کان ڪوٽ غلام محمد آيل نوجوان رميش ڪولهي مبينا طور 11 هزار وولٽ جي بجلي جي پول تي چڙهي مبينا خودڪشي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ڪيس بچائڻ لاءِ سندس پيٽوپو پريم ڪولهي پڻ بجلي جي پول تي چڙهي ويو جنهن دوران ٻئي ڄڻا 11 هزار وولٽ جي ڪرنٽ جي زد ۾ اچي سخت زخمي ٿي پيا زخمين کي فوري طور تعلقي اسپتال ڪوٽ غلام محمد منتقل ڪيو ويو جتي [illegible]

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

قاضي احمد ۾ صحافي غلام حيدر انڙ تي ڪوڙو ڪيس داخل ٿيڻ خلاف احتجاج

قلم ڌڻين ذوالفقار ڏانوري، رجب جتوئي، راجا ساجد انڙ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

ڀٽ شاهه پوليس پاران غلام حيدر انڙ تي داخل ڪوڙو ڪيس ختم ڪيو وڃي

قاضي احمد (ن ع) تعلقه پريس ڪلب جي صحافي مهراڻ ٽي وي جي رپورٽر غلام حيدر انڙ تي ڀٽ شاهه پوليس ٿاڻي تي قتل جو ڪوڙو ڪيس داخل ٿيڻ خلاف تعلقه پريس ڪلب جي صدر ذوالفقار علي ڏانوري رجب علي جتوئي راجا ساجد علي انڙ ممتاز علي جتوئي چانڊ ڪاشف علي انڙ اشفاق احمد راشد راول ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو اڳواڻن چيو ته صحافي غلام حيدر انڙ تي ڀٽ شاهه پوليس ٿاڻي تي ايس ايڇ او طفيل پنو انتقامي ڪارروائي ڪندي مڙس قتل جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪري ظلم جي انتها

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار ۾ شهري جو پاڙين خلاف احتجاج، گهر تي قبضي ۽ ڌمڪين جا الزام

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار چمبڙ جو رهواسي اعجاز علي عمراڻي پاڙين جي ظلمن کان تنگ ٿي انصاف لاءِ ٻارن ٻچن سميت پريس ڪلب پهچي ويو ان موقعي تي چمبڙ واسي اعجاز علي عمراڻي

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

ڏگهڙي ۾ شڪ جي بنياد تي ٻه پورهيت گرفتار، جاچ بعد آزاد

ڏگهڙي(ن ع) ڏگهڙي پوليس هڪ شهري جي اطلاع تي شڪ جي بنياد تي گهر جي تعمير تي ڪم ڪندڙ ٻن پورهيت مزدورن

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

قاضي احمد: صحافي غلام حيدر انڙ تي ڪيس داخل ٿيڻ خلاف قلم ڌڻي احتجاج ڪندي

نوابشاهه عدالت پاران پوليس تشدد ۾ قتل ٿيل نوجوان جي ڪيس ۾ جوابدارن جي ضمانت رد، 4 گرفتار

ففٿ ايڊيشنل سيشن جج ڪيس ۾ نامزد سمورن جوابدارن جي ضمانت واريون درخواستون رد ڪري ڇڏيون

ايف آءِ اي جي ٽيم اي ايس آءِ رائو نذير، اي ايس آءِ ستار ڪمبوهه، سليم بروهي ۽ طيب جٽ کي گرفتار ڪيو

ٻه اهم جوابدار ايس ايڇ او اصغر شاهه ۽ ايس ايڇ او عمران اختر چانڊيو فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا

نوابشاهه (رپورٽ ذوالفقار علي خاصخيلي) ٽي مهينا اڳ بي سيڪشن ٿاڻي جي لاڪ اپ ۾ مبينا پوليس تشدد دوران فوت ٿيل ارشد پکي قتل ڪيس ۾ اهم اڳڀرائي سامهون آئي آهي ففٿ ايڊيشنل سيشن

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: امير جماعت اسلامي حافظ طاهر مجيد پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي

خيرپور لڳ فاريسٽ کاتي پاران قيمتي ڪاٺ سان ڀريل ٻه گاڏيون هٿ ڪرڻ جي دعويٰ

خيرپور(ڊ ر)، فاريسٽ کاتي ڪارروائي ڪندي قيمتي ڪاٺ سان ڀريل ٻه گاڏيون هٿ ڪري ڪيس داخل ڪري ڇڏيو ڊويزنل فاريسٽ آفيسر هوش محمد شر جي اڳواڻي ۾ فاريسٽ کاتي جي ٽيم سانگهڙ – چونڊڪو روڊ تي ڪارروائي ڪري سرڪاري ٻيلي مان غيرقانوني طور ڪٽيل قيمتي ڪاٺ سان ڀريل ٻه گاڏيون تحويل ۾

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

ڪنڌڪوٽ ۾ پريا ڪماري سميت اغوا ٿيل ٻارن جي بازيابي لاءِ ايس ٽي پي جو احتجاج

ڀرلوءِ ڌرڻي تي پوليس چڙهائي ۽ تشدد خلاف ايس ٽي پي پاران ريلي ڪڍي وئي

اغوا ٿيل ٻارن جي فوري بازيابي، گرفتار ماڻهن جي آزادي ۽ ذميوار اهلڪارن خلاف ڪارروائي جو مطالبو

ڪنڌڪوٽ (ڊ ر) ڪنڌڪوٽ ۾ پريا ڪماري سميت ٻين اغوا ٿيل معصوم ٻارن جي بازيابي لاءِ ڀرلوءِ ۾ جاري پرامن ڌرڻي تي پوليس چڙهائي، لاٺي چارج ۽ سنڌ جي نياڻين وڪيلن صحافين ۽ قومي ڪارڪنن کي تشدد جو نشانو بڻائي گرفتار ڪرڻ خلاف سنڌ ترقي پسند پارٽي پاران ڊويزن صدر دلمراد ڏاهاڻي ضلع اڳواڻ سرمد جاگيراڻي، نورخان سبزوئي تعلقه صدر قربان ملڪ، فضل سنڌي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ايس ٽي پي هائوس کان پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، جنهن بعد پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

ڪنڌڪوٽ: پريا ڪماري سميت ٻين اغوا ٿيل معصوم ٻارن جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

اسلام آباد: سياح ثقافتي آرٽ گيلري ۾ فنڪارن جي فن پارن کي غور سان ڏسي رهيا آهن

گمبٽ لڳ ٻرڙا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، عورتن سميت 10 ڄڻا زخمي

ڳوٺ خانڻ ٻرڙو ۾ سڱاوتي تڪرار تان ڌرين هڪٻئي تي لٺين ۽ ڪهاڙين سان حملا ڪيا

زخمي اعجاز علي، محمد صديق، نذير احمد، دلبرخان ۽ ٻين کي اسپتال آندو ويو

گمبٽ (ت.ر) گمبٽ جي علائقي ڪوٽڏيجي ٿاڻي جي حد ڳوٺ خانڻ ٻرڙو ۾ سڱاوتي تڪرار تان ٻرڙا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو جهيڙي دوران لٺين ۽ ڪهاڙين جي آزادانه استعمال ٿيڻ سبب ٻنهي ڌرين جا عورت سميت 10 ڄڻا زخمي ٿي پيا زخمين ۾ اعجاز علي، محمد صديق، نديم احمد، دلبر خان، غلام قادر، محمد بخش، محبوب علي، نور خان ۽ مسمات موراڻ ٻرڙو شامل آهن جڏهن ته حد جي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي زخمين کي ڪوٽڏيجي اسپتال علاج لاءِ منتقل ڪيو جڏهن ته پوليس موجب سڱاوتي تڪرار تان

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

لکي غلام شاهه ۾ ساحل جوڳي، سهڻي پارس ۽ ٻين جي آزادي لاءِ ريلي

مظاهرين ديوان چند ٻيلاڻي، ڪرم حسين منگي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ نعريبازي ڪئي

سهڻي پارس، ساحل جوڳي ۽ ٻين گرفتار ڪارڪنن کي بنا دير آزاد ڪيو وڃي

لکي غلام شاهه (ن ع) ڀرلو ڌرڻي دوران پريا ڪماري سميت ٻين معصوم مغوي ٻارڙن جي بازيابي ۽ نيشنل پريس ڪلب سکر جي صدر ساحل جوڳي پريا ڪماري ايڪشن ڪاميٽي جي اڳواڻ سهڻي پارس ۽ ٻين گرفتار ڪارڪنن جي آزادي لاءِ لکي غلام شاهه ۾ وڏي احتجاجي ريلي ۽ مظاهرو ڪيو ويو احتجاجي ريلي هاءِ اسڪول لکي غلام شاهه کان شروع ٿي تعلقه پريس ڪلب رجسٽرڊ لکي غلام شاهه تائين پهتي جتي احتجاج ڪندڙن نعريبازي ڪندي گرفتار ڪارڪنن جي آزادي ۽ مغوي ٻارڙن جي بازيابي جو

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

لکي غلام شاهه: پريا ڪماري ۽ ٻين گم ٿيل ٻارن جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

گمبٽ ويجهو ڪوري برادري جي ڌرين ۾ جهيڙو، عورت سميت 4 ڄڻا زخمي

ڳوٺ محمود چنڊ واسي ٻن ڌرين وچ ۾ معمولي ڳالهه تان جهيڙو ٿي پيو

زخمي عورت ۽ ٻين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو، واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو

گمبٽ (ت.ر) سڳيون واري ڪچي جي علائقي ڳوٺ محمود چنڊ ۾ ڪوري برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ معمولي ڳالهه تان جهيڙو ٿي پيو جهيڙي ۾ لٺين ڪهاڙين لڳڻ سبب ٻنهي ڌرين جا هڪ عورت سميت چار ڄڻا زخمي ٿي پيا اطلاع تي محمود چنا ٿاڻي جي پوليس جهيڙي واري هنڌ پهچي ۽ زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو جتي انهن کي طبي امداد ڏني وئي جڏهن ته پوليس موجب ڌرين جو چوڻ آهي اسان پاڻ ۾ آپس ۾ ۽ پاڻ ۾ نبيري وينداسين ۽ ڪنهن ڌر هڪٻئي خلاف ڪيس داخل نه ڪرايو.

خيرپور ضلعي ۾ ڪٽڪ جي ذخيره اندوزي خلاف ڪريڪ ڊائون جاري

اسسٽنٽ ڪمشنر عُمائمه سولنگي عملي سان گڏجي مختلف هنڌن تي ڇاپا هنيا

ڇاپن دوران 3 هزار کان وڌيڪ ذخيرو ٿيل ڪٽڪ جا ڪٽا هٿ ڪيا ويا آهن: عمائمه

خيرپور(ڊ ر)سنڌ حڪومت جي هدايتن تي خيرپور ضلعي ۾ ڪٽڪ جي ذخيره اندوزي خلاف ڪريڪ ڊائون جاري ، 3 هزار کان وڌيڪ ذخيرو ڪيل ڪٽڪ جا ڪٽا هٿ اسسٽنٽ ڪمشنر خيرپور عُمائمه سولنگي اسسٽنٽ مختيارڪار شيراز ڦلپوٽو پاران حساس ادارن ۽ خوراڪ کاتي جي عملدارن سان گڏجي شهر جي فيض آباد ، پراڻي کجور منڊي ۽ جمالي ڳوٺ سميت مختلف هنڌن تي ڪارروائيون ڪري 3 هزار کان وڌيڪ ذخيرو ٿيل ڪٽڪ جا ڪٽا هٿ ڪيا ويا تحويل ۾ ورتل ڪٽڪ جا ڪٽا لاڳاپيل حد جي فوڊ انسپيڪٽرن جي نگراني هيٺ

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي ۾ اهلڪار سان زيادتي ڪندڙن جي ضمانت رد، عدالت مان فرار

ٻه هفتا اڳ جوابدار مقصود گهوٽو ۽ بلا ڪلوڙ سپاهي رائو اسامه سان مبينا زيادتي ڪئي

پڪي ضمانت لاءِ آيلن جي درخواست رد، جوابدار عدالت مان فرار ٿي ويا

گهوٽڪي(ن ع)گهوٽڪي ۾ پوليس اهلڪار سان مبينا جنسي زيادتي جي ڪوشش واري ڪيس ۾ اهم اڳڀرائي سامهون آئي آهي ٻه هفتا اڳ داخل ٿيل ڪيس ۾ نامزد ٻنهي پوليس اهلڪارن جي پڪي ضمانت واري درخواست عدالت رد ڪري ڇڏي، جنهن بعد عدالت سندن فوري گرفتاري جا حڪم جاري ڪري ڇڏيا جڏهن ته جوابدار عدالت جي احاطي مان فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. تفصيل موجب اي سيڪشن ٿاڻي تي مقرر پوليس اهلڪار رائو اسامه پنهنجي فرياد ۾ الزام هنيو هو ته ساڻس گڏ ڊيوٽي ڪندڙ پوليس اهلڪار

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي:زيادتي ڪيس ۾ نامزد اڳوڻ پوليس اهلڪارن جا فائل فوٽو

سنڌ جي سکر، گڊو ۽ ڪوٽڙي بئراجن وٽ پاڻي جا وهڪرا معمول موجب جاري

چناب درياءَ ۾ هيڊ مرالا مقام وٽ وڏي ٻوڏ واري صورتحال پيدا ٿي وئي

سنڌ ۾ زرعي ضرورتن موجب مختلف واهن ۾ پاڻي جي ورڇ جاري آهي

سکر(بيورو رپورٽ) پنجاب جي چناب درياءَ ۾ هيڊ مرلا مقام وٽ وڏي ٻوڏ واري صورتحال پيدا ٿي وئي آهي جتي پاڻي جو مٿاهون وهڪرو 84 هزار 895 ڪيوسڪ هيٺيون وهڪرو 62 هزار 622 ڪيوسڪجڏهن ته ڪابل ندي،جهلم،راوي وڏي ٻوڏ جا امڪان آهن جڏهن ته خانڪي بئراج وٽ مٿاهون وهڪرو 1 لک 13 هزار 548 ڪيوسڪ هيٺيون وهڪرو 1 لک 6 هزار 206 ڪيوسڪ ،قادر آباد وٽ پاڻي جو مٿاهون وهڪرو 97هزار652ڪيوسڪ هيٺيون وهڪرو 78هزار128ڪيوسڪ تي پهچي ويو آهي ۽ منگلا ڊيم وٽ پڻ هيٺين

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ ليڊي هيلٿ سپروائيزرن ۽ ليڊي هيلٿ ورڪرز پاران مظاهرو

مظاهرين بشرا آرائين، شائلا ڏهوٽ، پروين ملاح، نصرت ۽ ٻين احتجاج ڪيو

ليڊي هيلٿ ورڪرز پروگرام کي اڳ وانگر سرڪاري انتظام هيٺ جاري رکيو وڃي

خيرپور(ڊ ر)ليڊي هيلٿ ورڪرز پروگرام کي نجي ڪمپني حوالي ڪرڻ واري عمل خلاف خيرپور ۾ ليڊي هيلٿ سپروائيزرن ۽ ليڊي هيلٿ ورڪرز پاران پريس ڪلب خيرپور آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي وئي احتجاج جي اڳواڻي ليڊي هيلٿ سپروائيزر بشرا آرائين، شائلا ڏهوٽ، پروين ملاح، نصرت مهراڻي، فهميدان، بانو شبانه انصاري ۽ ٻين ڪئي ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن چيو ته ليڊي هيلٿ ورڪرز پروگرام کي نجي ڪمپني حوالي ڪرڻ وارو فيصلو هزارين ليڊي هيلٿ ورڪرز جي روزگار نوڪرين جي تحفظ ۽ عوام کي

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

ڀٽ شاهه ۾ نوجوان عورت جي قتل ڪيس نئون رخ اختيار ڪري ويو

فوتي عورت جي والد جي فرياد تي مڙس سميت ٽن ڄڻن خلاف ڪيس داخل

ڌي کي ڪارڻهن الزام ڏيئي سندس مڙس بشير ڏاريجي غلام حيدر قتل ڪيو آهي:محمد حسين

ڀٽ شاهه (ن ع) ڀٽ شاهه ۾ گذريل ڏينهن قتل ٿيل نوجوان عورت جو ڪيس نئون رخ اختيار ڪري ويو منهنجي ڌي مريم کي ڪارڻهن جو الزام ڏيئي سندس مڙس بشير ڏاريجو غلام حيدر قتل ڪيو آهي فوتي عورت جي والد محمد حسين ڀٽ شاهه ٿاڻي تي 4 جوابدارن مٿان ڪيس داخل ڪرائي ڇڏيو فريادي محمد حسين ملڪ موقف اختيار ڪندي چيو ته فوتي عورت سان گڏ درگاهه ڀٽائي تي آيل سهيلي عورت بينا ۽ بلاول به قتل ۾ ملوث آهن جن جوابدارن کي گهرائي منهنجي نياڻي جو قتل ڪرايو آهي منهنجي نياڻي جي 18 سال اڳ ۾

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

ميهڙ: اجالا پروين سولنگي ، پريا ڪماري ۽ ٻين ٻارڙن جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

آدم ۾ بجلي چوري ۽ باقيدارن خلاف آپريشن، ڪيترائي ڪنيڪشن ڪاٽا

انجنيئر غياث الدين شيخ ۽ ايس ڊي او جي اڳواڻي ۾ عملي مختلف هنڌن تي آپريشن ڪيو

غيرقانوني ڪنيڪشن ڪٽيندي باقيدارن کان رقمون وصول ڪرڻ لاءِ قدم کنيا ويا

ٽنڊوآدم (ن ع) حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪمپني (حيسڪو) پاران ٽنڊو آدم شهر جي مختلف علائقن ۾ بجلي چوري ۽ باقيدارن خلاف ڪارروائيون ڪيون ويون آهن حيسڪو چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر فيض الله ڏاهري جي هدايتن تي ڪيل ڪارروائي جي نگراني ٽنڊو آدم ڊويزن جي ايگزيڪيوٽو انجنيئر غياث الدين شيخ ۽ ايس ڊي او ٽنڊو آدم ميرل خان ڪئي

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

ڪيرو لڳ ڦر مزاحمت تي قتل ٿيل پيرو ڪولهي جون آخري رسمون ادا

آخري رسمن ۾ پ پ اڳواڻ اسامه مري، عمر گل هنگورو ۽ ٻين جي شرڪت

واقعي جو ڪيس اڃا تائين داخل نه ٿي سگهيو جاچ ٽيم پاران ڪوششون جاري

ڪيرو(ن ع) پوسٽ مارٽم کان پوءِ پيرو ڪولهي جو لاش وارثن حوالي ڪيو ويو جنهن کي اباڻي ڳوٺ منتقل ڪري رتوڪوٽ جي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو آخري رسمن ۾ ايم اين اي شازيا عطا مري جي پٽ اسامه مري، پيپلز پارٽي تعلقي ڪيرو جي جنرل سيڪريٽري عمر گل هنگورجو سميت ڪولهي برادري جي وڏي انگ شرڪت ڪئي هوڏانهن واقعي جو ڪيس اڃا تائين داخل نه ٿي سگهيو آهي ايس ايس پي سانگهڙ پاران جوڙيل خاص ٽيم سي سي ٽي وي فوٽيج ۽ جيو فينسنگ ذريعي جوابدارن تائين پهچڻ لاءِ جاچ جاري رکيو ويٺي آهي

ڪنڌڪوٽ ۾ پستول صاف ڪرڻ دوران گولي لڳڻ سبب نوجوان فوت

ڳوٺ دادن خان سهرياڻي ۾ گولي لڳڻ سبب ثلال سهرياڻي سخت زخمي ٿي پيو

گهٽي جوڳي حالت ۾ سول اسپتال آندو ويو، سهولتون نه ملڻ تي سکر ريفر ڪيو ويو

اسپتال پهچڻ کان نوجوان فوت، ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي، گهر ۾ ڪهرام

ڪنڌ ڪوٽ (ڊ ر) ڪنڌ ڪوٽ بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ڳوٺ دادن خان سهرياڻي ۾ پستول صاف ڪندي گولي لڳڻ ڪري نوجوان ثلال خان سهرياڻي سخت زخمي ٿي پيو زخمي کي

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

هنگورجا پرسان مسافر ڪوچ جو موٽر سائيڪل کي ٽڪر، ٽي ڄڻا سخت زخمي

گمبٽ (ت.ر)هنگورجا پرسان لال بخش سولنگي اسٽاپ تي تيز رفتار مسافر ڪوچ جو موٽر سائيڪل سوارن ٽڪر ٽي ڄڻا شديد زخمي گمس اسپتال گمبٽ منتقل هنگورجا پرسان لال بخش سولنگي اسٽاپ قومي شاهراهه روڊ تي تيز رفتار مسافر ڪوچ جو موٽر سائيڪل سوارن کي زوردار ٽڪر لڳڻ سبب ڳوٺ راڻو خان سولنگي جا رهواسي اياز علي سولنگي سندس زال ۽

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

نوري آباد: ايس ايس پي جامشورو ظفر صديق ڇانگا جي اڳواڻي ۾ سيف سٽي پروجيڪٽ جو افتتاح ڪيو پيو وڃي

گمبٽ: پيرترڪڻ سبب تلاءَ ۾ ٻڏي فوت ٿيل ڀاءُ ڀيڻ جا لاش

نوري آباد ۾ ڏوهن تي ڪنٽرول ۽ شهرين جي تحفظ لاءِ سيف سٽي پروجيڪٽ جو افتتاح

ايس ايس پي جامشورو ظفر صديق ڇانگا جي اڳواڻي ۾ پروجيڪٽ جو افتتاح ڪيو ويو

جديد نگراني واري نظام سان ڏوهاري سرگرمين ۽ وارداتن تي وڌيڪ ضابطو آڻڻ ۾ مدد ملندي

نوري آباد (ن ع) نوري آباد ۾ ڏوهن تي ڪنٽرول آڻڻ ۽ شهرين کي وڌيڪ تحفظ فراهم ڪرڻ لاءِ نوري آباد انڊسٽريز زون جي تعاون ۽ آءِ جي سنڌ جي هدايتن تي ايس ايس پي جامشورو ظفر صديق ڇانگا جي اڳواڻي ۾ سيف سٽي پروجيڪٽ جو افتتاح ڪيو ويو ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ايس ايس پي جامشورو ظفر صديق ڇانگا چيو ته نوري آباد ۾ گذريل ڪجهه مهينن دوران چوري، ڦر ۽ ٻين ڏوهن جي وارداتن تي نمايان ڪنٽرول آندو ويو آهي هن چيو ته سيف سٽي پروجيڪٽ تحت جديد نگراني واري نظام جي شروعات

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

گمبٽ ويجهو معصوم ڀاءُ ڀيڻ راند ڪندي پاڻي جي تلاءَ ۾ ٻڏي فوت، گهر ۾ ڪهرام

ڳوٺ مير محمد سولنگي ۾ 6 ورهين جي اسراءَ ۽ 8 ورهين جو سجاد ولد علي خان اچڻ تلاءَ ۾ ٻڏي ويا

اطلاع تي ڳوٺاڻن پهچي ٻنهي معصومن جا لاش ڪڍي گهر آندا ته وارثن ۾ ڪهرام مچي ويو

گمبٽ (رپورٽ : مريد ڏانوري) ڪنب جي علائقي ڳوٺ مير محمد سولنگي ۾ راند ڪنديندي ڀاءُ ۽ ڀيڻ تلاءَ ڪري ٻڏي فوت ٿي ويا جڏهن ته 6 ورهين جي ڀيڻ اسراءَ ۽ 8 ورهين جو ڀاءُ سجاد علي اچڻ ولد

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار ويجهو شاخ ۾ پير ترڪڻ سبب ٻه نينگريون ٻڏي فوت، گهر ۾ ڪهرام

پراڻي ميرآباد جي شاخ ۾ 3 ورهين جي مومل ۽ 4 سالن جي چايا ڀيل ٻڏي فوت ٿي ويون

اطلاع باوجود انتظاميه نه پهتي، ڳوٺاڻن پنهنجي مدد پاڻ تحت لاش شاخ مان ڪڍي ورتا

فوتي نينگرين جا لاش گهر پهچڻ تي گهرن ۾ ڪهرام مچي ويو، علائقي ۾ ڏک جي لهر

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار ويجهو پراڻي ميرآباد جي شاخ ۾ پير ترڪڻ سبب ٻه نينگريون ٻڏي فوت ٿي ويون فوت ٿيل نينگرين ۾ 3 ورهين جي مومل ڌيءَ تنو ڀيل ۽ 4 ورهين جي چايا ڌيءَ ليمون ڀيل شامل آهن واقعي جي اطلاع باوجود لاڳاپيل انتظاميه ۽ ريسڪيو ٽيمون واقعي واري هنڌ نه پهتيون جنهن بعد ڳوٺاڻن پنهنجي مدد

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار: ميرآباد جي شاخ ۾ پير ترڪڻ سبب فوت ٿيل نينگرين جا لاش

خانپورمهر ويجهو مسو واهه کي 20 فوٽ ڳارو، فصل پاڻي هيٺ

ڳوٺ رامڻ لنڊ وٽان لڳل ڳارو سبب سوين ايڪڙن تي بيٺل فصل پاڻي هيٺ اچي ويو

اطلاع باوجود آبپاشي عملو ۽ اختياريون نه پهتيون، رهواسين پنهنجي مدد پاڻ ڳارو ٻڌو

خانپورمهر (ن ع) خانپورمهر ويجهو ڳوٺ رامڻ لنڊ وٽ مسو واهه کي لڳ ڀڳ 20 فوٽن جو ڳارو پئجي وڃڻ سبب سوين ايڪڙن تي بيٺل فصل پاڻي هيٺ اچي ويا آهن. جنهن ڪري علائقي جي آبادگارن کي لکين رپين جي مالي نقصان جو خدشو پيدا ٿي ويو آهي مقامي ماڻهن موجب ڳارو لڳڻ کانپوءِ پاڻي وڏي تيزي سان زرعي زمينن ڏانهن وهي رهيو آهي، جنهن سبب ڪيهه سارين، ڪمند ۽ ٻين فصلن کي سخت نقصان پهتو آهي جڏهن ته پاڻي مسلسل وڌڻ سبب ڀرپاسي جي وڌيڪ زرعي زمينن ۽ آبادي کي پڻ خطرو لاحق

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

ڏالهي: بدامني تي ضابطو نه اچڻ خلاف شهري ٽائرن کي باهيون ڏئي احتجاج ڪري رهيا آهن

ڪنڌڪوٽ لڳ صحافي جي ڀاءُ ۽ ڀائٽي کان موبائل فون ڦر

ڪنڌ ڪوٽ (ڊ ر) ڪنڌ ڪوٽ پريس ڪلب جي ميمبر سينئر صحافي راجا ڳويي چند جي ڀاءُ مڪيش ڪمار ۽ ڀائيٽي پرٿوي ڪمار کان نامعلوم هٿيارٻندن ڊگري ڪاليج ۾ هٿيارن جي زور تي موبائيل فونون ڦر ڪري ويا هٿيارٻندن پسٽل ڏيکاري ٻنهي نوجوانن کان فونون ڦر ڪرڻ بعد آسانيءَ سان فرار ٿي ويا واضح رهي ته

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

ڏالهي ۾ وڌندڙ بدامني ۽ پوليس جي زيادتين خلاف شهرين جو احتجاجي ڌرڻو باهيون

گرگيز برادري ۽ علائقي واسين جو يونين ڪائونسل آفيس اڳيان ڌرڻو هٽي ٽائرن کي باهيون ڏنيون، ٽريفڪ معطل

موٽرسائيڪلون چوپايو مال دڪانن کي ڪاٽ ڏوڙي ڦرون چوري ٿيڻ روز جو معمول بڻجي ويون آهن: مظاهرين

شهرين سميت علائقي واسين جون ننڊون حرام ٿي ويون آهن، پوليس بدامني تي ضابطو آڻڻ ۾ ناڪام ٿي چڪي آهي

ڏالهي(ن ع) ڏالهي ۾ وڌندڙ بدامني ۽ پوليس جي مبينا زيادتين خلاف گرگيز برادري شهرين ۽ علائقي واسين پاران هٿن ۾ پليڪارڊ کڻي ٽائرن کي باهيون ڏئي مک يونين ڪائونسل آفيس اڳيان روڊ

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

نوشهروفيروز ۾ ايس ٽي پي ڪارڪنن جو مرڪزي سڏ تي احتجاجي مظاهرو

ڪارڪنن نثار ڪيريو، اسد چانڊيو، اقبال راڄپر ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

سڄي سنڌ ۾ موجود غيرقانوني افغان شهرين کي قانون موجب واپس موڪليو وڃي

نوشهروفيروز(ڊ ر) سنڌ ترقي پسند پارٽي جي مرڪزي سڏ تي نوشهرو فيروز ۾ الله واري چونڪ کان ڊپٽي ڪمشنر آفيس نوشهرو فيروز آڏو ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاج دوران ڪارڪنن علامتي طور ڊي سي آفيس جو مرڪزي گيٽ بند ڪري سخت نعريبازي ڪئي ۽ گو افغاني گو جا نعرا هنيا ۽ ڊپٽي ڪمشنر کي هڪ يادداشت پيش ڪئي احتجاجي ريلي جي اڳواڻي نثار ڪيريو، اسد چانڊيو . اقبال راڄپر ۽ ٻيا ڪري رهيا هيا، ڊپٽي ڪمشنر نوشهرو فيروز کي يادداشت ۾ مطالبو ڪيو ويو ته وفاقي حڪومت طرفان

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

سيوهڻ پرسان زمين جي تڪرار تان فائرنگ، چڪتاڻ هڪ ڌر جو ٻارن سان گڏجي مظاهرو

يوسي باجارا جي ڳوٺ چنگهياڻي ۾ رند برادري جي ٻن ڌرين ۾ چڪتاڻ، ڌرين مورچا بند

هڪ متاثر ڌر پاران معصوم ٻارن سميت احتجاج، جاني نقصان ٿيڻ جو انديشو ظاهر

سيوهڻ (ن ع)سيوهڻ لڳ يوسي باجارا جي ديهه ڪچي جي ڳوٺ چنگهياڻي ۾ رند برادري جي ٻن ڌرين ۾ هلندڙ زميني تڪرار تان فائرنگ جو واقعو پيش آيو آهي جنهن بعد ٻئي ڌريون مورچا بند ٿيڻ ڪري ڪنهن به وقت جاني نقصان ٿيڻ جو انديشو ظاهر ڪيو پيو وڃي، ٻئي طرف فائرنگ واقعي خلاف رند برادري جي هڪ متاثر ڌر پاران معصوم ٻارن سميت احتجاجي مظاهرو ڪري انصاف لاءِ سخت نعريبازي ڪئي وئي، ان موقعي تي متاثر ڌر جي ڳوٺاڻن منو رند، وزير نظير عالم عبدالله ۽ نورمحمد رند الزام مڙهيندي چيو ته اسان پنهنجي مامي نهال رند کان 2009 ۾ 9 ايڪڙ زمين خريد ڪري ورتي هئي جنهن جي لکت به آهي ۽ ڳوٺ جي امين پاران مخالف ڌر کي کاتو تبديل ڪري ڏيڻ لاءِ پابند پڻ بڻايو

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

سکر: روهڙي واسي شبانه پٺاڻ انصاف لاءِ احتجاج ڪندي

امتياز احمد شيخ سان واپارين ۽ اسپورٽس جي عهديدارن جي ملاقات، مسئلن بابت ڳالهه ٻولهه

شڪارپور (ڊ ر) اڳوڻي صوبائي وزير ۽ ايم پي اي امتياز احمد شيخ سان واپارين ۽ اسپورٽس جي عهديدارن جي ملاقات مسئلا پيش ،حل ڪرائڻ جي خاطري تفصيل موجب اڳوڻي صوبائي وزير ۽ ميمبر سنڌ اسيمبلي امتياز احمد شيخ جي رهائشگاهه تي ضلعي شڪارپور ۾ راندين جي واڌاري ۽ نوجوانن کي جديد اسپورٽس سهولتون

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

سکر: سيپڪو سب ڊويزن ۾ بجلي چورن خلاف ڪارروائي ڪئي پئي وڃي

سکر ۾ روهڙي واسي عورت جو ڏير ۽ وڪيل جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

سکر (بيورو رپورٽ): روهڙي واسي عورت شبانه پٺاڻ سکر پريس ڪلب پهچي صحافين آڏو پنهنجي جان کي لاحق خطري بابت ڳالهه ظاهر ڪندي الزام هنيو آهي ته سندس ڏير اشرف نائچ ۽ هڪ وڪيل

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

سکر ضلعي ۾ بغير لائسنس ۽ اجازت نامي هلندڙ غير قانوني آرامشينن خلاف ڪريڪ ڊائون شروع

ڊويزنل فاريسٽ آفيسر سکر زياد الله لغاري عملي سان مختلف هنڌن تي ڪارروايون ڪيون

ڪارروائي دوران 14 غير قانوني، غير رجسٽرڊ ۽ بغير لائسنس هلندڙ آرا مشينن کي موقعي تي ئي سيل ڪيو ويو

آرامشين مالڪن کي قانون موجب رجسٽريشن ڪرائڻ لاءِ ڪيترائي ڀيرا نوٽيس جاري ڪيا ويا پر انهن عمل نه ڪيو: زياد الله لغاري

سکر (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بينچ جي جاري ڪيل حڪمن تي عمل ڪندي ٻيلي کاتي (فارسٽ ڊپارٽمينٽ) سکر ضلعي ۾ بغير لائسنس ۽ اجازت نامي هلندڙ غير قانوني آرامشينن خلاف وڏو

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

اوقاف کاتو ڀٽائي جي عرس دوران زائرين لاءِ بهتر انتظام نه ڪيا ويندا آهن:سجاده نشين

درگاهه جون 2 نشانيون آهن هڪ دنبورو ۽ ٻيو ڀٽائي جي ڪراڙ ڍنڍ آهي

عرس دوران سيڪيورٽي ۽ زائرين جي سهولتن تي خاص ڌيان جي ضرورت آهي

درگاهه جي مرمت، صفائي، ڪراڙ ڍنڍ جي بحالي ۽ قبضا ختم ڪرڻ جو مطالبو

ڀٽ شاهه (ن ع) درگاهه حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي قائم مقام سجاده نشين سيد مصطفا حسين شاهه لطيفي درگاهه جي سيڪيورٽي تي خدشا ظاهر ڪري ڇڏيا ڀٽ شاهه جي ڪراڙ ڍنڍ جي سونهن برقرار رکي وڃي، ڀٽ شاهه جي پريس ڪلبن کي ايوارڊ ۽ فنڊ ملڻ گهرجن ميڊيا سان ڳالهائيندي سيد مصطفا حسين شاهه لطيفي جو چوڻ هو ته درگاهه ڀٽائي جي سيڪيورٽي سان مطمئن نه آهيان اوقاف کاتي طرفان عرس مبارڪ دوران زائرينن لاءِ ڪاڏي جا

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

ڀٽ شاهه: سجاده نشين سيد مصطفا حسين شاهه ميڊيا سان ڳالهائيندي

سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر ۾ مهراڻ ڪامپليڪس جي دڪاندارن پاران نظرثاني درخواست داخل ڪرائي وئي

سکر(بيورو رپورٽ) مهراڻ ڪامپليڪس جي متاثر دڪاندارن سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر ۾ نظرثاني واري درخواست داخل ڪرائي ڇڏي آهي سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر ۾ مهراڻ ڪامپليڪس سکر جي متاثر دڪاندارن محمد شريف ٻنڊاڻي ۽ ٻين دڪاندارن طرفان وڪيل ظهير بابر معرفت نظرثاني واري آئيني پٽيشن داخل ڪرائي وئي آهي

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

اپيل اپيل
منجانب مزدور اتحاد واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن حيدرآباد

حيدرآباد: واسا ملازم پگهارون نه ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي، تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.